[شاعري]

رسالو توڪل فقير جو

سهيڙيندڙ:

ڊاڪٽر خادم ڍهوٽ ”خالق“

HAMA UST
همہ اوست

رسالو

توڪل فقير جو

(شاعري)

سهيڙيندڙ:
ڊاڪٽر خادم ڍوٽ ”خالق“

HAMA UST
همه اوست
2026

سڀ حق ۽ واسطا محفوظ

ڪتاب:	**رسالو توڪل فقير جو**
موضوع:	شاعري
شاعر:	توڪل فقير
سهيڙيندڙ:	ڊاڪٽر خادم ڏهوٽ ”خالق“
ڇاپو پهريون:	مارچ2026ع
ڪمپوزنگ:	قربان وڳهيو
تعداد:	500
ڇپائيندڙ:	همہ اوست پبليڪيشنز خيرپور ميرس، سنڌ
قيمت:	2500/- روپيا

ISBN: 978-969-23964-2-3

Risalo Tawakkal Faqeer Jo
[Poetry]

Poet:	**Tawakkal Faqeer**
Compiler:	Dr. Khadim Dahot “Khaliq”
1st Edition:	March 2026
Quantity:	500
Publisher:	Hama Ust Publications, A-3, Third Floor, Civil Centre, Khairpur Mirs Ph: 0345-8223739
Price:	Rs. 2500/-

فهرست

- **شجرو** 4
- **مهاڳ** 7
- **ڪافيون** 11
- منقبت حضرت مولا علي مشڪل ڪشا 337
- فقرنامو 339
- فراق نامو 341
- ٽيهہ اکري 345

شجرو

قنڌار ۾ عيسوزي قبيلي جي سردار سمندر خان پنهنجي ٻن ننڍڙن نينگرن گل محمد خان ۽ حيدر خان سميت ذاتي دشمني جي ڪري پنهنجي ماء قنڌار کي خير آباد چئي هندستان جو رُخ ڪيو. هندستان ۾ هنن جي پهرين منزل حيدرآباد دکن هئي. حيدرآباد جي حاڪم سمندر خان جي ڏاهپ کان متاثر ٿي ڪري کيس وڏي عهدي تي فائض ڪيو. هڪ رات جو سمندر خان خواب ۾ ڏٺو ته شهنشاهه قلندر لعل شهباز کيس حڪم ڪيو ته هنن دنيا وارن جي غلاميءَ کان اسان جي درجي گداگري ڪر ۽ اها تولاءِ وڏيڪ سٺي آهي. صبح ٿيڻ سان ئي سمندر خان پنهنجي ٻنهي فرزند گل محمد خان ۽ حيدر خان کي ساڻ ڪري حيدرآباد دکن کي هميشه لاءِ خير آباد چئي سيوستان جو رُخ ڪيو. جتي ٽئي ڄڻا قلندر سائينءَ جي درٻار ۾ اچي حاضر ٿيا.

سيوهڻ ۾ تنهن وقت جي گادي نشين جي هٿ تي بعيت ڪرڻ کانپوءِ سمندر خان جو نالو مٽائي تيغ علي شاهه رکيو ويو. ڪجهه سال سيوهڻ ۾ رهڻ کانپوءِ تيغ علي شاهه پنهنجي پٽن کي حڪم ڪيو ته اچو ته الله جي زمين جو سير ڪريون ۽ سير ڪندي ٽئي ڄڻا هاڻوڪي ضلعي سکر تعلقي روهڙي جي هڪ ننڍڙي ڳوٺ راناديرن ۾ قيام پذير ٿيا. جيڪو شهر سنگرار جي ويجهو آهي.

ڳوٺ راناديرن ۾ اتي جي درويش سيد ڪبڙ شاهه وٽ هنن جي رهائش هئي ۽ ڪجهه وقت گذرڻ کانپوءِ تيغ علي شاهه اُتي ئي وصال ڪري

ويو. سندس مزار پڻ اتي آهي. ٻئي نينگر گل محمد خان ۽ حيدر خان ڪجهه وقت اتي رهڻ ڪانپوءِ وري سيوهڻ طرف روانا ٿيا ۽ اتي اچي رهڻ ۽ رياضت ڪرڻ لڳا.

هي ٻئي نينگر سيوهڻ جي درٻار ۾ هڪ ئي سوال رکي ويهي رهيا ته اسان کي پنهنجو ظاهري ديدار ڪرايو. تنهن تي اتان حڪم مليُن ته جيڪڏهن توهان کي اسان جو ظاهري ديدار ڪرڻو آهي ته توهان حضرت هنباهه روانا ٿيو. توهان جو مطلب اتي پورو ٿيندو ۽ پوءِ ٻئي ڄڻا پڇائون ڪندا حضرت هنباهه اچي پهتا. جتي داتا فيض درياءَ جي روپ ۾ سندن مراد پوري ٿي ۽ چوڻ لڳا ته هي اهو ئي پاڻ آهي، جنهن اسان کي حڪم ڏنو هو ۽ پوءِ پاڻ ٻئي ڄڻا ان وقت ئي داتا جي هٿ تي بعيت ڪري سندس طالب ٿيا. داتا سندن نالا پيار وچان ڦيرائي گل محمد خان جو نالو توڪل علي ۽ حيدر خان جو نالو مٽائي شربت علي رکيو. جيڪي باقي سڄي زندگي انهن ئي نالن سان سڏجڻ لڳا.

حضرت هنباهه کان اٽڪل 2 ميل مفاصلي تي ڪچي جي علائقي ۾ سائين ڏنل شاهه جي درگاهه آهي. جتي هر سال ميلو لڳندو آهي. سيد ڏنل شاهه داتا فيض درياهه جو ظاهر ۾ استاد هو. سائين ڏنل شاهه جي ميلي تي اسان جي علائقي (ضلعو نوشهروفيروز) جا ماڻهو پڻ ويندڙ هئا. انهن پانڌيئڙن ۾ هتان جا ڪجهه جلباڻي قوم جا ماڻهو پڻ هئا ۽ انهن جلباڻي قوم جي ماڻهن جي واقفيت توڪل علي ۽ شربت علي سان اُتي يعني سائين ڏنل شاهه جي ميلي تي ٿي ۽ هنن ماڻهن کين هيڏي اچڻ جي پڻ دعوت ڏني. جيڪا توڪل علي ۽ شربت علي دل سان قبول ڪئي ۽ هن طرف اچڻ جو واعدو ڪيو.

ڪجهه وقت ڪانپوءِ ٻئي يائر ڳوٺ هوت خان جلباڻي تعلقو ڪنڊيارو ضلعو نوشهروفيروز ۾ پهتا. هتي پهچڻ ڪانپوءِ ٻئي يائر خان محمد فقير جي مئخاني تي اچي ترسيا. اتي پهرين ئي رات فقير شربت علي وصال ڪري ويو ۽ انهيءَ ڏينهن اتان جو هڪ جلباڻي نالي محمد رمضان فقير توڪل عليءَ جو طالب اچي ٿيو. جنهن کي پاڻ پيار مان رمز علي فقير سڏيندا هئا. شربت عليءَ جي وصال وقت توڪل علي

اتان جي ڳوٺ جي چڱي مڙس کي چيو تہ مان پنهنجي پيءُ کي قبرستان ۾ نہ رکندس. ان لاءِ ڪا الڳ جاءِ کپي. تنهن تي ڳوٺ جي چڱي مڙس ڳوٺ جي ڏکڻ طرف هڪ جڳهہ ڏيکاري چيو تہ توهان هن جاءِ تي پنهنجي پيءُ کي دفنايو.

فقير توڪل علي زندگيءَ جا باقي ڏينهن پنهنجي پيءُ جي قبر تي ئي گذاريا. اتي پنهنجو آستانو ٺاهي باقي زندگي ان آستاني کان ٻاهر نہ نڪتو.

سندن وصال پڻ اتي ئي ٿيو. سندن وصال جي تاريخ جي تہ خبر پوي ٿي، باقي سال بابت ڪا معلومات ڪانهي. سندن وصال 6 ذوالقعد تي ٿيو جتي هر سال 6، 7، 8، 9 ذوالقعد جي ميلو لڳندو آهي. هي ميلو درگاهہ فيض درياءَ جا سجاده نشين داتا بگن سائينءَ جن پاڻ ڪرائيندا آهن.

اڄ 6 آگسٽ 2020 تي فقير سائين مظفر مهيسر جي آستاني تي آيس. ظفر فقير سان گڏ ڏاڍي خوشي ٿي، هر شيءِ باقائدي سنڀاليل هئي. مولا سائين، ظفر ۽ معظم علي کي هميشہ شاد ۽ آباد رکندو.

هي توڪل سائينءَ جو رسالو بہ منهنجا هٿ آکر آهن.

توهان جو هر دم دعاگو

_ سيد ڪوڙل شاهہ بخاري

وينئل ڳوٺ ڊوڊا، تعلقہ ڪنڊيارو

مهاڳ

توڪل فقير صوفيت جي هڪ اهڙي لاٽ هئي، جنهن پنهنجي شاعريءَ ذريعي وحدت الوجود ۽ انا الحق جي اصولن کي نه رڳو سمجهيو پر پنهنجي زندگيءَ ۾ پڻ عملي طرح نافذ ڪيو. توڪل فقير جو جنم ۽ زندگي 19 صدي ۾ هڪ اهڙي دور ۾ ٿي، جڏهن سماجي ۽ مذهبي اختلافات عام هئا. ماڻهن ۾ طبقاتي فرق ۽ مذهبي تعصب وڏي پيماني تي موجود هئا. اُن دور ۾ صوفي شاعرن جي ڪوشش هئي ته ماڻهن کي هڪ اهڙي وحدت جي خيال ڏانهن راغب ڪن، جيڪا هر قسم جي تفرقي کي مٽائي، محبت ۽ انسانيت جي بنيادن تي قائم ٿئي. توڪل فقير به اهڙن صوفي شاعرن مان هڪ هو جنهن پنهنجي شاعريءَ وسيلي انسانيت جي وحدت ۽ انا الحق جو درس ڏنو.

اناالحق جو ماري نعرو، ھ رجا حق هلايون ٿا
من خدايم من خدايم، شاهي طبل وڄايون ٿا

توڪل فقير جي شاعريءَ ۾ هڪ طرف فڪر جي گهرائي آهي، ته ٻي طرف هڪ اهڙو احساس آهي، جيڪو دلين کي ڇُهي ٿو. فقير جي شاعريءَ ۾ وحدت الوجود جو تصور واضح آهي. وحدت الوجود جو مطلب آهي ته سڀ انسان، سڀ جاندار ۽ هر شيءَ ان وحدت جو حصو آهن. هي تصور انسانيت جي اتحاد ۽ محبت جي تعليم ڏئي ٿو جنهن ۾ هر قسم جي فرق ۽ اختلاف کي مٽائڻ جو پيغام آهي.

احد مين هون احمد بہ مين هون، قلزم مين قطرات
اول آخر توڪل سائين، ثابت مين هون اثبات

انا الحق جو اصول توڪل فقير جي شاعريءَ ۾ مرڪزي حيثيت رکي ٿو. انا الحق جو مطلب آهي ”مان حق آهيان“، جيڪو هڪ اهڙو فلسفو آهي، جنهن تحت انسان پنهنجي ذات ۾ الاهي حقيقت کي محسوس ڪري ٿو. هي تصور انسان کي پاڻ سان، ٻين سان ۽ الله سان هڪ اهڙي وحدت ۾ جوڙي ٿو. جيڪا محبت، سچائي ۽ انصاف تي مبني آهي. توڪل فقير پنهنجي شاعريءَ وسيلي انا الحق جي اهميت کي اُجاگر ڪيو ۽ ماڻهن کي هن اصول کي پنهنجي زندگيءَ ۾ نافذ ڪرڻ جي تلقين ڪئي.

دين ڪفر کان آهيان نيارو، آهي اسان جو عشق امام
اناالحق جو ٿو ماريان نعرو، سوري سر انجام

توڪل فقير جي شاعريءَ ۾ هڪ اهڙو اثر آهي، جيڪو پڙهندڙن جي دلين ۽ دماغن کي روشن ڪري ٿو. فقير جي شاعريءَ ۾ نہ رڳو فلسفي جي گهرائي آهي، پر هڪ اهڙو روحاني سرور آهي، جيڪو پڙهندڙن کي پنهنجي طرف ڇڪي ٿو. توڪل فقير پنهنجي شاعريءَ ۾ زندگيءَ جي هر پهلوءَ کي ڇُهيو. محبت، خدا سان لڳاءُ، انسانيت، سچائي ۽ عدل، هر شيءَ کي هن پنهنجي شاعريءَ ۾ شامل ڪيو. فقير جي شاعريءَ ۾ هر ڪنهن لاءِ ڪجهہ نہ ڪجهہ آهي، صوفين جي سفر کي بيان ڪندي فقير فرمائي ٿو:

صفا صوفي هون سوپارا، وڃون ٿا عرش اوپارا
بقا باالله امامت جا، ماريون دم چوٽ نغارا

توڪل فقير پنهنجي شاعريءَ وسيلي اهو پيغام ڏنو تہ انسانيت جي بنيادي اصولن کي سمجهڻ ۽ انهن تي عمل ڪرڻ ئي اصل زندگيءَ

جو مقصد آهي. فقير پنهنجي شاعريءَ ۾ اهو واضح ڪيو تہ محبت، اتحاد ۽ انصاف ئي انساني زندگيءَ جي اصل خوبصورتي آهي. هي ڪتاب ”رسالو توڪل فقير جو“ اُنهن سڀني ماڻهن لاءِ آهي، جيڪي پنهنجي زندگيءَ ۾ هڪ اهڙي روشنيءَ جي تلاش ۾ آهن، جيڪا انهن ڪي انسانيت، محبت ۽ انصاف جي راهہ ڏيکاري. توڪل فقير جو پيغام هر دور ۾ اهميت رکي ٿو. هن جو پيغام اڄ بہ اُتساهيندڙ آهي. هن ڪتاب ذريعي تمام طالبن ۽ پڙهندڙن ڪي توڪل فقير جي فڪر ۽ شاعريءَ سان واقفيت ٿيندي ۽ هن جي پيغام ڪي پنهنجي زندگيءَ ۾ نافذ ڪرڻ لاءِ اُتساهہ ملندو.

هي ڪتاب ”رسالو توڪل فقير جو“ اُنهن سڀني ماڻهن لاءِ آهي، جيڪي صوفيت جي بنيادي اصولن کي سمجهڻ ۽ انهن تي عمل ڪرڻ جي خواهش رکن ٿا. فقير جي شاعري ۽ فڪر هڪ اهڙي وحدت جي تعليم ڏئي ٿو جيڪا هر قسم جي فرق ۽ اختلاف کي مٽائي، محبت ۽ انسانيت جي بنيادن تي قائم ٿئي.

توڪل فقير هڪ صوفي شاعر هو جيڪو خود شناسي جي عظيم تعليمات کي پنهنجي شاعريءَ ۾ جڳائي ڇڏيو. هي ڪتاب ”رسالو توڪل فقير جو“ شاعر جي ڪلام ۽ فڪر جو هڪ مجموعو آهي، جنهن ۾ انسان شناسي جا تجربا مليل آهن.

جي تون پاڻ سڃاڻين پنهنجو آهين پاڻهي پاڻ امام
ڇڏ مذاهب دين کي، ترڪ ڪر ڪفر ايمان
مري جي تہ ماڻين، بحر بقا جو انعام

توڪل فقير جي شاعري توحيد ۽ وحدت الوجود جي موضوعن تي گهڻو ئي فوڪس ڪري ٿي. وحدت الوجود هڪ ئي الاهي حقيقت جو پرتو آهي، جنهن کي اسان پنهنجي مادي دنيا ۾ ڏسون ٿا. هي هڪ اهڙو فڪر آهي، جيڪو سچائي ۽ خودشناسي جي راهہ ڏيکاري ٿو. توڪل

فقير جي ڪلام ۾ هن فڪر جي عڪاسي واضح طور تي نظر اچي ٿي.

توڪل فقير پنهنجي شاعريءَ ۾ مرشد هادي فيض دريا کي بيان ڪري ٿو. فقير جي ڪلام ۾ انباهه شريف هڪ اهم موضوع آهي، جنهن ۾ هو مرشد سان محبت جي اڻ مٽ محبت جي وصف ڪري ٿو. فقير جي شاعريءَ ۾ محبت، وفاداري، ۽ فداڪاري جو مظاهرو ملي ٿو.

هر جا هادي حڪم هليندا، فيض محمد شاهه دا انباهه دا
چوڏهن طبق روشن سارا، ساڳا سر الله دا
صاف بگن وچ ثابت هويا، توڪل نون ويساهه دا

توڪل فقير شاعريءَ ۾ عشق الاهي جي پيغام کي پنهنجي انوکي انداز ۾ پيش ڪري ٿو جيڪو دل کي ڇهڻ وارو آهي. سندس شاعريءَ جا مختلف رنگ پيش ڪيا ويا آهن، جيڪي سندس فڪر ۽ فلسفي جي مختلف پهلوئن کي بيان ڪن ٿا.

آخر ۾ مان بيحد ٿورائتو آهيان نوجوان فقير ظفر علي مهيسر ”بيسر“ صوفي القادري جو جن فقير جو ڪلام هٿ ڪري مون تائين پهچايو ۽ ڪلام جو پروف پڻ چيڪ ڪيو. ان کان علاوه زاهد حسين ڏهوٽ، شاهد حسين گوپانگ، سيف الله سولنگي ۽ جمله طالب، سنگت ۽ فقرا جو قرب جن هن ڪم ۾ ساٿ ڏنو.

_ ڊاڪٽر صوفي خادم ڏهوٽ "خالق"

خيرپور، پهرين جون 2024ع

كافيون

ڪافي 1

ٿلهہ: ذات ساري حق ڄاڻين.
جو تون ڄاڻين پاڻ سڃاڻين

1۔ موتوءَ واري موج ۾
همت ڪر ڪا هاڻي.

2۔ ذات مقدس تون آهين
ظرف ٻئي ڇو تاڻين.

3۔ بيرنگ بحر عميق ۾
پنهنجو خيال اماڻين.

4۔ سر سڃاڻين توڪل سائين،
بحر بقاء ماڻين.

۔

ڪافي 2

ٿلهہ: ڏس هر جاءِ ظهورو ذات ميان.
عاشق سمجهہ اها تون صفات ميان.

1۔ فذکروني اذکرکم،
تن ۾ اها تات ميان.

2۔ موتوءَ واري موج ۾،
ڪوٺ پيگو ڪسرات ميان.

3۔ علم عقل جي ڪانہ هلي ٿي،
عشق آهي آفات ميان.

4۔ لامڪان ڪان نازل ٿيڙو،
نورا نور تجلات ميان.

5_ فيض رسائي هاديءَ ڪيڙي،
عشق ٿيو ارشاد ميان.

6_ انا احمد بلا ميمي،
عين ٿيو اثبات ميان.

7_ من خدايم من خدا،
وائي اها اٿم وات ميان.

8_ بنا احد الله جي،
ٻي نہ ٻولج بات ميان.

9_ سر سبحاني توڪل سائين،
لاحد پائج جهات ميان.

_

ڪافي 3

ٿلهه:غير گمان نہ آڻين،
جي تون ڄاڻين سر سڃاڻين.

1۔ و نحن اقرب نيڙي رهندا،
تل پري نہ ڄاڻين.

2۔ امر نهي طالب عقبيٰ،
سڀ فنا ڪر ڄاڻين.

3۔ انا الحق دا مارين نعرا،
خوف رُجا نون اڪاڻين.

4۔ پي پيالا بيخود ٿيوين،
بحر بقادا ماڻين.

5۔ ذات مقدس تون هئين لم يزلي،
ٻي ڪنهن طرف نہ تاڻين.

6۔ لامڪان ۾ توڪل سائين،
عاشق ٿي گذراڻي.

_

ڪافي 4

ٿلھ:ديد هنن کي ڏسڻ واري ناهي،
بازي عشق ٿو بنائي.

1۔ ميڙي احمد ڇام جي،
مرسل تو دوزخي دٻائي.

2۔ عشق عقل جي پاڙ پٽي ٿو
دانھ دُرَ ٿو منائي.

3۔ النبو عشق جو غالب ٿيڙو
تنهن کي ٻيو ڪير هٽائي.

4۔ عشق شوق شاهي شهباز آهي،
سارو سر ٿو سامائي.

5۔ هي جلوو شاھ فياض ڪيو
نوبت نينهن ٿو وڄائي.

6۔ ا توڪل هن يتيم جو قادر
پير مغان آهي.

۔

ڪافي 5

ٿلهہ: سوري سڏ ٿيو،
ڪاڏي ڪونہ ويو،
اصل عاشقن کي.

1۔ سوريءَ سر ساز،
سڻي انا الحق آواز،
پرت ڪيو پرواز،
نوري نور ٿيو.

2۔ سوريءَ مٿي ڪاهي،
سانگو سرن لاهي،
ڪو قتل عشق ڪڏائي،
سوري سر نيو.

3۔ سوري سر ساهي،
وچڙ اتي آهي،
لاڳاپا سڀ لاهي،
لاحد پائي ليئو.

4۔ سوري سر سلهائي،
پنهنجو پاڻ وڃائي،
آءُ بنان ٻيو ناهي،
آهي ساڳيو سر اُهيو.

5۔ سوري سر چڙهي،
لائي ڏُمَ ڏڙي،
پنا پرت پڙهي،
ساري ساٿ ڪيو.

6۔ سور سر سينگاري،
چڙهي نينهن نظاري،
انا تند تنواري،
ساڳي آهي سو.

7۔ سوريءَ سندو سير،
صوفي ڪر مٿير،
توڪل پاڪ فقير،
موتو مري جيو.

۔

ڪافي 6

ٽلهه: درسن پايا هادي ني الک لکايا،
الٽا پيد بنايا.

1۔ سرک صراحي شراباً طهورا،
جوشان جوش جڳايا.

2۔ اوچي اوچي ماڻي مد سون،
قده ڪلال پلايا.

3۔ احد کي بيچ ميم رلايا،
احمد بن جلوه پايا.

4۔ العشق نار يحرک ما سويٰ الله،
خاڪي جسم جلايا.

5۔ عدم اوپرهم ني قدم پايا،
تب لب حڪم هلايا.

6۔ آپ کون آپ پڇانا توڪل،
سائين سڀ سرهم تو سمايا.

ڪافي 7

ٿلهہ:سودا سردار ڪرٽا هئي،
ول پڇون تي نہ ولٽا هئي.

1۔ چوڙ خيال خودي دا سارا،
حرف پڙهين هم اوست والا،
پڇي ول مارين نينهن نغارا،
جوشان دي وچ جلٽا هئي.

2۔ وفي انفسکم سمجهہ اشارا،
ظاهر ويک اپنا نظارا،
اناالحق دا مارين نعرا،
سولي اوپر چڙهٽا هئي.

3۔ وحدت اندر ڪر تون گذارا،
اصل هئين تون نور نيارا،
لاحد اپنا ڪر تون اوتارا،
مئخاني وچ ملٽا هئي.

4۔ فيض محمد گُر همارا،
توڪل داون دست تمهارا،
بخشين اسان نون بره بقارا،
هوس نوس نون پلٽا هئي.

_

ڪافي 8

ٿلهہ: هادي رهبر رمزان لايان.
خوف خطر سڀ ڇوڙ سڌاٽا.

1۔ باہ برهہ دي پڙڪا لايا،
موج عشق دي جسم جلايا،
موتو قبلل مار جِوايا،
خيال عرش تي ترت اڏاٽا.

2۔ حال حلاجي سر تي آيا،
انحد باجي شور مچايا،
فثم وجه الله دم ڌن لايا،
سولي ساڏي سيج وڇاٽا.

3۔ فيض محمد پيد بتايا،
ساجن سيني صاف سمايا،
وحدت ڪا هادي رُڪا لايا،
پر پلايس جام پراٽا.

4۔ توڪل اپنا آپ پڇانا،
شربت ساقي وچ مئخانا،
ديس اَهن دي هويا يگانا،
امر نہ ڪوئي نهي پڇاٽا.

۔

ڪافي 9

ٿلهہ: آهين مرغ هوائي تون،
ولن ورڻ جي ڪر ڪا وائي تون.

1۔ پيهي وچ تون پنهنجي پاڻ ۾،
پسي نور صفاتي تون.

2۔ اڳي عرش عظيم کون وچ تون،
رمي ٿيءُ تہ راهي تون.

3۔ احديت جو طبل وڄائج،
لاھہ گمان گدائي تون.

4۔ الفقر ذات مع الله،
ڏئين ٿو پاڻ اوگاهي تون.

5۔ سر سڄاڻين توڪل سائين،
بيرنگ وٺ بقائي تون.

–

ڪافي 10

ٿلهه: آهي برهه تنهنجو بقائي،
سري سر آهين نور الاهي.

1۔ پيچي ڇڏ تون اوٿ عدم جي،
لائي لا سندي سر واهي.

2۔ قم بِاِذنيءَ جو سمجهه اشارو،
پير مغان فرمائي.

3۔ موتوءَ واري موج ۾،
ڪر سر جي ادائي.

4۔ لاڳ لاحد جي توڪل سائين،
عشق اڇي مونسان لائي.

۔

ڪافي 11

ٿلھ:ساڌو بازيگر بازي پانا،
مرني سون آگي مرجانا.

1۔ بازي پانا ھوڪي ديوانا،
ڦِر نہ ايڌر آنا.

2۔ ڇوڙين ڪايا ڇوڙين مايا،
ڇوڙين اي بت خانا.

3۔ ايسي نوبت پريم ڪي لاگي،
انحد ناد بجانا.

4۔ گوبند تجھ ڪو گر بتايا،
اس پر نون سيس لگانا.

5۔ آپ ۾ ديکا آپ ۾ پايا،
آپ ڪون آپ پچانا.

6۔ آپ ھي آتما آپ ھي پريۀ
آپي توڪل رام سمانا.

۔

ڪافي 12

ٽِلهہ: مخمور هويا مخمور هويا.
وچ ذات ظهورا نور هويا.

1۔ سُولي چڙهاوي ڪوئي هم نون،
اوئي تو هم منصور هويا.

2۔ رب ارني هم ني بُلايا،
موسيٰ هم ڪوهہ طُور جلايا.

3۔ ساقي مين تو مئخاني ۾ هون،
مئي ڪلال پرپور هويا.

4۔ سر سمايا توڪل سائين،
هم تو آپ حضور هويا.

–

كافي 13

ٿلهہ:ديوانہ هوا ديوانہ هوا،
هم تو پيالا پريم ڪا پيا.

1۔ پيني سي مدهوشي هوئي،
تن سون جان جدا ڪيا.

2۔ دست ۾ صراحي هوئي،
ميري هادي حب ديا.

3۔ انحد باجي ڀن ڀن سن،
آوازي نينهن نشي ني خيا.

4۔ جام جميعت شيشي شربت،
لالي ڪا رنگ لايا.

5۔ پير مان ني توڪل سائين،
شاهہ بيخودي ني عطا ڪيا.

۔

ڪافي 14

ٿلهہ:هير رانجهي دي آهي،
لوڪان نون خبر جا ناهي.

1_ ماڻهيان دي ليڪي چاڪ منجهيان دا،
ماهي سارا هي سر الاهي.

2_ اساڏي روز الست ڪنون،
ميان رانجهي دعا هي پڙهائي.

3_ ظاهر باطن ماهي ڄاڻان،
اور نہ ڄاڻان ڪائي.

4_ تخت هزاري دا صاحبزاده،
آوندا هي جهنگ پچائي.

5۔ ڪنڍ وچ گنڍيل مُک وچ مرلي،
رانجهو در در ڪردا گدائي.

6۔ ٻَل وچ ڪفني دست پهوڙا،
ماهي آوندا روپ مٽائي.

7۔ اَلَ اِنسَانُ سِرِي وَ اَنّا سِرّہُ،
ماهي ڏيندا هي عشق اوگائي.

8۔ اَنا اَحمَد بِلا مِيمِي،
ماهي چوٽ نغاري لائي.

9۔ ترڪ سيالاندا ڪر توڪل سائين،
گِهن تو برھ بقائي.

۔

ڪافي 15

ٿلهه:مين نون عبد نه پانوين،
قادر قهارا به مين هون.

1۔ خوف رُجا دا خواب اڪاٺين،
پيا ڪوئي غير نه ڄاٺين،
نور نيارا به مين هون.

2۔ احديت ديان موجان ماٺين،
خيال عرض تي اماٺين،
برهه بقارا به مين هون.

3۔ الانساني دا برقع پايم،
سارا سر سبحاني،
آخر اظهارا به مين هون.

4۔ من خدايم وي من خدايم،
وي ميان سولي سهجون ماڻين،
شاهہ هسوارا بہ مين هون.

5۔ احد احمد وي هڪو چاڙين،
وي ٻئي ڪنهن طرف نہ تاڙين،
بيرنگ سارا بہ مئن هون.

6۔ سر سماوين توڪل سائين،
وي اڳي قدم پاوين،
حق حقارا بہ مئن هون.

۔

ڪافي 16

ٿلهه: محو ٿي الله ۾ تون مار نعرو سڪندري.
هٿ ڪردم خزانو ناهي ٻي ڪا تونگري.

1۔ ڪر بند ڪل ڪفران ڪي،
هڻ ٽٻي تون پاڻ ۾،
پاڻ ۾ تون پنهنجي وٺ،
ملڪ جي ساري سروري.

2۔ سر ڪي ثابت ڪري تون،
رهه يگانو يار سان،
تان جسم سارو پاڪ ٿئي،
سينو تنهنجو ٿئي انوري.

3۔ پيچ اوٺ ازلات جي،
تان وصل ٿيئي در لامڪان،
حق سان نيئي هڪ ٿي،
وٺ عشق سندي رهبري.

4۔ رهه امن جي ديس ۾،
توڪل علي محڪم مدام،
هست ڪي تون نيست ڪر،
رک خيال سان پنهنجي دلبري.

—

ڪافي 17

ٿلهه:غرق ٿي الله ۾، وٺ عشق ڪان ارشاد ميان.
پيچ اوٺ ازلات جو ٿي قيد ڪان آزاد ميان.

1۔ ڪر بند ڪل فطرات کي ڏانهن سيني جي وري،
دم قدم ره خيال ۾ ڪر حق کي اثبات ميان.

2۔ هڻ ٽُبي تون پاڻ ۾ قيد ڪان لاقيد ٿي،
منجهه وحدت جي ولايت دور ڪر درجات ميان.

3۔ اناالحق جو مار نعرو حال ۾ حلاج جي،
سوريءَ اتي معراج ڪر ٿي ترڪ ڏانهن جسمات ميان.

4۔ وڃ پيهي پاتار ۾ اونهي نگهو سار ۾،
جذب ريءَ جبار جي ٻولي نہ ٻولج بات ميان.

5۔ پير مغان توکي ڏنو توڪل علي پي جام پُر،
بيخوديءَ جي باب جو فياض ڪيو امداد ميان.

–

ڪافي 18

ٿلهه: مرد مان منظور مان،
سوليءَ اتي منصور مان.

1۔ الانسان ما اعظم شان،
ثابت آهيان مان سر سبحان
منجهه وحدت جي ولايت،
سچ صفا ۾ وهلور مان.

2۔ رب ارني آواز منهنجو
لن تراني ناز منهنجو
موسيٰ بني مان نور تجلا،
نازل مٿي ڪوهه طور مان.

3۔ معنوي معراج منهنجو
قم بِاذني پرواز منهنجو
مان اصل اسرار آهيان،
نور حضور مان.

4۔ من خدايم من خدا،
ناهي الله مونکان جدا،
مست مان بيهوش آهيان،
بيخود آهيان چڪچور مان.

5۔ احد مان احمد مان،
توڪل علي آدم ٻـ مان،
رنگ مان بيرنگ آهيان،
مئخاني ۾ مخمور مان.

۔

ڪافي 19

ٿلهہ: مان اصل خيال آهيان،
عشق جو احوال مان.

1ـ غازي مان ميدان مان،
قتل مان قربان مان،
درد مان درمان مان،
وصل مان وصال مان.

2ـ عاشق مان معشوق مان،
خالق مان مخلوق مان،
رمز مان غمز مان،
بي سر آهيان قتال مان.

3ـ طالب مان مطلوب مان،
رهبر آهيان وجود مان،
بحر مان بيرنگ آهيان،
بي مثل بي مثال مان.

4ـ مڪان مان لامڪان مان،
توڪل علي خود نام مان،
نور مان نيشان آهيان،
ڪامل آهيان ڪمال مان.

ـ

ڪافي 20

ٿلهہ:عشق جي مڪتب ۾ ويهي،
گيت اناالحق چيو.

1۔ سوريءَ سر معراج هو،
عرش تي پرواز هو،
سبق سورن جا پڙهي،
سو تہ چاڙهہ عشق جي چڙهيو.

2۔ خلق لاءِ حلاج هو،
ڪُل انبياءَ جو سرتاج هو،
راز ربي هو رهبر مڙني جو،
پاڻهي وجي ڦاهي چڙهيو.

3۔ هي معجزو عاشق سندو،
ٿيو عرش فرش اتي زلزلو
بيخوديءَ ۾ خود سمايو،
سوريءَ سان عاشق ڪڙيو.

4۔ توڪل علي سر عاشق جو،
احوال آيو رهبر پرت جو پيالو پياريو،
وصل ٿيو در لامڪان ۾،
خيال بيرنگ ۾ جڙيو.

–

ڪافي 21

ٿلهہ: پيچ پنهل مون سان پاتو،
نينهن لڳو ناتو.

1۔ ڪاڻ ڪيچين جي روح منهنجي ڪي،
راتيان ڏينهن اوراتو.

2۔ اندر منهنجو سورن ساڙيو،
جوش ۾ جلان ٿو.

3۔ مٺو ڪري مُرلي نبضان تاران،
واڄٽ ٿيو سرائتو.

4۔ جيرا بڪيون هينئون ٿيئي،
سيخن ۾ پڪاتو.

5۔ سر سمايو توڪل سائين،
موتو مري جيان ٿو.

۔

ڪافي 22

ٿلهہ: ديد نال شهيد ڪتوئي،
آپ تہ عيد ڪتوئي.

1۔ مار دونالي ڪيفي ڪهري،
راهہ مسافر مار ڳڏوئي.

2۔ ابر و خنجر سيف الارن،
اها ول ڪٿون ريت سکيوئي.

3۔ مزگان بڙڇيان تير چلاون،
نيزا مار مسڪين ڇِٽيوئي.

4۔ ويک ڍوليا تيڏي بيپرواهي،
غمزا مار يتيم ڪتوئي.

5۔ ڪالي وال سجڻ دي بسيهر،
زلفان دا ول ڪوئي دام گهتيوئي.

6۔ فيض رساني هادي ڪيتي،
مئي دا پيالا پُر ڏتوئي.

7۔ حسن ماهي دي من ڪون موهيا،
توڪل ڪون نيٽان نال نيتوئي.

ڪافي 23

ٿلهه: دم الله سان اور،
راتيان ڏينهان ڏور.

1۔ فذڪروني اذڪرڪم،
سڪ جو سڳو سور.

2۔ موتو واري موج ۾،
سر ڪر عاشق گهور.

3۔ لائي سڪيلو لا جو،
پت هجڙ واري پور.

4۔ بيخودي جي بحر ۾،
لاڳاپا سڀ توڙ.

5۔ جهاتي پائي ڏس تون،
پاڻ پيارا جلوه حسن زور.

6۔ پاڻ سجاڻي پاڻ کي،
پچين چڏ سڀ پول.

7۔ سر سڄاڻج توڪل سائين،
نينهن نباهج توڙ.

۔

ڪافي 24

ٿلهہ: دين مذهب عشق نہ ڄاڻي،
عشق چکي ٿو ڪفر ۾ آڻي.

1۔ علم جي بات نہ ڪائي،
عشق آهي آفات الاهي،
ڄاڻ اصل ٿو پنهنجو ڄاڻي.

2۔ النبي عشق جي تابش لائي،
جنهن علم عقل جي مت منجهائي،
لاحد ۾ تو تاڻي.

3۔ عشق ڪري اتي آشيانو
جتي جن ملائڪ ناهي انسانو
ديس امن جو ٿو ماڻي.

4۔ ساقي عشق ڪري ڪلال وصال وصلي،
مئہ جو جام شراب پيارو اصلي،
عرش عظيم ڪون اڳي ٿو خيال اماڻي.

5۔ عشق توڪل سر سمايو
شاهي نوبت نينهن وڄايو
خوف رجا جو ويو خواب اڪاڻي.

۔

ڪافي 24

ٿلهہ:پرو عشق جو پيو،
جوئي هيو سوئي ٿيو.

1ـ جوئي ٿي ڳوليم سوئي هيا سي،
سوئي سراهيو.

2ـ پاڻ ڏنو سي پاڻ کي،
پاڻهي پائي پاڻ ليو.

3ـ انا الحق جو تون مار نعرو،
سوري سر سهو.

4ـ ظاهر ذات ٿي روشن ساري،
ٻري شَمُ پيو.

5ـ سر سهايو توڪل سائين،
موتو مري جيو.

ـ

ڪافي 26

ٿلهہ:ڪيتم ڪاف ڪشال ڪنون،
قلزم آپ مين آيم.

1۔ وچ احد دي ميم رلايم،
احد وچون بن احمد آيم،
سر سبحاني مان اعظم شاني،
احديت دا حڪم هلايم.

2۔ بحر عميق دا مرغ يگانا،
پَهن ڪي آيس پوش انسانا،
صورت دا ڪرڪي بهانا،
بشر دي وچ راز ڇپايم.

3۔ ڪن دي نال اي جڳت بنايم،
هر هڪ دي حق هلايم،
جوڙيم درد والا سامان،
آدم اپنا نام ڌرايم.

4۔ موسيٰ هوڪي طور جلايم،
نوح وچ طوفان آٽايم،
ابراهيم نون وچ آڙاهہ،
باغ بهشت دا خوب بنايم.

5۔ ذکريا سر کوٹ وهايم،
يونس پيٹ مڇي دي پايم،
يوسف کون لي کر کنعان،
وچ مصر دي ملهہ چکايم.

6۔ اسماعيل نون ذبح کرايم،
يحيٰ نون ول آپ مرايم،
پاک پياريان نون پيالا پلاکي،
وچ کربلا دي کنڌ کپايم.

7۔ سولي اتي منصور چڙهايم،
شمس الحق دا پوش اهوايم،
سرمد دا سِيس کٽاکي،
صوفي دا سر نيزي چڙهايم.

8۔ شيخ بلاول گهاٽي پيڙايم،
شيخ عطار نون قتل کرايم،
شيخ صنعان نون جٹيا پاکي،
بسطامي کو سر سمجهايم.

9۔ بحر اواگهہ ميرا مئخانہ،
توکل علي سارا سر سمانا،
غيب السان کي بات،
من خدا رباب وڄايم.

۔

ڪافي 27

ٿلهہ: درد ڪيا آهن ديرا ديرا،
جانب جا سائين جيءَ اندر ۾.

1۔ تخت هزارون تي جوڳي آيس،
ناتي نيڻن جي چاڪ سڏايس
هير رانجهي ڪيا ميڙا ميڙا.

2۔ يوسف تي ڪنيا نون آيس،
مصرر بازار ۾ ملهہ وڪايس،
ذوق ڏياريا ڦيرا ڦيرا.

3۔ ليليٰ وانگي ناتو لايم،
تي ڪري مجنون ڪٽنگ سڪايم،
پرت پرايا پيرا پيرا.

4۔ سور ٿيا اٿم ساهہ جا سونهان،
سرس ڏين ٿا اندر لوهان،
جوش جلايا جيرا جيرا.

5۔ جوش پنهنجي ڪون مون طور جلايو،
آهہ منجهارون مون ڏونگر ڏاريو،
سوز ڪيا هن گهيرا گهيرا.

6۔ عشق اڏيو وڃي عرش اوتارو،
توڪل سائين هڻ نينهن جو نعرو،
ورهہ وسايا ويرا ويرا.

۔

ڪافي 28

ٿلهہ: حسن ڪري آيو حملو حملو.
شاهي شان رکي سر شملو.

1ـ فوج نيڻن جي آرنگ برنگي،
مرد ميدان ۾ آيا جنگي،
جوڙي جنگ ٻڌي آيو جملو جملو.

2ـ ديدان ديدن ۾ اٽڪائي،
ترڪش تير انداز چلائي،
ماري ورتائون ملڪ دلين جو دلين جو.

3ـ رمزان رمزن ۾ ويون رلجي،
ڪنديون اکيون بي ريح ڪجل جي،
تکو تاب ڏئي آيو جلوو جلوو.

4ـ توڪل گُهور نيڻن جي گهايو،
الٽو پيچ پرينءَ مونسان پايو،
آهي روز الست اول جو اول جو.

ـ

ڪافي 29

ٿلهہ:ڪر نفي اثبات لونءَ لونءَ،
لاهي هو جي لات.

1۔ فذڪروني تند وڄائج،
اذڪرڪم ڪر تن ۾ تات.

2۔ موتو واري موج ۾،
انت موتو ٿي حيات.

3۔ انا الحق جو تون مار نعرو،
ترڪ ڪري جسمات.

4۔ ڪر برخيز تون مرد ميانو،
ذاتي ٿي مروهي ذات.

5۔ بيرنگ بحر بقا جو،
تو تي آيو ذات.

6۔ سر سماٽي توڪل سائين،
لاحد پائج جهات.

ڪافي 30

ٿلهہ: راتيان ڏينهان دم نون ڏور،
عشق آيا زوران زور.

1۔ فذڪروني اذڪرڪم،
پرت والا تون سڳڙا سور.

2۔ موتو قبلل انت موتو،
پڙ پڙ سڙ انحد گهور.

3۔ پڙهہ تون فرض فنائي والا،
سيني اوٿ عدم جي ٿوڙ.

4۔ الست بربڪم قالو بلي،
اپنا ڪيتئي آپي قول.

5۔ آوڙ دي نال عشق دي يارو،
ڏُئي دا لٿڙا گوڙ.

6۔ اناالحق دا تون مار نعرا،
سولي ڏانهن منهن نہ موڙ.

7۔ سر سمايو توڪل سائين،
ساجن هويا ميري ڪول.

–

ڪافي 31

ٿلهہ:مرسل ديد نما،
هادي رهبر رهنما.

1۔ پٽي پاڙون اسان جون،
مٿي عرش اڏاء.

2۔ فيض رساني ڪر اسان تي،
روحي راز رلاء.

3۔ بيرنگ بحر عميق ۾،
منهنجو خيال پڄاء.

4۔ عشق ازلي آڻ اسان تي،
سارو سر سماء.

5۔ قرب ڪري آءُ قادري،
مونکي ماڳ ملاء.

6۔ توڪل هن يتيم سان،
پنهنجو پال پلاء.

۔

ڪافي 32

ٿلهہ: سارا سر سماتي هون.
آپي آتي جاتي هون.

1۔ موتو قبلل انت موتو،
ازني نال ڄِواتي هون.

2۔ عبديت نون ڇوڙ ڪرهُڻ،
اوريت چلاتي هون.

3۔ انا الحق دا مارڪي نعرا،
سولي سر چڙهاتي هون.

4۔ سر سبحاني ما اعظم شاني،
دائما قدم اٺاتي هون.

5۔ انا احمد بلا میمي،
شاهي چوٽ چلاتي هون.

6۔ من خدایم موج اسا ڏي،
حال هم اوست ۾ ڳاتي هون.

7۔ هر هڪ دي صورت اندر،
صاحب سیر میجاتي هون.

8۔ وچ بیرنگي بحر اُتي،
اپنا روح رلاتي هون.

9۔ هر هڪ صورت آه توڪل سائین،
سهسین کیل ڪلاتي هون.

۔

ڪافي 33

ٿلهہ: نِڪر منجهان ناسوت،
تڏهن رسين نيئي بود کي.

1۔ جهاتي پائي ڏس پاڻ ۾،
نينهن جو صد تون ڪر سجود.

2۔ عبديت جو پول پيجي ڪري،
آهين سو پاڻ معبود.

3۔ گهڙي گهاڙ جبروت ۾،
ملڪ تنهنجو ملڪوت.

4۔ لا ڪري وڄ عرش اڏامي،
حاصل ٿئين هاهوت.

5۔ محو ٿي تون توڪل سائين،
لاحد ماڻ لاهوت.

–

ڪافي 34

ٿلهہ: ٿيءُ نفي نابود،
تڏهن رسين نيئي بود کي.

1ـ ناهہ ڪري ڇڏ نفس کي،
رهبر ٿي ربود.

2ـ نفي ناسوت ڪري وڃ نڪري،
ويراڳي وئون جبروت.

3ـ ڪر پرواز مٿي ملڪوت جي،
هلي مٿي هاهوت.

4ـ ڪر برخيز ڏانهن مرد ميانو،
لاحد پس لاهوت.

5ـ لامڪان پنهنجو اڏ اوتارو،
آهين تون معبود.

6ـ توڪل نالو گم ڪري،
سارو سو حق موجود.

ـ

ڪافي 35

ٿلهہ: آنبهہ عشق آٽي ڪيو ڪيو.
رهيو نام هڪ حق جو.

1ـ لاخوف عليهم ولاهم يحزنون،
خوف رجا سڀ ويو ويو.

2ـ من راني فقد رائي الحق،
موج ۾ مرسل چيو چيو.

3ـ الانسان سري و انا سره،
ثابت ٿيو سو اهيو اهيو.

4ـ انا احمد بلا ميمي،
احدون ٿي احمد ٿهيو ٿهيو.

5ـ اني ان الله لا الله الا انا،
ڪونهي ڪو ٻيو ٻيو.

6ـ سر سهايو توڪل سائين،
رنگ بيرنگ ۾ پيو پيو.

ـ

ڪافي 36

ٿلهہ: ترڪ ڪيو سي صفات،
ذاتي آهيان ذات جو.

1ـ موتو واري موج ۾،
ڪوٺ پڳو ڪسرات.

2ـ خلق الانسان عليٰ صورته،
سارو موجودات.

3ـ خلق الاشياء وهو عين هم،
عين ٿيو اثبات.

4ـ اڳي عدم ڪنئون قدم ڪنيو سي،
لنگهي پيا سي ظلمات.

5ـ انّي ان الله لا الله الا انا،
وائي اها اٿم وات.

6ـ سر سهايو توڪل سائين،
لاحد پائي جهات.

ـ

ڪافي 37

ٿلهہ: عشق ڪري برسات،
سارنگ آيو سر تي.

1۔ بادل برسي آيو،
جهرمر لائي تجلات.

2۔ وڄن گهوران گهوريون،
اٿيون ٿي عرفات.

3۔ روضي پاڪ رَسول جي،
ريجهہ ٻڌائون رات.

4۔ موٽي مڪي آئيون،
پرهہ ڦٽي پرڀات.

5۔ نور حضور ۾ توڪل سائين،
پائي ڏس تون جهات.

۔

ڪافي 38

ٿلهہ: گيان ڪي ڪتا پجن ڪرتا.
آپ گرو آپ نانڪ بنتا.

1۔ بادل گاجي بجلي چمڪي،
ڪالي سون ڦر چاندن ڪرتا.

2۔ آون جاون مؤجان مئہ ديان،
رم جهم رِم جِهم پڙتا پڙتا.

3۔ ذات ۾ آتا ذات سماتا
سيم ڪي چادر لاتا پاتا.

4۔ دارا تيرٿ توڪل سائين،
پن ڪي ويکين دوئي ڪا بوتا.

ڪافي 39

ٿلهہ:مين هون ڪرشن مين هون ڪان،
هري هوچند ميرا نام.

1۔ ڪتا مين هون وارتا مين هون،
ڏارا تيرٿ مين هون گيان.

2۔ گنگان مين هون جمنا مين هون،
ڪاشي ڀڳونت مين ڀڳوان.

3۔ آتما مين هون پريو مين هون،
مين هون گوبند مين هون رام.

4۔ نانڪ ميڻ هون لڇمڻ مين هون،
مين هون دوارا مين هون ڏيام.

5۔ آپ سمانا توڪل سائين،
سري سرمين هون سبحان.

۔

ڪافي 41

ٿلهہ:سامي جهاڳي سُجَ ميان،
اڏامي واهيري تي وڄ ميان.

1۔ گهور ساهہ سڄڻ تون،
در نہ ڪر هڪ دم ميان.

2۔ مري جيءُ تہ ماڻئين،
ناهہ وارو صحن ميان.

3۔ اڳي نفي اثبات کون،
وڄ تون پيهي منجهون قدم ميان.

4۔ لنگهي ازلات کان،
پڄين اوٿ عدم ميان.

5۔ پيهي وڄ پاتار ۾،
ڪڙ ڪايا منجهون قدم ميان.

6۔ بيرنگ بحر عميق ولايت جو،
ماڻ ديس امن ميان.

7۔ توڪل سائين غيب السان ۾،
عاشق ٿي تون گم ميان.

ڪافي 42

ٿلهه: آهي الستون راز ڪر پرواز،
پيچ تون پيچرو پکيئڙا.

1. اچي ٿو غيب السان مون،
حق سندو آواز.

2. چڙهه سوليءَ پڙهه سبق اناالحق جو،
سوئي آهي تنهنجو آ ساز.

3. اڳي وچ ڪُن فيڪون ڪون،
آهين تون شهباز.

4. توڪل وصل مئخاني ماڳ سان،
ڪيو شاهه فياض.

—

ڪافي 43

ٿلهہ: جوڳي ڇڏي جسمات،
هئي هات هئي هات.
سامي گهڙيا تنهن سير مون.

1_ آديسي اتي ويا،
جتي ذات نڪا آه صفات.

2_ جوڳين جوڳ پچايا،
ڪائي ڪل خطرات.

3_ اپري سير سنوان ٿيا،
باري پري ويا پيڙات.

4_ بحر ۾ پيهي ويا،
لنگهي ويا ظلمات.

5_ مارياءِون مڇ ڪي،
لائي لا جو ڪات.

6_ ڪالاڇيءَ جي ڪن ۾،
نور ڏٺاءِون تجلات.

7_ آرامي ٿيا توڪل سائين،
لاحد پاتاءِون جهات.

_

ڪافي 44

ٿلهہ: سوري تي سر سلهايون ٿا.
گيت اناالحق جو ڳايون ٿا.

1ـ ٻارڻ ٻاري عشق جو،
جوش ۾ جيءُ جلايون ٿا.

2ـ پاڻ سڃاڻي پاڻ کي،
ڀول نہ ٻيو ڪو ڀانيون ٿا.

3ـ جذبي ريءَ جبار جي،
ٿاهہ نہ ٻيو ڪو ٿاهيون ٿا.

4ـ انا احمد بلا ميمي،
سارو سو سمايون ٿا.

5ـ بيخوديءَ جي بحر ۾،
لاڳاپا سڀ لاهيون ٿا.

6ـ الفقر فخري و الفقر مِني،
آيت هيءَ الايون ٿا.

7ـ سر سمائين توڪل سائين،
طرف مئخاني ڪاهيون ٿا.

ـ

ڪافي 45

ٿلهہ: اسان لاڳ احد جي لايون،
بحر بقا تي ڪاهيون ٿا.

1ـ انا احمد بلا ميمي،
احديت هلايون ٿا.

2ـ حال حلاجي موج مستي،
نوبت نينهن وڄايون ٿا.

3ـ موتو واري مام ۾،
وهم وجود وڃايون ٿا.

4ـ اڳي ڪن فيڪون ڪون،
پنهنجو خيال اڏايون ٿا.

5ـ ترڪي لوح قلم ڪي،
روحي رمز راهيون ٿا.

6ـ سبحاني ما اعظم شاني،
اڳي قدم پايون ٿا.

7ـ بيرنگ بحر عميق ۾،
پنهنجو روح رلايون ٿا.

8ـ لامڪان ۾ توڪل سائين،
دائما دم ملايون ٿا.

ـ

ڪافي 46

ٿلهہ: آهيان مان منصور،
سيجهہ سوري آهي ساز منهنجو.

1۔ دم اناالحق آهي منهنجو،
سدا رهون مئہ مخمور،
من خدايم آهي ماڳ منهنجو.

2۔ جوش جباري آهي جاري،
بيخود آهيان مان چڪچور،
عرش مٿي آهي آغاز منهنجو.

3۔ آهي مئخانو منهنجو دائما،
ناهہ ڪيم منظور،
بحر اعظم آهي اواگهہ منهنجو.

4۔ توڪل نالو پرت ڪيو منهنجو،
آهيان مان نور حضور
قُم بِاذني آهي پرواز منهنجو.

–

ڪافي 47

ٿلهہ: آهيان مون تہ بقاءِ،
ناهيان فاني فنا فڪر ۾.

1_ لا الله ڪون اڳي ويا سي،
الا الله ڪون آزاد،
حد لنگهي وڃي لاحد ٿيا سي.

2_ موتو قبلل مري جيا سي،
ٿيو عرش مٿي پرواز،
ديس امن جي قيومي ٿيا سي.

3_ حال حلاجي موج ۾،
سوريءَ تي سردار،
اناالحق جو گيت ڳايو سي.

4_ پيهي وياسي بحر اعظم ۾،
ٿيو روشن لامڪان،
اسم جسم ڪون ترڪ رهيا سي.

5_ توڪل نالو ناهہ ڪيو سي،
سارو سر الله،
سير سريءَ جو سوجهي لڌو سي.

_

ڪافي 48

ٿلهه: ٻيجل ڪئي ٻاڪار،
لڳي تند طريقت جي.

1ـ سورٺ تي آهون ڪري،
ٿيو غلغلو ۾ گرنار.

2ـ سُر ۾ سدا سِرَ جي،
ٻيو ذر نڪو زيوار.

3ـ تندن جنهن جي جان جدا ڪئي،
ڏنو سر ڏاتار.

4ـ ڏيئي سر سرهو ٿيو،
سوڍ ڪتي سردار.

5ـ سر وڃي سائل هليو،
راضي ٿيو مڱڻهار.

6ـ سِر جو سودو سرڪ تي،
سنگ ٿيو نروار.

7ـ پي ڪري جام محويت جو،
واقف ٿيو وصال.

8ـ سر سَمايو توڪل سائين
حقيقت تي اظهار.

ـ

ڪافي 49

ٿلھ: ويھي چارڻ چوريو چنگ،
سِرَ جي سائل سئن هنئي.

1۔ ڏي سر نانءَ الله جي،
پاڻ ڪري قربان،
هيءَ نہ ايندءِ ويل وري.

2۔ ڏي سر تہ سرهو ٿئين،
نہ تہ پوءِ ڪندين ويچار،
راجا ويندي منڊ مري.

3۔ ٻيجل ٻيھر تند ٻولائي،
ٿيو زلزلو ۽ گرنار،
ڏونگر پيا ڪوٽ ڪري.

4۔ ڪپي سر پائي موڪليو ٿالھہ ۾،
ڏنو جي ڏاتار،
هاڻي ٿي پئي ڳالھہ ڳري.

۔

ڪافي 50

ٿلھ: حضرت عشق آھي شھنشاھ،
پياري ٿو جام حوض ڪوثر جو.

1۔ علم عقل جي پاڙ پٽي ٿو،
ھيڪل ھڪ ھسوار.

2۔ لا مظھر آھي عشق نيارو،
دين ڪفر ڪان ڌار.

3۔ عشق اناالحق جو گيت ڳائي ٿو،
سوريءَ تي اظھار.

4۔ سو لامڪان ڪان آشيان ڪري ٿو،
اسم جسم ڪان بيزار.

5۔ بيخوديءَ ۾ خود ڪري ٿو،
توڪل سائين ساقي ٿيو سردار.

—

ڪافي 51

ٿلهه: برهه سنائي بات،
عاشق ٿو توحيد ڪري.

1۔ پڳو ڪوٽ گرنار جو،
لاجو لڳو ڪات.

2۔ بيخوديءَ جي بحر ۾،
ترڪ ٿيو جسمات.

3۔ اڏاري ويو اڳي عرش عظيم کون،
خيال لنگهيو ظلمات.

4۔ نسنگ نعرو لڳو نينهن جو،
حق ٿيو اثبات.

5۔ سر سمايو توڪل سائين،
لاحد پائي جهات.

–

ڪافي 52

ٿلهه: پاڻ پروڙيم پنهنجو،
آهيان الک پاڻ.

1ـ فذڪروني اذڪرڪم،
اٿم روح رهاڻ.

2ـ و نحن اقرب ويجهڙو آهي،
اهو آديسي اهڃاڻ.

3ـ بيرنگ بحر عميق جو،
پروهيم چاڻ.

4ـ لا مڪان آشيانو اسان جو،
اصل سوئي وٿاڻ.

5ـ سر سمايو توڪل سائين،
سارو مئہ مهراڻ.

ـ

ڪافي 53

ٿلهہ: و نحن اقرب ويجهڙو،
پچين ڪوهہ پرياڻ.

1۔ جو ڪجهہ اصل الست تون،
هُيَڙين صورت ساڳي سڃاڻ.

2۔ ذات قدسي تون آهين،
طرف نہ ٻئي ڪنهن تاڻ.

3۔ الانسان سري و انا سره،
ثابت سر کي ڄاڻ.

4۔ بيرنگ بحر عميق ۾،
عاشق خيال اماڻ.

5۔ سر سمائي توڪل سائين،
بحر بقا جو ماڻ.

–

ڪافي 54

ٿلهہ: پاڻ آهين ڪعبو پاڻ آهين قبلو
آهين پاڻيهي پاڻ امام.

1۔ لا ڪري وڃ اڏامي،
مٿي عرش اڏام.

2۔ ترڪ ڪري وڃ جسم خاڪي،
خطرا ڪائي خام.

3۔ اڳي تہ ڪن فيڪون ڪون،
ڪامل ڪڻ تون گام.

4۔ مار نغارو احديت جو
پي بيخوديءَ جو جام.

5۔ بيرنگ بحر عميق آهي،
توکي سارو سير انعام.

6۔ پس لاحد لامڪان پنهنجو
توڪل سائين مئخانو تہ مدام.

۔

ڪافي 55

ٿلهہ:هٿ ڪر عاشق خيال ڪي،
آهين خود خيال.

1۔ ترڪي لوح قلم ڪي،
پنهنجو ڪر نيڪال.

2۔ طالب ويڙا اوڏانهن ڪاهي،
جتي نه آهي ٻي ڪا قِيل مقال.

3۔ ٿاهہ نہ پيو ڪو ٿاهجي،
جذب ريءَ جلال.

4۔ پيهي ڏس تون پاڻ ۾،
جلوو نور جمال.

5۔ لامڪان نازل ٿيو
ڪيو قادر قرب ڪمال.

6۔ اصل بحر اعظم آهي،
تنهنجو وصل وصال.

7۔ ماڳ مئخاني جو توڪل سائين،
آهين ڪين ڪلال.

۔

ڪافي 56

ٿلهه: حضرت عشق موري گهر آيا.
آيا سر صحيح سمجهايا.

1۔ آگ عشق ڪي آتش لائي،
تن من صاف جلايا.

2۔ موتو قبل لانت موتوا،
ڦر ازني سيتي جوايا.

3۔ ڀن ڀن انحد باجي،
بانگي ايسا الک جگايا.

4۔ يہ هي نوبت پريم ڪي لاگي،
تب هم انا الحق الايا.

5۔ جلوا عشق ڪا غالب هوا،
اوپر عرش اڏايا.

6۔ لاحد هوا توڪل سائين،
سڀ سر هم تو سمايا.

–

ڪافي 57

ٿلهہ: آديسي ويا اتي ڪاهي،
جتي جاءِ جن ملائڪ جي ناهي.

1۔ فذڪروني اذڪرڪم،
درياهہ وحدت ۾ غازي ٿيڙا گم،
ويا سڪ سڳو مٿي ساهي.

2۔ تارڪ ٿيا وجودون ويسارا،
موتو قبلل جا ٻُڌي اشارا،
تن جو پنيور سان چاهي.

3۔ سامي ويڙا عرش اوپارا،
اناالحق جا ماري نعرا،
لا ڪري ويا لاڳاپا لاهي.

4۔ سچ صفا ۾ واصل ٿيڙا،
حد ڇڏي لاحد پيڙا،
اهو واهيرو آهي.

5۔ پي پيالو بيخود ٿيڙا،
ڪامل سي مئخاني ويڙا،
اصل ديس امن سو آهي.

6۔ محو ٿيا توڪل سائين،
جاڏهون آيا ويا اوڏانهن،
سارو سُر ويا سمجهائي.

ڪافي 58

ٿلهه: تنهنجي پرت ڪئي هان چري چري،
هلي آءُ دوست وري.

1۔ اڳڻ اسان جي آءُ پيارا،
نہ تہ ويندس محب مري مري.

2۔ درد اوهان جو آهي اسان کي،
توريءَ ڪانہ سَري سري.

3۔ نينهن اوهان جي آتش لائي،
اندر آڳ ٻري ٻري.

4۔ سوگهو ڪيڙو پساهہ اسان جو،
سڄڻ ڪولهہ ڏريئي ڏريئي.

5۔ توڪل عاشق اوهان جي پسڻ لاءِ،
ڳاراٽي ۾ ويو تہ ڳري ڳري.

–

ڪافي 59

ٿلهہ: ٻي جسم آهيان ٻي جان.
سري سر آهيان سارو سبحان.

1۔ ذات قدسي اصل آهيان،
ٻي رنگ ٻي مثل آهيان،
آيس ٿي انسان.

2۔ احديت ۾ احد آهيان.
لاشريڪ مان واحد آهيان،
سير ساري جو سلطان.

3۔ لامڪان ۾ واصل آهيان،
نور حضور مان ازل آهيان،
تجلو مان تجلان.

4۔ جوش منهنجو آهي جباري،
قادر قرب مان آهيان قهاري،
آيس غيب السان.

5۔ وحدت وي ولايت آيو،
توڪل علي بحرا واڳهہ سمايو،
مدامي مئخان.

۔

ڪافي 60

ٿلهہ: آهيان مان اسم جسم کان جدا،
وهم لحم کان مان تارڪ آهيان.

1۔ موتو قبلل مري جيا سي،
لاپڙهي وجي پري پيا سي،
سر ڪيو سي فدا.

2۔ ڏُئيءَ وارو ڪوٽ ڀڳوسي،
زرا پرزا پيچ پور ڪيوسي،
ڪئي سي پنهنجي ادا.

3۔ هڏ چم واري ڪم ۾ ناهيان،
ذڪر فڪر جي غم ۾ نہ آهيان،
آهيان نورالهديٰ.

4۔ ظاهر ۾ ٿيو توڪل علي نام منهنجو،
بحر بيرنگ بقا بالله منهنجو،
آهيان مان خود خدا.

ڪافي 61

ٿلهہ: آهيان شهنشاهہ،
سانگي پنهنجي مان هنڙي آيس.

1۔ موتو واري موج ۾،
فرض پڙهيو سي فنا في الله.

2۔ پنهنجي ذات اثبات ڪيان ٿو،
عام ٿئي ٿو گمراهہ.

3۔ الانسان سري ۾ برقعو پهريم،
آهيان مظهر نور الله.

4۔ پاڻ سڃاتم پاڻ کي،
آهيان مان بي پرواهہ.

5۔ بحر اعظم جو مرغ آهيان،
اتي آيو ارواح.

6۔ سر سمايو توڪل سائين،
سارو سر الله.

۔

ڪافي 62

ٿلهہ: آهيان خود خيال،
آيو عشق جو مون سر احوال.

1_ اڳي وڃان ٿو عرش عظيم ڪون،
پنهنجو ڪيان ٿو نيڪال.

2_ احديت جو ٿو طبل وڄايان،
ٿيو واصل وصل وصال.

3_ بيرنگ بحر عميق ۾،
ريجهي وياسي برحال.

4_ ساقي آهيان مئخاني جو،
ڪامل ڪيف ڪلال.

5_ سر سمايو توڪل سائين،
صاحب ذوالجلال.

_

ڪافي 63

ٿلهه: آهيان پاڙيهي پاڻ امام،
احديت جو هادي آهيان.

1ـ موتو واري موج ۾ ميان،
آهيان واصل وصل وصال،
وحدت واحد وادي آهيان.

2ـ فنا في الله جو فرض پڙهون ٿا،
اتي ويو اٿم خيال،
جتي قبل نہ ڪوئي ماضي آهيان.

3ـ اناالحق جو گيت ڳايون ٿا،
سوري سر انجام،
شوق شهادت شادي آهيان.

4_ عدم واري اوٺ پڳي سي،
ڏيئي نغاري چوٽ،
نوبت نينهن منادي آهيان.

5_ الفقر ذات مع الله،
پاڻ پروڙيم پيغام،
هي آيت عشق واعدي آهيان.

6_ ساقي آهيان مئخاني جو،
بيخود پيتم جام،
ڪامل ڪيف ڪلاتي آهيان.

7_ سر سمايو توڪل سائين،
حق ٿيو اثبات،
مرد ميدان غازي آهيان.

_

ڪافي 64

ٿلهه: باڪا ڪيڏن وي برهه دي بازي،
مرد بهادر غازي.

1_ نينهن دي ٻاجهون وي حاصل نه ٿيوي،
ٻانوين هووي نيڪ نمازي.

2_ فنا في الله دا وي فرض پڙهيو نهين،
اور نه چاڻن قاضي.

3_ سولي چڙهندي وي مَول نه ولدي،
اناالحق آوازي.

4_ نفل نمازان وي ورد وظيفي،
اي سپ حيلا سازي.

5_ بار برهه دا ني وي سرتي چاون،
رند رضا وچ راضي.

6_ سر سمجهايا ني وي توڪل سائين،
مرشد شاهه فياضي.

_

ڪافي 65

ٿلهہ: بات برهہ دي نون ڪوئي ڪوئي سمجهن سياڻي.

1۔ موتوا قبلل مَرِڪي جيون،
ويندي عرش اڏاڻي.

2۔ شوق شتاب عقاب اساڏا،
ديس بقا ماڻي،

3۔ بحر اعظم وچ اُڏ اُڏ آون،
مرد سي مرداڻي.

4۔ ذات سماوي ذات ڪون ڳاري،
ذاتي ذات پڇاڻي.

5۔ سر سمايا توڪل سائين،
واصل ٿيا مئخاني.

۔

ڪافي 66

ٿلهہ: پهن ڪي آيس وي برقعا انساني،
هان مين نور نوراني.

1ـ وچون احد دي ٿي احمد آيس،
سارا سر سبحاني.

2ـ لامظهر مين هون دُر يگانا،
سر پر تاج شاهاني.

3ـ موتو قبلل انت موتو،
تارڪ هون جسماني.

4ـ اسم جسم ڪنون فارغ آهيان،
هان مين غيب الساني.

5ـ ڪن فيڪون نون جوڙ ڪڙايم،
ڪيتم حڪمراني.

6ـ عشق عقاب اڏائي ويندا،
لاحد وچ آشياني.

7ـ سر سمايا توڪل سائين،
هان مين لامڪاني.

ـ

ڪافي 67

ٿلهہ: عاشق ٻڌ دي ني وي عشق دي ڳاني،
مرد سيئي مرداني.

1ـ وچ ميدان دي غازي آون،
گوءِ چاتي پهلواني.

2ـ گيت اناالحق سوره ڳاون،
نيزي سر نشاني.

3ـ احديت دا حڪم هلاون،
مار طبل شاهاني.

4ـ سر دي بازي تي سرڪ پلاون،
مست رهن مئخاني.

5ـ بحر سماون توڪل سائين،
واصل ٿيئي آشياني.

ـ

ڪافي 68

ٿلهہ: عاشق ڪولي نقاب،
توڙ عبديت جو حجاب،
آءُ امن واري ديس تي.

1۔ لا ڪري وڃ نڪري اڳي عرش عظيم ڪنئون،
ڏئي ڏُئيءَ کي جواب.

2۔ پيچ تون اوٺ عدم واري،
پلا عرش اڏاري عقاب.

3۔ موتو واري موج ۾ شال جيوين،
هٿون ڇڏي حجاب.

4۔ پي پيالو محويت جو،
پلا پڙهہ بيخوديءَ وارو باب.

5۔ اناالحق جو مار تون نعرو،
پلا چڙهه سوليءَ تي شتاب.

6۔ بحر بقا ازل ماڻج،
پلا تنهنجو آهي نينهن نواب.

7۔ لاحد لامڪان ۾ ٿي آشياني،
پلا آهي عشق تنهنجو ارباب.

8۔ سر سڄاڻج تون پنهنجو توڪل سائين،
پلا نور آهين ماهتاب.

۔

ڪافي 69

ٿلهه: پنهنجو تون پاڻ سڃاڻ،
چڙهه عبديت جو چاڻ،
عاشق آءُ احديت ۾.

1۔ و نحن اقرب ني وي اوڏڙو،
پلاوي سڄڻ توئي آهي ساڻ.

2۔ و في انفسڪم وي سمجهه اشارو،
پلاوي پُرجهي ڏس پنهنجو پاڻ.

3۔ ذات قدسي ني وي ازل آهين،
پلا وي غير گمان نه آڻ.

4۔ بحر بقا جي وي منزل سائين،
پلاوي اپري وٺ مهراڻ.

5۔ سر سڃاڻي توڪل سائين،
پلاوي وٺ بيخوديءَ جو ٽاڻ.

۔

ڪافي 70

ٿلھ: عبديت چوڻ ۾ گناھ،
آءُ سارو معبود آھيان،
آھيان احديت جو شاھ.

1۔ العشق نارُ‘ يحرڪ ما مولا،
عشق وارو آڙاھ.

2۔ ظاھر پنھنجي ذات ڪيان
عشق پنھنجو اثبات ڪيان ٿو،
ذوق ماڻيان ٿو بقا.

3۔ پنھنجي ديس بقا سان رھبر ربود آھيان،
واصل آھيان ۾ سچ صفا.

4۔ اصل غيب السان ۾ آھيان گذراني،
پلا آھيان مان ھُو ھوا.

5۔ وحدت وي ولايت ساري،
پلا روشن اسان ڪي آ.

6۔ من خدايم من خدا،
ڪونھي ڪوئي ٻيو مونکان سوا.

7۔ سر سمايو توڪل سائين،
آھيان خود خيال الله.

–

ڪافي 71

ٿلهہ: ڏي سر عاشق عشق ۾،
پاڻ ڪري قربان.

1۔ عشق واري آڙاهہ ۾،
پچي ٿي پروان.

2۔ موتو قبلل انت موتو،
فرمودو فرقان.

3۔ ٻيج تون اوٿ عدم جي،
سر آهين سبحان.

4۔ اڳي تہ عرش عظيم ڪون آهي،
اصل تنهنجو آشيان.

5۔ ذات پنهنجي اثبات ڪر،
آهين نور نيشان.

6۔ مئخاني ۾ توڪل سائين پيءُ،
بيخوديءَ جو جام.

۔

ڪافي 72

ٿلهه: لا ڪري وڃ نڪري توڙ دُئيءَ جو دام،
خطرا ڪائي خام.

1۔ موتو واري موج ۾،
ڪر هنئين ڪي قتلام.

2۔ پاڻ سجاڻين پاڻ پڇاڻين،
ٻاقا ڪڻ هڪ گام.

3۔ اناالحق جو مار تون نعرو،
سوريءَ سر انجام.

4۔ مار نغارو احديت جو،
هر جاءِ تنهنجو حڪام.

5۔ ٻاجهون احد الله جي،
ٻيو نہ وٺ اسلام.

6۔ بحر بقا ازل ماڻي،
تنهنجو آهي عشق امام.

7۔ مئخاني ۾ توڪل سائين،
عاشق رهہ تون مدام.

ڪافي 73

ٿلهہ: عرش وڃان ٿو اڏري آهيان،
مرغ هوا بحر پيو هان سماءِ.

1۔ دين ڪفر کان آهيان نيارو،
نڪا سڌ ثواب جي نڪا غرض گناهہ.

2۔ نانءُ نڪو آهہ نشان منهنجو مڪان لاحد آهي،
اهو ديس امن جو آهہ.

3۔ اسم جسم کان فارغ آهيان پلا آهيان،
خيال الله آهيان احديت جو شاهہ.

4۔ سوئي صورت ساڳي آهيان،
پلا ڪونهي پيو مون کان سواءِ.

5۔ سري سر ٿي هنڙي آيس، توڪل سائين،
آهيان هو هوا مظهر نورالهديٰ.

۔

ڪافي 74

ٿلهہ: عاشق سر جي بازي سر تي سر کي قتلام،
آهين پاڙهين پاڻ امام.

1ـ موتو قبلل ني وي انت موتو،
يلا پاڙ اهو انجام.

2ـ عرفت ربي ني وي بِربي،
يلا پاڙ اهو انجام.

3ـ ڪل شيءِ ناطق ني وي باالحق،
يلا اهو تہ پروڙج پيغام.

4ـ بلا ميم ني وي احمد آهين،
يلا وٺ احديت جو اسلام.

5ـ ماڳ مئخاني جو ماڻي توڪل سائين،
يَلا پيءُ بيخوديءَ جو جام.

ـ

ڪافي 75

ٿلهه: آيو عشق سندو مون سر احوال،
آهيان خود خيال.

1۔ موتو قبلل مري جياسي،
ڪري وجودون نيڪال.

2۔ ظاهر پنهنجي ذات ڪيان ٿو،
سارو نور جمال.

3۔ اناالحق جو ٿو ماريان نعرو،
پاڻ ڪيان ٿو قتال.

4۔ همه اوست واري حال ۾،
آهيان مست نهال.

5۔ لامڪان نازل ٿيڙو،
آيو قرب ڪمال.

6۔ وحدت ويءَ ولايت ۾،
رهبر آهيان بهال.

7۔ بيرنگ بحر عميق آهي،
منهنجو وصل وصال.

8۔ ماڳ مئخاني توڪل سائين،
ساقي آهيان ڪيف ڪلال.

۔

ڪافي 76

ٿلهہ: مرغ آهيان هوائي،
رهان ٿو مٿي آشياني.

1۔ الفقر ذات مع لا،
ٿيو حاصل سچ صفا.

2۔ انا احمد بلا ميمي،
مرسل ٿيو اوگاهہ.

3۔ اول آخر هڪڙوئي آهيان،
ناهي ٻيو مون ڪانسوا.

4۔ لامڪان نازل ٿيو،
سارو هو هوا.

5۔ بحر اعظم جو توڪل سائين،
سڀ سر ٻيو آهيان سما.

۔

ڪافي 77

ٿلهه: اڏر پکي پرڏيهي،
چڏي هي ڪايا ديهي.

1۔ فذکروني اذکرکم،
رمز انهيءَ دل ريهي.

2۔ هڻ ٿبي پنهنجي پاڻ ۾،
وڃ دروني پيئي.

3۔ پڙهه سبق اناالحق جو،
عشق جي مڪتب ويهي.

4۔ ساقي بيخود جام پياريو،
هتان حاج هجڻ جي ويئي.

5۔ ماڳ مئخاني ۾ توڪل سائين،
ٿي مرد مردانو نيهي.

۔

ڪافي 78

ٿلهہ: اڏر پکي واھيري،
اڳي عرش عظيم ڪون.

1۔ پي پيالو وحدت وارو،
بي خود ٿي ڦري.

2۔ اناالحق جو مار تون نعرو،
سوريءَ سر سنبيري.

3۔ لا ڪري وڃ نڪري،
اسم جسم کي نبيري.

4۔ پنھنجي ديس بقاء کي،
نظر ڪٽي ڏس ڦيري.

5۔ وحدت ويءَ ولايت جي،
عاشق آءُ تون وري.

6۔ ماڳ مئخاني توڪل سائين،
رھہ سدائين ديري.

۔

ڪافي 79

ٿلهہ: آهي عشق امام منهنجو،
بحر بقا ماڻيان ٿو پنهنجو.

1۔ اڳي عرش عظيم ڪون ميان،
آهي وطن واهيرو منهنجو.

2۔ ترڪ ڪيان ٿو لوح قلم ڪي،
سڀ سانگ ٿيوسي سنهنجو.

3۔ لاچئي ڪري لاحد وياسي،
اتي خيال ٿيو آهي منهنجو.

4۔ جوئي هياسي سوئي ٿياسي،
ٻيو خطرو ناهي تنهنجو.

5۔ سر سمايو توڪل سائين،
اهو ديس آهي تہ امن جو.

۔

ڪافي 80

ٿلهہ: پنهنجو پاڻهين پاڻ سجاڻ،
احديت جون موجان ماڻ.

1۔ موتو واري موج ۾ ميان،
خوف رَجا جو خواب اُڪاڻ.

2۔ اناالحق جو ماري نعرو،
سر سوريءَ تي چاڙهڻ.

3۔ پڇين اوٿ عدم جي ميان،
اڳي خيال اُماڻ.

4۔ انا عرب بلا عين آهي،
ڄاڻ اهوئي ڄاڻ.

5۔ بحر اعظم ۾ توڪل سائين،
پنهنجو روح رَلائڻ.

ڪافي 81

ٿلهہ: عاشق ڪر اثباتي،
ڏس ظهورو ذاتي.

1۔ موتو واري موج ۾ ميان،
ترڪ ڪري جسماتي.

2۔ اڳي وڃ تون عرش عظيم کون،
لنگهي پَئہُ ظلماتي.

3۔ عدم واري اوٿ پيجي ڪري،
لائي لا سندي سر ڪاتي.

4۔ نور حضور ۾ توڪل سائين،
پائي ڏس تون جهاتي.

۔

ڪافي 82

ٽلهہ: آهيان عشق سندو ارباب،
احديت جو هادي آهيان.

1ـ العشق نارُ، يحرڪ ما سويٰ الله
جوش جلايو حجاب.

2ـ بيخوديءَ جي باب ۾،
ويو خوف رجا جو خواب.

3ـ انا الحق جو گيت ڳايون ٿا،
سوريءَ تي تہ شتاب.

4ـ من خدايم من خدا،
نينهن وڄايان ٿو رباب.

5ـ بحر اعظم جو مرغ آهيان،
شاهي منهنجو آ لقاب.

6ـ دم منصوري آهي منهنجو،
قلندري تہ خطاب.

7ـ ساقي ڪلال آهيان مئخاني جو،
پُر پيان ٿو شراب.

8ـ سري سر آهيان توڪل سائين،
کولي ڇڏيو سي نقاب.

ـ

ڪافي 83

ٿلهہ: حضرت عشق آهي شهنشاهہ،
علم عقل جي ڇڙهہ وڃائي.

1۔ عشق ازل عريان ڪري،
عرش مٿي آشيان ڪري ٿو،
حق ڪري ٿو اثبات،
لاحد ۾ ٿو جهاتي پائي.

2۔ فنا في الله جو ٿو فرض پڙهائي،
افلاڪن تي ٿو قدم رکائي
لاجو لائي ڪات گيت،
اناالحق ٿو پرتئون پڙهائي.

3۔ انا عرب بلا عين ٿيو،
سواءِ عين عرب رب ٿيو،
ائين فرمايو شاهہ عشق
ڪلهن ڪون ڪنڌ ڪپائي.

4ـ انا احمد بلا ميم آهي،
ميم بنا سو احد آهي،
اهو سُخن ڪيو سردار ڳلَ اها
ڪنهين ڪنهين ڪي آهي.

5ـ برهہ بيخود ٿو جام پياري،
لامڪان ٿو خيال اڏاري،
ترڪ ڪري آصفات،
لاڳاپا ٿو لوڪ جا لاهي.

6ـ سر سمايو توڪل سائين،
اصل جو هيو ٿيو صورت سائي،
واصل ٿيو مهراڻ،
بحر اعظم ۾ روح رلائي.

—

ڪافي 84

ٿلهہ: جوڳي جڳ چڏي،
ويا جي وجودون اڳي،
سامي چڙهيا پورب ڪان

1۔ لاهي لاڳاپا لوڪ جا،
لاهوتي ويا لعل لڏي.

2۔ اصل سڃاڻين پنهنجو،
ناهين ڪنهن جي هڏي.

3۔ واصل ٿيا وڃي وس سان،
اتي پنهنجا خيال گڏي.

4۔ واقف ٿيا تہ وصال ڪان،
لاحد هيڙن سڏي.

5۔ بحر اعظم ۾ توڪل سائين،
عاشق مئخانو اڏي.

-

ڪافي 85

ٿلهہ: اسان بار برهہ جو کڻنداسي.
چوٽ عشق جي چڙهنداسي.

1۔ فذکروني اذکرکم،
پنا پرت جا پڙهنداسي.

2۔ موتو قبلل انت موتو،
قرب انهيءَ ۾ ڪڙهنداسي.

3۔ عشق سندي درياهہ ۾،
رهبر ٿي تنهن ۾ ترنداسي.

4۔ العشق نارُ يحرڪ ما سويٰ الله،
باهہ برهہ جي ۾ سڙنداسي.

5۔ انا الحق جو ماري نعرو،
سوريءَ کون نہ مڙنداسي.

6۔ سر سڃاڻي توڪل سائين،
ماڳ مئخاني ۾ ملنداسي.

۔

ڪافي 86

ٿلهہ: اسان بار برهہ جو چايون ٿا.
پنهنجو اڳي قدم وڌايون ٿا.

1ـ الانسان سري و انا سره،
سارو سر سمايون ٿا.

2ـ اناالحق جو ماري نعرو،
هر جاءِ حق هُلايون ٿا.

3ـ من خدايم من خدايم،
شاهي طبل وڄايون ٿا.

4ـ اڳي تہ عرش عظيم کون،
پنهنجو خيال اڏايون ٿا.

5ـ بحر اعظم ۾ توڪل سائين،
پنهنجو روح رَلايون ٿا.

ـ

ڪافي 87

ٿلهہ: اصل الست از آهيون،
گيت اناالحق ٿا ڳايون.

1ـ قتل سندي ڪار ڪيون ٿا،
اسم جسم ڪان ڌار ڪيون ٿا،
سر جي بازيءَ تي سُرڪ پيون ٿا،
شوق شهادت ٿا پايون.

2ـ فنا في الله جو فرض پڙهون ٿا،
چاڙهہ عشق جي چست چڙهون ٿا،
عرش عظيم کون اڳي وڃون ٿا،
پير پرت ۾ ٿا پايون.

3ـ عشق پنهنجو اثبات ڪيون ٿا،
لا وارو هٿ ڪات ڪيون ٿا،
لاحد ۾ وري جهات ڪيون ٿا،
اڳي قدم ٿا پايون.

4ـ ماڳ مئخاني مدام ملون ٿا،
توڪل سائين بيخود جام پيون ٿا،
بحر بقا جو سير ڪيون ٿا،
ديس امن جي پيا آهيون.

ـ

كافي 88

ٽلهہ: جبو پهري هت آيس انساني،
لَمِ يَزلي آهيان سر سبحاني.

1۔ اصل اول بي مثل هئاسي،
هيڪل اتي ڪين ٿهياسي،
سانگي پنهنجي پاڻ آياسي،
جوڙ ڪيو سي جملو جهاني.

2۔ بي چوني جو چون بنايم،
احد ۾ وري ميم رُلايم،
ٿي ڪري احمد جلوو پايم،
هر جاءِ ڪئي سين حڪمراني.

3۔ ڪن فيڪون پاڙيهي فرمايم،
حوا آدم جو برقعو پايم،
بهشت دوزخ جو دڙڪو ٺاهيم،
سير ڪيو سي سڀ سلطاني.

4۔ توڪل علي پنهنجو پاڻ سڃاتم،
لاڳ لاحد وارو لاتم،
گيت اناالحق جو ڳاتم،
عاشق آهيان لامڪاني.

۔

ڪافي 89

ٿلهہ: عاشق آءٌ احديت ۾،
نوبت نينهن وڄاءِ وڄاءِ.

1۔ بنا ديس وطن پنهنجي،
هت نہ آهي رهڻ جي جاءِ جاءِ.

2۔ موتو واري موج ۾،
وهم وجود وڃاءِ وڃاءِ.

3۔ ڪُل سير في الارض توڪي،
سير سيوئي تنهنجو آه آه.

4۔ اصل واري واهيري تي،
پنهنجو خيال پڄاءِ پڄاءِ.

5۔ سر سماٽين توڪل سائين،
لاڳ لاحد جي لاءِ لاءِ.

۔

ڪافي 90

ٿلهه: ڪر پرواز تون اڳي ميانو.
وحدت وارو مار ترانو.

1۔ موتو واري موج ۾،
پيچ بوتي جو بهانو.

2۔ ترڪ ڪري چڏ تون لوح قلم کي،
وڃ لنگهي آسمانو.

3۔ مٿي عرش عظيم ڪون،
پنهنجو ڪر آشيانو.

4۔ آءُ امن واري ديس تي،
پنهنجو غيب ۾ ڪر گذرانو.

5۔ اسم جسم ڪون ٿي ڪري فارغ،
پس لاحد لامڪانو.

6۔ سر سمائين توڪل سائين،
ملهي بيهه مئخانو.

۔

ڪافي 91

ٿلهہ: عشق هوراندا خيال نرالا،
ڪڙا سوري تي سِرُ انگي.

1۔ وچ ميدان دي غازي آون،
آپ سلهاون انگهي.

2۔ دين مذهب ڪون دور ڪريندي،
پرت پيالا منگي.

3۔ موتو قبلل مرڪي جيون،
وحدت دي وچ ونگئي.

4۔ انالحق دا نعرا مارن،
مرڻ ڪنون نہ سنگئي.

5۔ ڪيئي حضرت عشق گنوائي،
ڪوڙين عاشق ٽنگئي.

6۔ سر سماون توڪل سائين،
لا ڪنون اڳي لنگهئي.

۔

ڪافي 92

ٿلهه: عشق جي درياءَ ۾،
پيا عاشق اوپارا گهڙي.

1ـ واءَ وحدت جي اڏاريا،
صدق ثابوتيءَ جي تاريا،
اناالحق ويا ماري نعرا،
ويا سير ۾ ساموندي لڙهي.

2ـ ڪنڌي نہ ڪنار آهي،
سپ درياهہ تارو تار آهي،
تنهن جو آر نڪو پار آهي،
تنهن ۾ ٽپي ڪري طالب ويا تري.

3ـ ڪرڙو ڪُن قهار آهي،
يڪو نگهوسار آهي،
تنهن ۾ ڪوپا ڪاهي،
اهي موتو ويا مري.

4ـ توڪل علي سارو سر سمايو،
عشق سر احوال آيو،
بحر اواگهہ ۾ خيال آيو،
واصل ٿيا ۾ مئخاني وري.

ـ

ڪافي 93

1ـ ٿلهہ: عشق ازل ديوان ڪري ٿو،
هوش عقل کان هاج لنگهي ويئي.

علم عقل جي ڪانہ هلي ٿي،
عشق جڏهن عريان ڪري ٿو.

2ـ موتو واري موج ۾،
طالب سر قربان ڪري ٿو.

3ـ عشق واري آڙاهہ ۾،
عاشق ڏس پروان جلي ٿو.

4ـ ديس امن جو ٿو عشق ڏيکاري،
لاحد ۾ وري ڏيان ڌري ٿو.

5ـ جام وحدت عشق ڪلال پياريو،
فائض فيض رسان ڪري ٿو.

6ـ اناالحق جو ماري نعرو،
سوريءَ سر ازان ڪري ٿو.

7ـ ترڪي لوح قلم ڪي،
عرش مٿي آشيان ڪري ٿو.

8ـ سر سمايو توڪل سائين،
مدامي مئخان ڪري ٿو.

ـ

ڪافي 94

ٿلهہ: اسان چاڙهہ عشق جي چڙهنداسي.
اسان عاشق ڪڏهن نہ مڙنداسي.

1۔ فذڪروني اذڪرڪم،
پنا پرت جا پڙهنداسي.

2۔ برهہ واري باهہ ۾،
پروانو ٿي ڪري سڙنداسي.

3۔ عشق سندي درياهہ ۾،
اوپارا ٿي گهڙنداسي.

4۔ اونهي نگهوسار ۾،
ٿي ڪري طالب ترنداسي.

5۔ بيرنگ بحر عميق ۾،
ٿي ڪري رهبر رلنداسي.

6۔ سر سجاڻي توڪل سائين،
ماڳ مئخاني ۾ ملنداسي.

ڪافي 95

ٿلهه: پيچ پنهل سان پايوسي.
رنگ لايو سي.

1ـ الٽو بار برهه جو چايو سي.

2ـ فذڪروني اذڪرڪم،
طلب پرينءَ جي تايوسي.

3ـ موتو قبلل انت موتو،
شوق شهادت پايوسي.

4ـ عشق واري آڙاهه ۾،
جان جسم جلايو سي.

5ـ نينا مزگان تير چلاون،
گهور حُسن جي گهايوسي.

6ـ فنا في الله جي فرض پڙهون ٿا،
بحر بقا ۾ آيوسي.

7_ عدم واري اوٺ پيڇي سين،
لاجو چوٽ چلايوسي.

8_ اڳي عرش عظيم کون،
پنهنجو خيال اڏايوسي.

9_ اناالحق جو ماري نعرو،
سوريءَ سر الهايوسي.

10_ بيرنگ بحر عميق ۾،
پنهنجو روح رُلايوسي.

11_ رهبر شاهه فياض ٿيو،
هادي حق سمجهايوسي.

12_ بيخوديءَ جي بحر ۾،
وهم وجود وڃايوسي.

13_ توڪل سائين غرض نه ڪائي،
سارو سر سمايوسي.

_

ڪافي 96

ٿلهه: پرت سڄڻ سان پايوسي چت لايوسي.
نينهن نشانبر نعرو ماريوسي.

1۔ ترڪي لوح قلم کي،
اڳي وک وڌايوسي.

2۔ الانسان سري و انا سره،
ثابت سر کي ڪيوسي.

3۔ موتو قبلل انت موتو،
ٻول پرينءَ سان پاريوسي.

4۔ ڪثرت وارو ڪوٽ پڳوسي،
ذات ۾ ذات رُلايوسي.

5۔ ساقي بيخود جام پياريو،
پرت پرابت پايوسي.

6۔ من خدايم من خدايم،
شاهي طبل وڄايوسي.

7۔ بيرنگ بحر عميق ۾،
پنهنجو روح رُلايوسي.

8۔ سر سڃاڻين توڪل سائين،
لاڳ لاحد لايوسي.

۔

ڪافي 97

ٿلهہ: عشق امالڪ آيو سر سمايو،
سورهہ ٿي معراج ماڻيوسي.

1۔ عشق آڙاهہ ابراهيم وارو،
تنهن ۾ عاشق جسم جلايو.

2۔ نيزي سر نيشان ڪيوسين،
گيت اناالحق ڳايو.

3۔ احديت جو طبل وڄي ٿو،
هر جاءِ حڪم هلايو.

4۔ اڳي ازلات ڪون،
عشق عقاب اڏايو.

5۔ توڪل سائين سمجهہ اٿانهين،
بيرنگ رنگ لايو.

–

ڪافي 98

ٿلهہ: مست الست آهيون روز ميثاقي،
عشق اسان جو آهي اوشاقي.

1۔ فنا في الله کون اڳي وياسي،
لنگهي کون ظلماتي.

2۔ موتو قبلل مري جياسي،
ٿي آهي معاف مماتي.

3۔ پاڻ ڏنوسي پاڻ ۾ پنهنجو
پائي پاڻ ۾ جهاتي.

4۔ ظاهر پنهنجي ذات ڪيان ٿو
عشق ٿيو اثباتي.

5۔ خيبر وارو ڪوٽ ڀڳوسي،
لائي لا جي ڪاتي.

6۔ ماڳ مئخاني جا توڪل سائين،
ڪامل آهيون ڪين ڪلاتي.

۔

ڪافي 99

ٿلهہ: عشق ۾لي ڪر آوندا من ۾اوندا،
ظاهر باطن حڪم هليندا.

1۔ مار نعرا اناالحق دا،
سولي پڪڙ چڙهاوندا.

2۔ بزن بزن ڪر آپ جو چڙهندا،
سر منڪر دا گهاوندا.

3۔ اذني اذني ڪيتس اشارا،
اوپر عرش اڏاوندا.

4۔ مار نعرا احديت دا،
نوبت نينهن وڄاوندا.

5۔ آپ پڇانا توڪل سائين،
سارا سر سماوندا.

–

ڪافي 100

ٿلهه: آدم نام الله دا شهنشاهه دا،
سمجهه صحيح ڪر رمز اهائي.

1_ بوتي اندر ماريم غوطا،
وحدت وچ درياهه دا.

2_ مار زغاوت ڏيوسي ظاهر،
عام ڏيون گمراهه دا.

3_ آپ ڪون آپ سجاتم،
سڪ سچي ويساهه دا.

4_ چوڏنهن طبق ترڪ ڪيتوسي،
آيا لاحد وچ ارواح دا.

5_ لامڪان سير ڪيتوسي،
رهبر عشق ڏيوسي راهه دا.

6_ سر سمايا توڪل سائين،
ڪامل بيپرواهه دا.

_

ڪافي 101

ٿلهه: بنا اناالحق چوڻ جي،
پيو سڀ حيلا سازي، قسم فياضي.

1۔ جنگ فرنگي عاشق جوڙن،
لا جي تير اندازي، قسم فياضي.

2۔ محبت جي ميدان ۾،
گوءِ ڪٽن ٿا غازي، قسم فياضي.

3۔ سوريءَ تي سر چاڙهن،
ڪيڏن برهه جي بازي، قسم فياضي.

4۔ موتو شوق شهادت پائن،
طلب تنين جي تازي، قسم فياضي.

5۔ برهه ملامت بار ڪٽن ٿا،
رهن رضا منجهه راضي، قسم فياضي.

6۔ فرض فنا في الله پڙهن ٿا،
ملان نه ڄاڻن قاضي، قسم فياضي.

7۔ عرش عظيم ڪون اڳي وڃن ٿا،
شوق ڪري شهبازي، قسم فياضي.

8۔ ويا آشياني توڪل سائين،
قبل ناهه جِتِ ماضي، قسم فياضي.

ڪافي 102

ٿلهہ: پاڻيهي رهبر عشق وڪيل،
لنگهيو پاهي منجهان فيل.

1۔ پاڻيهي هندو پاڻيهي مؤمن،
پاڻيهي پاڻ ڪٺيل.

2۔ پاڻيهي ملان پاڻيهي قاضي،
پاڻيهي مست عليل.

3۔ پاڻيهي راجا پاڻيهي رعيت،
پاڻيهي پاڻ اپيل.

4۔ پاڻيهي وحدت پاڻيهي ڪثرت،
پاڻيهي پاڻ بخيل.

5۔ پاڻيهي گُرو پاڻيهي گوبند،
پاڻ وڃائي نفيل.

6۔ پاڻيهي مولا هر مظهر ۾،
پاڻيهي توڙي سڀ دليل.

7۔ پاڻيهي عابد پاڻيهي معبود،
پاڻيهي پاڻ ڪٽي جنبيل.

8۔ پاڻيهي احد پاڻيهي احمد،
پاڻيهي آري ڄام اصيل.

9۔ پاڻيهي موسيٰ طور تجلي،
پاڻيهي پاڻ خليل.

10۔ پاڻيهي ڪعبو پاڻيهي قبلو،
پاڻيهي رب جليل.

11۔ جاءِ انهيءَ تي توڪل سائين،
ايندو ڪوڙين مون ڪو قليل.

۔

ڪافي 103

ٿلهہ: وڃ دروني پاتم جهاتي،
ڪيتم عشق اثباتي،
لائي لا دي ڪاتي.

1۔ فڪر فنا ڪون چوڙ ڪرهڻ،
ٿئي سي نت حياتي،
لائي لا دي ڪاتي.

2۔ جوئي هلياسي سوئي ٿياسي،
ساڳي صورت مين سڃاتي،
لائي لا دي ڪاتي.

3۔ عدم تي قدم ڏريوسي،
ڪنون انگهہ اڳي ظلماتي،
لائي لا دي ڪاتي.

4۔ وڃ بحر بيرنگي والي،
ذات رهيوسي ذاتي،
لائي لا دي ڪاتي.

5۔ ساقي مئہ دا توڪل سائين،
ڪامل ڪيف ڪلاتي،
لائي لا دي ڪاتي.

–

ڪافي 104

ٿلهہ: نہ آهيان ملان، نہ آهيان قاضي،
نيڪ نمازي ناهيان.

1۔ رند ميدان غازي آهيان،
پير نہ پوئتي پايان.

2۔ نہ آهيان هندو نہ آهيان مؤمن،
گبر يهودي نہ آهيان.

3۔ لا مظهر آهيان نور نيارو،
شيعو سُني نہ آهيان.

4۔ سوري سيجهہ شتاب چڙهون ٿا،
گيت اناالحق ڳايان.

5۔ پاڻ ۾ جهاتي پائي پاڻ ڏسون ٿا،
طرف نہ ٻئي ڪنهن ڪاهيان.

6۔ ماڳ مئخاني توڪل سائين،
مست مدامي آهيان.

–

ڪافي 105

ٿلهہ: پنهنجو مٿي ڪر پرواز،
شاهي آهين شهباز،
ويئون اصل واهيري تي.

1۔ فنا في الله جو فرض پڙهي ڪري،
ناهہ پي ڪا نماز.

2۔ ڪُل سيرو في الارض سير آهي تنهنجو پلا،
بحر آهي بي انداز.

3۔ اناالحق جو مار تون نعرو پلا،
سيجهہ سوري آهہ تنهنجو ساز.

4۔ اڳي عرش عظيم کون،
عشق اڏائج باز.

5۔ بيرنگ بحر عميق ۾،
روحي رلائج راز.

6۔ سر سڄاڻي توڪل سائين،
ديدان ڪري ڏس دراز.

—

ڪافي 106

ٿلهہ:اسان ڏي ويڙهي هادي يار آيا،
دلدار آيا، صورت دا سردار آيا.

1۔ فذکروني اذکرکم،
واحد وحدت دي وچ ٿيوسي گم،
وحدت دا وينجهار آيا.

2۔ و نحن اقرب آپ الايس،
ساجن رڳ رڳ وچ سمايس،
صاحب آپ ستار آيا.

3۔ موتو قبلل مرجيوسي،
فنا في الله لنگي اڳي ٿيوسي،
بحر بقا دا بهار آيا.

4۔ توڪل سائين سمجهہ اٿانهين،
ساقي مئہ صراحي پلائي،
سارا سر اسرار آيا.

–

ڪافي 107

ٿلهه:اصل الست آءٌ ازل آهيان،
هندو مؤمن نہ، گبر يهودي نہ.

1۔ نہ آهيان اوپر ني وي،
نہ آهيان اولهہ پلا،
لامظهر آهيان نور نيارو،
ملت مذهب نہ.

2۔ نہ آهيان اتر ني وي،
نہ آهيان ڏکڻ پلا،
سامي سِکُ تُرڪي نہ آهيان،
اربع عناصر نہ.

3۔ نہ آهيان مڪو ني وي،
نہ آهيان ملتان پلا،
پير بخاري نہ آهيان،
شيخ مشائخ نہ.

4۔ نہ آهيان شيعو ني وي،
نہ آهيان سُني پلا،
حنفي حنبلي نہ آهيان،
شافعي مالڪي نہ.

5ـ نہ آهيان ملان ني وي،
نہ آهيان قاضي پلا،
نيڪ نمازي نہ آهيان،
مسجد مندر نہ.

6ـ من خدايم ني وي،
من خدايم پلا،
نوبت وڄي ٿي احديت جي،
آهي الله موکان سواءِ نہ.

7ـ پاڻيهي ڪعبو ني وي،
حرمين آهيان پلا،
لامڪان آشيانو منهنجو،
فنا ڪر ۾ نہ.

8ـ ذات قدسي ني وي،
آهيان توڪل سائين پلا،
آهيان خود خيال الله،
عابد ٻانهون نہ.

ـ

ڪافي 108

ٿلهہ: ڏُوئيءَ واري ديوار ڍَٻي سي،
ڏاهي طلسماتي.

1ـ لوح قلم کون اڳي وياسي،
ڇڏي هيءَ ڇاتي.

2ـ محويت جو جام پيون ٿا،
ذوق ماڻيون ٿا ذاتي.

3ـ بيخوديءَ جي بحر ۾،
وسريو سير صفاتي.

4ـ اناالحق جو ماري نعرو،
عشق ڪيم اثباتي.

5ـ سر سمايو توڪل سائين،
لاحد پاتم جهاتي.

ـ

ڪافي 109

ٿلهہ:عاشق آهيون مست عليل،
ڪامل ايندا ڪي ڪاهي قليل.

1۔ جلوي شاهہ فياض جي،
ڪيو آهي روشن ضمير.

2۔ ساقي پيالو پرت پياريو،
احمد ڄام اصيل.

3۔ ازني ازني جي ساڻ اشاري،
لنگھيو پاهي منجهان فيل.

4۔ عشق واري آڙاهہ ۾،
صادق آهيون خليل.

5۔ ساڄن سيني صاف سمايو،
صاحب رب جليل.

6۔ سر سمايو توڪل سائين،
سچو پاڪ فقير.

-

ڪافي 110

ٿلهہ: ظاهر باطن هڪو ڄاڻان،
ميڏي من ڪون پاڻان،
دل وچ دوست دا ٿاڻان.

1۔ من راني دا ڪرڪي رايا،
قال رسول سڃاڻان.

2۔ عرفت ربي بربي،
اپنا آپ پڇاڻان.

3۔ هو الاول هو الآخر،
ڏوجها اور نہ ڄاڻان.

4۔ فرض فنا دا صحيح پڙهيوسي،
بحر بقا دا ماڻان.

5۔ مئہ پي محو ٿيوسي توڪل سائين،
ڪرڪي خيال شاهاڻان.

۔

ڪافي 111

ٺلهہ: نہ آهيان شيعو نہ آهيان سُني،
لامظهر آءٌ آهيان.

1۔ وحدت وادي ساڻ لڙهياسين،
قلزم مٿي ڪاهيان.

2۔ دين ڪفر اسلام ۾ نہ آهيان،
سوريءَ سر سنباهيان.

3۔ طالب الدنيا مخنث جيئن،
عقبيٰ پير نہ پايان.

4۔ برهہ بقا مدام ازل سان،
پنهنجو خيال ملايان.

5۔ بيرنگ بحر عميق ولايت جو،
سارو بحر سمايان.

6۔ سر سمايو توڪل سائين،
عاشق لامڪاني آهيان.

ڪافي 112

ٿلهہ:صورت هون لاثاني سر سبحاني.
برقعا پايم الانساني.

1۔ هر مظهر دي وچ سمايس،
ڪيتم حڪمراني.

2۔ اناالحق دا ماريم نعرا،
سير هويا سلطاني.

3۔ من رآني ڪرڪي رايا،
ماريم طبل شاهاني.

4۔ ذات لم يَزِلي،
هان مين نور نوراني.

5۔ بحر اعظم وچ روح رُلايم،
هان غيب الثاني.

6۔ بحر اواگهہ سمايس توڪل سائين،
عاشق هون مين لامڪاني.

۔

ڪافي 113

ٿلهه:حضرت شاهه هنباهي، بي پرواهي،
ڪامل مليا گُر پورا.

1۔ فيض فياض فقر تي ڪردا،
نيندا چست چنبان وچ چائي.

2۔ هادي وحدت جام پلايا،
رهبر رمز رُلائي.

3۔ هويا جام جميعت هوئي تسلي،
پيتم پرڪي پَر صراحي.

4۔ اناالحق دا ماريم نعرا،
طبل وڄايم شاهن شاهي.

5۔ مار ذغاوت ٿيوسي ظاهر،
ڪليا گلشن نور الاهي.

6۔ اسم جسم ڪون ترڪ ڪيتوسي،
ٿيوسي مرغ هوائي.

7۔ لا ڪنون لنگهه اڳي ٿيوسي،
لاحد خيال اڏائي.

8۔ آپ پڇانا توڪل سائين،
سارا بحر اواگهه سمائي.

–

ڪافي 114

ٽلهه:ڪير آهيان مان ڪير آهيان.
بيرنگ مرد مٿير آهيان.

1_ باطن ما آهيان، ظاهر مان آهيان،
اول امان آخر آهيان.

2_ هر مظهر ۾ آهيان ماهر،
چؤطرف چؤڦير آهيان.

3_ اناالحق جو ٿو ماريان نعرو،
سوره دَرس دلير آهيان.

4_ عشق واري آڙاهه ۾،
صاف سمندر شير آهيان.

5_ خضر خود خيال آهيان،
خواجه مان اجمير آهيان.

6_ ڪُل قلندر هڪوئي آهيان،
توڪل سارو سير آهيان.

_

ڪافي 115

ٿلهہ: آهيان دي وچ ناهيان،
ڪيئن چوان مان ناهيان،
ناهيان دي وچ آهيان.

1۔ خطرا خوف حجابن جا،
لا ڪري سپ لاهيان.

2۔ لڪين ديواريون ڏُئي واريون،
ڏوڙ هِڪيءَ سان ڍاهيان.

3۔ موتوءَ واري موج ۾،
شوق شهادت پايان.

4۔ اناالحق جو ماريم نعرو،
سوريءَ سر چڙهايان.

5۔ بيرنگ بحر عميق ۾،
پنهنجو خيال ملايان.

6۔ في فنا ڪان فارغ آهيان،
بحر بقا ۾ آهيان.

7۔ پاڻ سڃاتم توڪل سائين،
سارو بحر سمايان.

ڪافي 116

ٿلهہ: عشق گنوايا غير،
سارا ڪيتم سر دا سير.

1ـ مَن عرف نَفسَہُ فقد عرف ربہ،
نهين فرمودي وچ ڦير.

2ـ ديس امن تي عشق اڏائي ويندا،
جتّان ويري نہ وير.

3ـ عرفت ربي بربي سمجهہ اشارا،
مام پروڙين مرد دلير.

4ـ انا عرب بلا عين آکيا،
شاهہ علي شاهہ حضرت شير.

5ـ بحر اعظم وچ روح رُلايم،
اٿان نہ ڪِهندا ڦير.

6ـ بحر اواگهہ سمايا توڪل سائين،
مليا مئخاني ماڳ مٿير.

ـ

ڪافي 117

ٿلهہ: آهيان مان اسرار پاڙهي،
پنهنجو پاڻ ڏٺم ديدار.

1۔ هيڪل وينٽي هت وره وسايم،
آيو باري برهہ جو بار.

2۔ اول آخر آءٌ هڪڙو آهيان،
ظاهر ٿيس اظهار.

3۔ احدون ٿي ڪري احمد جلوه پهريم،
نڪري ٿيس نروار.

4۔ إِنَّنِي أَنَا اللّٰهُ لا إِلهَ إِلاّ أَنَا،
ڪيترم قول اقرار.

5۔ هيس يگانو ديس انهيءَ تي،
آيس هنڙي شوق شڪار.

6۔ هيس آرامي ديس انهيءَ تي،
هتڙي ڪيم پسار.

7۔ ظاهر سري سِرُ انسان ٿي آيس،
باطن آهيان رب جبار.

8۔ ڏٺي ٻانهون نہ آهي ڪوئي،
ڏنو هادي سچو اعتبار.

9۔ ڪري ظهورو آيس غيب الشان مان،
آهيان صوفي لامظهر تہ ڪرار.

10۔ ذات صفات ڪان آهيان نيارو،
آهيان اسم جسم ڪان ڌار.

11۔ انا الحق جو ٿو ماريان نعرو،
آهيان سوريءَ جو سردار.

12۔ بحر اواگهہ سمايو توڪل سائين،
قادر آهيان قديم قهار.

۔

ڪافي 118

ٿلهہ: عجم مين هون، عرب مين هون،
مين هون مڪا ملتان سنئيان.

1۔ بحر ۾ مين بيابان ہہ مين هون،
پورب مين جيلان سئنيان.

2۔ دکن مين اجمير ہہ مين هون،
دهلي مين هندستان سئنيان.

3۔ ڪابل ہہ مين ڪشمير ہہ مين هون،
غزني مين خراسان سئنيان.

4۔ ايران ہہ مين تهران ہہ مين هون،
ڪعبہ مين هون مسلمان سئنيان.

5۔ سمرقند مين، بخارا ہہ مين هون،
بلخ مين يونان سئنيان.

6۔ صورت مين اثبات ہہ مين هون،
يوسف مين ڪنعان سئنيان.

7۔ عرش ہہ مين فرش ہہ مين هون،
مين زمين آسمان سئنيان.

8- وحدت بہ مين ڪثرت بہ مين هون،
مين هون ديد ڏيان سئنيان.

9- آتش مين هون خليل بہ مين هون،
شمع مين پروان سنئيان.

10- عاشق مين معشوق بہ مين هون،
ڪربلا مين قتلام سئنيان.

11- سولي مين منصور بہ مين هون،
غازي مين ميدان سئنيان.

12- ڳتا مين هون وارثا بہ مين هون،
گِيتا مين هون گيان سئنيان.

13- گُرو مين هون گوبند بہ مين هون،
ڀڳونت مين ڀڳوان سئنيان.

14- انجيل مين زبور بہ مين هون،
توريت مين فرقان سئنيان.

15- موسيٰ مين ڪوهہ طور بہ مين هون،
تجلي مين تجلات سئنيان.

16- ملڪ مين فلڪ بہ مين هون،
فلڪ مين سلطان سئنيان.

17- احد مين احمد بہ مين هون،
آدم مين انسان سئنيان.

18ـ ظاهر مين باطن بہ مين هون،
قلزم مين غيب السان سئنيان.

19ـ غرق مين هون، فارغ بہ مين هون،
ترڪ مين جسمات سئنيان.

20ـ نور بہ مين حضور بہ مين هون،
لاحد مين لامڪان سئنيان.

21ـ حد بہ مين بيحد بہ مين هون،
لاحد مين لامڪان سئنيان.

22ـ طبيب بہ مين حڪيم بہ مين هون،
دارون مين درمان سئنيان.

23ـ اول مين آخر بہ مين هون،
مين نشر نيشان سئنيان.

24ـ ساقي مين ڪلال بہ مين هون،
پُر مين پيمان سئنيان.

25ـ توڪل مين مئخاني بہ مين هون،
مين ثابت سر سبحان سئنيان.

ـ

ڪافي 119

ٿلهہ: هم تو عاشق تيري عشق ڪا،
ديوان هو رها هون،
درشن ويک حُسن ڪا،
مستان هو رها هون.

1_ رمزان ڪي باز بحري،
چٽڪي ويو ڪانہ ڦهري،
ڪرتا هي جنگ جاري،
قتلام هو رها هون.

2_ مرجان لب لعلان،
دندان دُر دانا،
ابروني ڪش ڪمانا،
قربان هو رها هون.

3ـ نينان کي نوڪ لڙاڪي،
مزگان ني تير مارا،
بيني الف پڪارا،
پيمان هو رها هون.

4ـ صورت هي نور نوراني،
يوسف ماه ڪنعاني،
سر پر سو تاج شاهاني،
سلطان هو رها هون.

5ـ توڪل علي وصل ڪا،
پيا جام پُر عمل ڪا،
جلوه ديکا حُسن ڪا،
تجلان هو رها هون.

ـ

ڪافي 120

ٿلھ: ساڏي ويرھي ھادي مرسل آيا،
آيا تو رھبر رمز رُلايا.

1۔ ساقي بن ڪي جام پليندا،
پيتم پُر ڪر پُر صراحي،
پيوڙ سيتي موتو قبلل ٿيوسي،
ٿي اسم جسم ڪي جدائي،
ٽُٽِ پيا بوتا بدھوائي والا،
شيشا عشق اڏايا.

2۔ غيب ڪر ظھورا ظاھر،
پھن پوشاڪان آيا،
خلق الانسان عليٰ صورته،
اھا آيت يار الايا،
نقش نقاش صورت دا ڪرڪي،
آپ ڪون آپ وڪايا.

3۔ احد وچون جو احمد ھوڪي،
برقعا پا ڪڑوتا،
ناڪ نبي منھن محمد،
پير پيغمبر پاتا،
ملڪ بہ ملڪ مناديان ھويان،
چٽ لولاڪ جھلايا.

4۔ احد احمد هڪو هويا،
ڏوجها اور نہ ڪوئي،
هر مظهر دي وچ هڪوئي،
لامظهر سموئي،
رنگ ربوبي هويا،
بيرنگ رنگ رلايا.

5۔ فيض رساني هادي ڪيتي،
حضرت شاهہ هنباهي،
ڪامل پير مليا گر پورا،
بيشڪ بي پرواهي،
مار نغارا احديت دا،
هر جاءِ حڪم هلايا.

6۔ آپ ڪون آپي آپ جو ڄاتا،
هان مين دُر يگانا،
ذات مقدس توڪل سائين،
هان مرغ شاهانا،
لامڪان واصل هويا،
سارا سر سمايا.

۔

ڪافي 121

ٿلهہ:منھنجو عرش مٿي پرواز،
آھيان شاھي مان شھباز.

1ـ امر آدم ڪون اڳي ھئاسي،
جوڙ جڳت ڪيم نينھئون ناز.

2ـ سوريءَ سيجھہ شتاب چڙھان ٿو،
پڙھي اناالحق آواز.

3ـ جتي عرش اپ زمين ناھي،
اتي برھہ اڏايم باز.

4ـ لامڪان ۾ واصل آھيان،
آھيان اصل ازلي راز.

5ـ سر سمايو توڪل ساءِ،
ديدان ڏيڙيون دور دراز.

ـ

ڪافي 122

ٿلهہ:اها برهہ سنائي بات،
اٿئون حق جي وائي وات.

1۔ چوڏهن طبق ترڪ ڪياسي،
آيو عشق عجب اوقات.

2۔ احديت جو طبل وڄايم،
عشق ڪيم اثبات.

3۔ من خدايم من خدا،
طلب اها اٿئون تات.

4۔ لا واري حد لنگهي پياسي،
ٽوڙي طلسمات.

5۔ ديس انهيءَ تي ڪاهي وياسي،
جتي ذات ناهي ڪا صفات.

6۔ حيٌ القيوم دائما آهيان،
آهيان مون تہ حيات.

7۔ سر سمايو توڪل سائين،
لاحد پائي جهات.

۔

ڪافي 123

ٿلهه: پڳو ڳڙهه گرنار جو،
لڳي چوٽ عدم کي.

1۔ موتو قبلل مري جياسي،
ٽوڙي هن طلسم کي.

2۔ ترڪ ڪيوسي ترڪ کي،
ساري ريت رسم کي.

3۔ وحدت جي درياءَ ۾،
لوڙهي ڇڏيو سي خطرن کي.

4۔ اناالحق جو ماري نعرو،
صاف ڪيوسي صحن کي.

5۔ بيخوديءَ جي باب ۾،
ڏنوسي قلزم کي.

6۔ لا ڇئي ڪري عرش وياسي،
رسياسي لاحد کي.

7۔ سر سمايو توڪل سائين،
ملياسي بحر اعظم کي.

۔

ڪافي 124

ٿلهہ:ذات رهيوسي ذات ۾،
ترڪ ڪري ڪثرات.

1۔ موتو واري موج ۾،
لنگي وياسي ظلمات.

2۔ لا ڪري وياسي نڪري،
ڪائي ڪل خطرات.

3۔ اناالحق جو ماري نعرو،
عشق ڪيم اثبات.

4۔ مئہ پي محو ٿياسي،
ڏُور ڪري درجات.

5۔ سر سچاڻي توڪل سائين،
لاحد پائي جهات.

۔

ڪافي 125

ٿلهہ:فرض پڙهيوسي فنائي،
موتو واري ڪئي سي ادائي.

1ـ لوح قلم کي ترڪي هلياسي،
اسم جسم جي ڪئي سي جدائي.

2ـ عرش عظيم کون اڳي وياسي،
بيرنگ جي ڪئي سي بادشاهي.

3ـ ظلماتي لنگهي چوٽ چڙهياسي،
بحر ماڻيوسي بقائي.

4ـ وطن پنهنجي واهيري تي وياسي،
ٿياسي مرغ هوائي.

5ـ لا چئي ڪري لاحد ٿياسي،
حاصل ٿياسي سچ صفائي.

6ـ اناالحق جو ماري نعرو،
عشق ڏني سي اوگاهي.

7ـ ماڳ مئخاني ۾ توڪل سائين،
مدام رهيوسي سدائين.

ـ

ڪافي 126

ٿلهه:ڪين سجاڻي ڪين ڪماءِ،
ڪين واري ڪل تو ۾ آ.

1۔ هڻ ٽُبي اونهي ڪن اونهاري ۾،
ڪرڙو ڪن ڦهاري آ.

2۔ پئہ تون اونهي نگهوسار ۾،
ڪنڊي ڪين ڪنارو آ.

3۔ طرحين ويرون ڪڙڪا لهرون،
اونهو بحر اواگهين آ.

4۔ تاروتار لهريون لس وهن ٿيون،
گونان گون هزارين آ.

5۔ بحر اعظم ۾ ٿي آشياني توڪل سائين،
سارو بحر سماءُ

۔

ڪافي 127

ٿلهہ: ڳُم ٿي غازي پنهنجو پاڻ سڃاڻ،
ٻولين طرف ٻئي وري ڪوه پرياڻ.

1۔ و نحن اقرب منجهہ سمايو،
آهي دوست انهيءَ اهڃاڻ.

2۔ الانسان سري و انا سره،
ساڳي صورت سوئي ڄاڻ.

3۔ پاڻ وڃائي پاڻ کي ڄاڻين،
اُپري وٽ مهراڻ.

4۔ اناالحق جو ماري نعرو،
موج منصوري ماڻ.

5۔ لا الله ڪان لنگهي ٿي اڳانهون،
عاشق پنهنجو خيال اماڻ.

6۔ ماڳ مئخاني تي توڪل سائين،
سڪ سڀُو مٿي تاڻ.

۔

ڪافي 128

ٿلهہ:پيتم جام برہ برسات ڳنون،
ٿيوسي ترڪ طمع تايات ڪنون.

1۔ نال پيوڻ دي موتو قبلل ٿيوسي،
جڏان پيتم آب حيات ڪنون.

2۔ قيد قفس دا توڙ ڪرا هڻ،
اڳي لنگهہ گيوسي ظلمات ڪنون.

3۔ علم عقل سڀ چوڙ سڏاٽين،
عشق والي اوقات ڪنون.

4۔ مُلان قاضي راز ڪيا ڄاڻن،
نينهن نفي اثبات ڪنون.

5۔ ذاتي دي وچ ذات رهيوسي،
ڪيتم فارغ انهي جسمات ڪنون.

6۔ سر سمايا توڪل سائين،
لاحد والي جهات ڪنون.

-

ڪافي 129

ٿلهه: حضرت عشق ڪول اساڏي آوندا،
من ميڏي ڪون پاوندا.

1۔ عشق اساڏا ساڪن هويا،
وحدت جام پلاوندا.

2۔ نال پيوڻ دي بيخود ٿيوسي،
خوف رُجا نون ڪاوندا.

3۔ نينهن نشي دي هوئي خماري،
عقل هوش گواوندا.

4۔ عشق اساڏا رهبر هويا،
سارا سر سماوندا.

5۔ قم باذني عشق الاوندا،
اوپر عرش اڏاوندا.

6۔ من راني دا ڪِيتس رايا،
اپنا شان وڏاوندا.

7۔ انا الحق دا مار ڪي نعرا،
سولي پڪڙ چڙهاوندا.

8۔ ماڳ مئخاني توڪل سائين،
دم مدام ملاوندا.

ڪافي 130

ٿلهہ:نينهن نشانبر نعرا مارا،
تب لب هم اناالحق پُڪارا.

1۔ نا ڪوئي جسم هئا،
ناڪوئي اسم هوا ري،
هوا گم وجود سارا.

2۔ بي سر بي پايان،
هُوا هَوا هون ري،
ذات صفات سُون نيارا.

3۔ عرض عظيم سي اڳي،
اُڏ اُڏ جاتا ري،
لامڪان خيال همارا.

4۔ هم تو غيب الثاني،
مرغ هي هُو هوا ڪا ري،
نهين اس ڪا اور ڪنارا.

5۔ آپ ڪون آپ پڇانا،
توڪل سائين،
بحر اواگهہ سمانا سارا.

_

ڪافي 131

ٿلهہ: ڪلمه اناالحق ڪا پڙنا،
مرني سون آگي مرنا.

1۔ موتو قبلل انت موتو،
اسم جسم سي فارغ هو تو،
ڦرِ نهين ڪوئي مرنا.

2۔ من خدايم من خدايم،
حَيُّ القيوم دم هوا دائم،
ساجد آپ ڪون ڪرنا.

3۔ انحد نوبت واڄي،
وحدت ڪي دم ڏن لاڳي،
بحر اعظم ۾ رُلنا.

4۔ من رني فقد رائي الحق،
قال رسول ني ديا سبق،
سولي ساٿ سڳن سپ ڪرنا.

5۔ توڪل علي مئخاني ٻيچ هوڪي يگانا،
لامڪان خيال ملانا،
الانسان سري سِر ثابت ڪرنا.

-

ڪافي 132

ٿلهہ: لامظهر هم هويا،
عبد احد وچ گُم هويا.

1۔ شوق شتاب اساڏا يارا،
مرغ خيال ڪا ديک نظارا.
بحر اعظم هويا.

2۔ نينهن نواب اساڏا نيارا،
برهہ بي حساب اساڏا سارا،
اعليٰ اعظم هويا.

3۔ اناالحق هم نعرا مارا،
حاصل حال حقيقت هوا پرت پسارا،
واصل بحر اعظم هويا.

4۔ برهين موتو قبلل مار جو آيا،
اذني اذني ڪرڪي عرش اڏايا،
لامڪان ۾ همدم هويا.

5۔ نام ۾ توڪل علي ڪرڪي برهين بيک بناپا،
بحرا واگهہ سپ سرهم تو سمايا،
وه هي ثابت اعليٰ اعظم هويا.

—

ڪافي 133

ٿلهه: منهنجو وجود خاڪي انسان جي نموني،
چادر مان ميم پاتي قرآن جي نموني.

1۔ عاشق آهيون ميثاقي،
قربان جي نموني.

2۔ قادر ڪلال آهيون ساقي،
پُر پئمان جي نموني.

3۔ فارغ جسم آهيون صفاتي،
روحي رحمان جي نموني.

4۔ احد احمد رهون ٿا باقي،
سلطان جي نموني.

5۔ سو سر آهيون ساڳي،
سبحان جي نموني.

6۔ توڪل ترڪ يگانا آهيون ياقي،
غيب السان جي نموني.

۔

ڪافي 134

ٿلهہ: ڇاڪون وڃين پيو ڇاڪي،
پيھي پسين نہ پنھنجو.
ڇاتيءَ ۾ جھاتي پائي،
حرمين ڏس تون پنھنجو.

1۔ پيرين ھلڻ ۾ سھنجو آھي،
ڦوڪڻ ۾ ڦور اھنجو.

2۔ ڪامل ڪلال آھين،
ساڪن آھين سِين جو.

3۔ سو ساڳيو سر آھين،
محتاج نہ آھين ڪنھنجو.

4۔ ڪعبو قلب سو آھي،
دل ۾ طلب ٿَئي جنھن جو.

5۔ توڪل يگانو آھين،
لاحد مڪان تنھنجو.

–

ڪافي 135

ٿلهہ:سولي سر چڙهاوين، گيت ڳاوين،
اناالحق آواز دا، منصوري راز دا،

1۔ موتو قبلل انت موتو،
جنيدي جسم جلاوين.

2۔ قم بِاِذني ڪر اشارا،
اپنا حڪم هلاوين.

3۔ شوق شهادت ماڻ امامت،
ڪؤتل عشق ڪٽاوين.

4۔ انا احمد بلا ميمي،
شاهي چوٽ چلاوين.

5۔ من راني دا مار ترانا،
احديت هلاوين.

6۔ بحر اعظم وچ هو يگانا،
روحي رمز رُلاوين.

7۔ امن والي ديس تي،
خاص خيال اڏاوين.

8۔ آپ پڇاني توڪل سائين،
بحر اواگهہ سماوين.

۔

كافي 136

ٿلهه:چوٽ نغاري لاڳي، نوبت واڳي،
حاصل حال حلاجي ساڳي.

1۔ موتو واري موج ۾ ڪيتم،
شوق شهادت شادي.

2۔ اوٽ عدم ۾ پورا ڪيتم،
سيف لڳايم لا دي.

3۔ عبديت دا پول پڳاسي،
احديت دي هادي.

4۔ اناالحق دا ماريم نعرا،
مُلڪان ملڪ منادي.

5۔ سر مايو توڪل سائين،
وحدت ويۓ ولايت وادي.

_

ڪافي 137

ٿلهہ: غازي ٿي هٿ لاوين ملهاوين،
منصوري ميدان نون،
ثابت ڪر سبحان نون.

1۔ پي پيالا وحدت والا،
محويت وچ آوين.

2۔ جوشان دي وچ جان جلاوين،
بيخود هوڪي خود پاوين.

3۔ ڪل سيرو في الارض سيوئي،
سارا سير سماوين.

4۔ امن والي ديس تي،
خاص خيال اڏاوين.

5۔ مار نغارا احديت دا،
هوڪا حق هلاوين.

6۔ ساقي ڪلال مئخاني ملدا،
مئہ دا قدم پاوين.

7۔ بحر اواگهہ وچ توڪل سائين،
خالص خيال ملاوين.

—

ڪافي 138

فارسی

ٿلهہ: کنم پرواز بالا عرش من
ارض و سمارا ترک من

1- منم مستم کہ دیوانہ بہا
بے جسم بے جانِ من۔

2- منم ہادی ہدایت رازی حق
اعلیٰ ازل اسرار من۔

3- من رسیدم در ولایت ہُو ہوا
بیچون بے مثال من۔

4- عشق سر احوال من توکل علی
خود بخود خیال من۔

_

ڪافي 139

ٿلهہ: پنهنجو پس پاڻ ۾ پيهي،
نظارو نور ۾ نيهي.

1۔ پائي ڏس جهات اندر جهاتي،
ڪري هٿ لا اندر ڪاتي.
پچين طلسم ٿي اثباتي،
بقا ۾ ٿي چڙهي ديهي.

2۔ احدون ٿي احمد آئين،
آدم جو بيک بنائين،
حڪم هر جاءِ پيو هلائين،
صورت جي سير ۾ ڳيُئي.

3۔ سري سر پنهنجو جاڻين،
ازل پنهنجي کي سڃاڻين،
مدامي موج پيو ماڻين،
يگانو غيب ۾ ڏيهي.

4۔ اڳي ظلمات کون ظاهر،
لنگھي چوڏهن طبق ٻاهر،
اڏائي خيال ڪر رهبر،
اصل آشياني تي ويهي.

5۔ توڪل علي واصل،
لاحد ٿئي لامڪان نازل،
سارو اسرار بحر اعظم،
سمايئي سر ۾ سيئي.

–

ڪافي 140

فارسی

ٿلهہ: من لامکان رسیدھم
بحر اعظم آشیانم۔

1- موتو قبلل انت موتو
قول ھو من بر سروم۔

2- منم درم کہ در بحر یگانا
بی جسم بی جانم۔

3- من برخیز کن من پرواز کن
بالا عرش رِوم۔

4- من نعرا اناالحق می زنم
سر بسرا سرارم

5- من گویم کہ من خدایم من خدا
نمی دانم دیگرم۔

6- انا احمد بلا میمی
وحدہ من احدم۔

7- من واصل بہ مئخانہ مدام است
جام نوشانو شرم۔

8- من شوق شراب زود توکل ساءِ
پرنم پیانم

۔

ڪافي 141

ٿلهہ:صفا صوفي هون سوپارا،
ويجون ٿا عرش اوپارا.

1۔ ڪيون ٿا هٿ لا جي ڪاتي،
اسم جي زور سان ذاتي،
مُجوسي مُئو ٿي اثباتي،
پَڳا سي بند دُئيءَ وارا.

2۔ آهيون ميدان جا غازي،
رضا ۾ روز شب راضي،
بنايائون بره جي بازي،
ماريون ٿا نينهن جا نعرا.

3۔ اصل ازلي عاشق آهيون،
لاحد جي لاڳ ٿا لايون،
بحر اعظم ۾ آهيون،
رهون ٿا نينهن نيارا.

4۔ آهيون هادي هدايت جا،
خيال الله ولايت جا،
بقا بالله امامت جا،
ماريون دم چوٽ نغارا.

5۔ آهيون مئخاني جا ساقي،
امن جي ديس ۾ ياتي،
بحر توڪل علي باقي،
سمايو سير سپ سارا.

۔

ڪافي 142

ٿلهه: نوري ناري آءٌ نہ آهيان،
آهيان اسرار مولا سائين.

1۔ ديس ڇڏي پرديس تي آيس،
چائي برهہ جو بار مولا سائين.

2۔ اناالحق جو ٿو ماريان نعرو،
آهيان سوريءَ جو سردار مولا سائين.

3۔ سانگي پنهنجي پاڙيهي آيس،
وحدت ڪري واپار مولا سائين.

4۔ لامظهر آهيان دُر يگانو،
دين ڪفر کون ڌار مولا سائين.

5۔ هر مظهر ۾ ماهر ٿياسي،
عالم ۾ اظهار مولا سائين.

6۔ سر سمايو توڪل سائين،
نينهون ٿيس نروار مولا سائين.

—

ڪافي 143

ٿلهه:صوفي لامظهر تڪرار آهيون،
بيخود مست قلندر وار آهيون.

1۔ وحدت وارو جام پيون ٿا،
موتو قبلل مري جيون ٿا،
فنا لنگهه بقا ۾ ٿيون ٿا.
سارو سڀ اسرار آهيون.

2۔ اناالحق جا ٿا ماريون نعرا،
عرش وچون ٿا مٿي اوپارا،
پرت اسان جي ڪيا پسارا،
نيزي سر نروار آهيون.

3۔ انا رب گيت ڳايون ٿا،
بلا عين سدائين رهون ٿا،
بحر اعظم ۾ مدام ملون ٿا،
اسم جسم ڪون ڏار آهيون.

4۔ توڪل ساءِ مئخاني جا ساقي آهيون،
بحر بقا جا باقي آهيون،
وحدت ريءَ ولايت ۾ ياقي آهيون،
قادر قديم قهار آهيون.

ڪافي 144

ٿلهہ:عشق الاهي ٿيو الهام،
ٽوڙي ڇڏيوسي قيد قفس جو دام.

1۔ دين ڪفر ڪان آهيان نيارو،
آهي اسان جو عشق امام.

2۔ لا چئي ڪري لاحد ٿياسي،
خطرا سڀ ڪائي خام.

3۔ عبديت جو پول پيجي ڪري،
ورتم احديت جو اسلام.

4۔ اناالحق جو ٿو ماريان نعرو،
سوريءَ سِرَ انجام.

5۔ الاهي عشق جي عرش اڏاريو،
ديسي امن جي ڪيم آرام.

6۔ اندر ٻآهر ٿي ايڪائي،
پيتم محويت جو جام.

7۔ ديس انهيءَ تي وياسي ڪاهي،
جتي خاص نہ آهي عام.

8۔ ماڳ مئخاني جي توڪل سائين،
محڪم آهيون مدام.

-

ڪافي 145

ٿلهه:هر پردي اندر ٿو ڪهلائي.
الانسان سري ٿو فرمائي.

1۔ خلق الاآدم عليٰ صورته،
نقش نقاش صورت جو ٺاهي.

2۔ فَاينمَا تُوَلو فَثَمُ وَجَهُ الله،
جاڏي تاڏي هڪڙوئي آهي.

3۔ ڪُل شَيءٍ نَاطِقِ بِاالحَقُ آهي،
منجهون منجهه ٿو من ۾ پائي.

4۔ مَن رَانِي فَقَدُ رَائِي الحَق،
شاهنشاهي طبل ٿو وڄائي.

5۔ انا عرب بلا عين چيو هو حضرت شاهه،
ڳل اها ڪنهن کي آهي.

6۔ اڳي عرش عظيم کون،
پنهنجو خيال اڏائي.

7۔ بيرنگ بحر عميق ولايت ۾،
پنهنجو رُوح رَلائي.

8۔ ماڳ مئخاني توڪل سائين،
سارو سر سامائي.

–

ڪافي 146

ٿلهہ: وطن منهنجو اڳي پري ٿيو،
ڪين بشر ڏي خيال وري ٿو.

1۔ موتو واري موج ۾،
دم بہ دم جيئري مري ٿو.

2۔ اندر ٻاهر ٿي روشنائي،
بجليءَ وانگي ٻري ٿو.

3۔ حال حلاجي موج ۾،
اِناالحق اذان ڪري ٿو.

4۔ اڳي عرش عظيم ڪون،
عشق پنهنجو عريان ڪري ٿو.

5۔ ترڪي لوح قلم ڪي،
بحر اعظم ۾ رَلي ٿو.

6۔ اصل غيب الثاني ۾،
پنهنجو آشيان ڪري ٿو.

7۔ سر سمايو توڪل سائين،
ماڳ مئخاني ملي ٿو.

۔

ڪافي 147

ٿلهہ:ذات آهيان حق ذات آهيان.
عشق اصل آفات آهيان.

1۔ اسم جسم ڪون فارغ آهيان،
تارڪ ڪان جسمات آهيان.

2۔ لا واري حد لنگهي وياسي،
لاحد ۾ وري جهات آهيان.

3۔ الانسان سري سر سارو،
ثابت مان اثبات آهيان.

4۔ سوريءَ تي منصور آهيان،
اناالحق وائي وات آهيان.

5۔ سارو نور حضور آهيان،
تجلو مان تجلات آهيان.

6۔ ماڳ مئخاني ۾ مخمور آهيان،
ڪامل ڪيف ڪلات آهيان.

7۔ سر سمايو توڪل سائين،
غيب الثاني لات آهيان.

۔

ڪافي 148

ٿلهہ: گُم هويا اب گُم هويا،
جتي هم نہ ڪوئي تم رهيا.

1۔ ازني ازني ڪر خيال اڏايم،
بسمي گُم جسم هويا.

2۔ لامظهر هون نور نيارا،
هڏ چم گُم لحم هويا.

3۔ اناالحق دا ماريم نعرا،
عالي شان عزم هويا.

4۔ نہ ڪائي صورت نہ ڪائي مورت،
ذات دي اندر گُم هويا.

5۔ آب اواگهہ سمايا توڪل سائين،
لامڪاني دم هويا.
6۔ آپ رهيوسي روح روحاني،
موج بحر اعظم هويا.

_

ڪافي 149

ٿلهہ:يا محبوب ٿي راضي،
آهين تون معبود.

1۔ سڪ ۾ ويٺو وره وسايان،
صدق اٿم ثابوت.

2۔ دشمن تنهن دُرنگي،
ڪر نفي نابود.

3۔ فيض رساني ڪر اسان تي،
حاصل ٿئي هاهوت.

4۔ ڏي ڪو جام وصال جو،
زورئون پيان زُود.

5۔ حَيُّ القيوم دائما،
مون سان رهہ موجود.

6۔ توڪل علي عاشق تو ۾ ماهر آهي،
تنهن سان رهہ ٿي ربُود.

۔

ڪافي 150

ٿلهہ: ناز وارن سان پلي نيھُن لائجي تہ توڙ نباهجي.

1۔ فذڪروني اذڪرڪم،
سڪ سڳو مٿي ساهجي.

2۔ برهہ واري باهہ ۾،
پل پل پاڻ پچائجي.

3۔ پي پيالو محويت جو،
وهم وجود وڃائجي.

4۔ بنا جوش جولان جي،
ٿاهہ نہ ٻيو ڪو ٿاهجي.

5۔ اناالحق جو ماري نعرو،
سوريءَ تي سر سلهائجي.

6۔ رکي جوش جبار جو،
اڳي قدم وڌائجي.

7_ پنهنجي ديس بقاء تي،
عاشق خيال اُڏائجي.

8_ احديت جي موج ۾،
نوبت نينهن وڄائجي.

9_ پاڻ سجاڻي پنهنجو،
سارو سر سمائجي.

10_ بيرنگ بحر عميق سان،
روحي رمز رلائجي.

11_ ماڳ مئخاني ۾ توڪل سائين،
دائما در ملائجي.

_

ڪافي 151

ٿلهه:انحد باجي ڏم لڳا،
اناالحق اب دم لڳا.

1۔ بادل برهين ڪر ڪر آيا،
ابر اوپر ڪرڪي سعيا،
رم جهم جهم برسن لڳا.

2۔ مار نغارا سولي چڙهنا،
سولي اوپر اذان ڪرنا،
ويک برهه غم لڳا.

3۔ من خدايم من خدايم،
حَيُّ القيوم دم هي دائم،
قطرا ڳيا قلزم لڳا.

4۔ برهين مجهه ڪو ڪيا نيارا،
اونهان اپنا ڪيا نظارا،
واه موج بحر اعظم لڳا.

5۔ لامڪان ڪي اوپر اُڏ اُڏ جاتا،
توڪل علي سپ سر سماتا،
وصل مئخاني دم قدم لڳا.

—

مداح دستگير جي

ٿلهه:هادي فيض رساني، قطب رَباني،
قادر پير جيلاني، غوث صمداني.

1ـ ساري فقر جو رهبر آهين،
طلب وارن کي توڙ رسائين،
وحدت ويءَ ولايت جي وجداني،
ٿئي مهرباني.

2ـ ڪل پيرن جو پير آهين،
داتا تون اڪسير آهين،
تون آهين نور نوراني،
سر سبحاني.

3ـ ملڪ فلڪ تي تنهنجو قدم آ،
عرش ڪرسي تنهنجو عدم آ،
تو کي سير سيو سلطاني،
شاهه شاهاني.

4_ احد منجهون ٿي احمد آئين،
هر جاءِ نوبت نينهن وڄائين،
عاشق آهيو لامڪاني،
غيب السائي.

5_ پاڪن پاڪ پيعمبر آهين،
ڪامل ڪيف ڪلال قلندر آهين،
جام پياريو جاوداني،
ٿيو لاثاني.

6_ توڪل طالب تنهنجو فقير آ،
دست داون تو دستگير آ،
ڪر ڪا راضداني،
شهنشاهه جيلاني.

_

كافي 153

ٿلهہ:نا ڪائي ملت نا ڪوئي مذهب،
اَي سپ ڪوڙي لاري.

1۔ عاشق عشق الاهي ٻاجهون،
اور نہ چلدي چاري.

2۔ جي تون ڄاڻين پيچ پسڻ دا،
عاشق هوندي نياري.

3۔ مار نغارا سولي چڙهدي،
سهنجون سر سينگاري.

4۔ بيشڪ بحر بقا دا ماڻن،
وحدت دي وڻجاري.

5۔ فرض فنا دا صحِيح پڙهدي،
ڪيتي پرت پساري.

6۔ آپ پڇاڻڙ توڪل سائين،
نينهن ماريندي نعري.

۔

ڪافي 154

ٿلهہ:هادي لهج سنڀار مولا سائين،
يتيم جي نانءَ ڏٽيءَ تي.

1۔ راتيان ڏينهان آهي اسان کي،
تنهن جي پرت پچار.

2۔ سڪ ۾ اوهان جي ساهہ سڪي ٿو،
درد لائي وسڪار.

3۔ فيض رساني ڪر اسان تي،
مٿي عرش اڏار.

4۔ حاضر ناظر يار اسان سان،
وِٿي نہ وجهہ هڪ وار.

5۔ عاشق عشق آزاري آهيان،
برهہ سندو بيمار.

6۔ ازني ازني ٿو پرتئون پڪاريان،
پسڻ لاءِ ديدار.

7۔ توڪل هن مسڪين کي،
جلوو پنهنجو ڏيکار.

۔

ڪافي 155

ٿلهہ: موتوءَ واري موج ۾،
ڪڻ عاشق سر اختيار ميان.

1۔ فذڪروني اذڪرڪم،
ڪر وحدت جو واپار ميان.

2۔ الست بربڪم قالو بليٰ،
ڪيئي قول قرار ميان.

3۔ و في انفسڪم سمجهہ اشارو،
رڳ رڳ ۾ للڪار ميان.

4۔ اناالحق جو مار تون نعرو،
سوئي ساڳيو آهين سردار ميان.

5۔ هو الاول هو الآخر،
هووين تون اظهار ميان.

6۔ هو الظاهر هو الباطن،
هون نيا باغ بهار ميان.

7۔ بيرنگ بحر بقا ازل جي،
درشن هووين دربار ميان.

8۔ لوح قلم ڪي ترڪي توڪل سائين،
نڪري ٿي نروار ميان.

۔

ڪافي 156

ٿلهه: ورتم عشق امام،
آهيان وحدت جو وريام.

1۔ هادي هردي اندر صاف سمايم،
احديت جو حڪم هلايم،
هر جاءِ ڪيم حڪام.

2۔ لا چئي ڪري نڪري وياسي،
وڃي بحر اعظم ۾ ٿياسي،
جتي صبح ناهي شام.

3۔ اناالحق جو ماري نعرو،
ذات صفات کان ٿي ڪري نيارو،
ٿيا سوريءَ سر انجام.

4۔ سُڃ صفا ۾ محڪم ٿياسي،
جوئي هئاسي سوئي ٿياسي،
خطرا ڪائي خام.

5۔ توڪل سائين مئخاني جو ساقي آهيان،
بحر بقا جو باقي آهيان،
پِر پِر جُنگ پيون ٿا جام.

—

ڪافي 157

ٿلهہ: حضرت عشق ڪيو الهام،
بيخود پيتم جذبي جام.

1۔ پي پيالو پُر ٿياسي،
وڃي يگانا دُر ٿياسي،
ڳپي دُئيءَ جو دام.

2۔ موتو قبلل مري جياسي،
بيشڪ بحر بقا ۾ ٿياسي،
جتي خاص نہ ڪوئي عام.

3۔ مورت صورت معنيٰ ناهي،
قبل ماضي خانو نہ آهي،
نہ آهي قبر نہ آهي قيام.

4۔ اسم ڪوئي جسم نہ آهي،
وحدت ڪثرت قسم نہ آهي،
سارو بحر ٿيو انعام.

5۔ اناالحق جو سبق پڙهون ٿا،
چاڙهہ عشق جي چُست چڙهون ٿا،
پاڻهي پاڻ ٿياسي امام.

6۔ احديت جو طبل وڄايم،
هر جاءِ هوڪو حق هلايم،
ٿيو عرش اعظم گام.

7۔ بحر اعظم ۾ وياسي پيهي،
چڙي طلسم ڪايا ديهي،
اتي ڪوڙين مون کو پريندو جام.

8۔ ديس انهيءَ تي وياسي ڪاهي،
جتي جن ملائڪ جي جڳهہ ناهي،
اتي ڪيم آرام.

9۔ توڪل عاشق خيال اڏائي،
هُو هوا ۾ روح رَلائي،
مليو اهو ماڳ مدام.

۔

ڪافي 158

ٿلهہ: دل ۾ پاءِ دروني جهاتي،
پس جلوو ظاهر ذاتي.

1ـ هستيءَ وارو ڪوٽ ڍيجي ڇڏ،
لائي لا جي سر تي ڪاتي.

2ـ لوح قلم ڪون وچ نڪري،
ترڪي طلسماتي.

3ـ مري جيءَ تہ پوءِ نہ مرندين،
هوندءِ نِتِ حياتي.

4ـ اناالحق جو ماري نعرو،
عاشق ڪر اثباتي.

5ـ عزم رکي افلاڪن تي ميان،
لنگهہ اڳي ظلماتي.

6ـ ماڳ مئخاني جو توڪل سائين،
آهين ڪامل ڪيف ڪلاتي.

ـ

ڪافي 159

ٿلهه: آپي اپنا درسن ڪيا،
آپ ڪا ديدار.

1۔ جام پريم ڪا ساقي ني ديا،
پيني سيتي بيخود ڪيا،
ڪيا نينهن نشي ني خمار.

2۔ برهين موتو ڪر ڪر ليا،
انت موتو مر ڪر جيا،
لڳي لاحد ڪي پڪار.

3۔ اناالحق هم نعرا مارا،
هُوا گُم اي جسم سارا،
سُولي پَر هسوار.

4۔ چوڏنهن طبق ترڪ ڪيا،
لاحد دي وچ پاڪر ليا،
روشن نور ڪڙا انوار.

5۔ وحدت ڪثرت ڪل فناهي،
ذات قدسي هم تو بقا هي،
سارا سڀ اسرار.

6۔ توڪل سائين سڀ سر سنئيان،
لامڪان پر تڪيا ڪيا،
ڪيا خيال قرار.

–

ڪافي 160

ٿلهہ: آپ ہِي ڏيکا آپ ہِي پايا.
آپ ڪيا ديدار.

1۔ ڇاتي دي وچ جهاتي پاڪر،
الا الله ڪي چوٽ چلاڪر
پڪڙ لي تيغ طلب تڪرار.

2۔ وچ احد دي ميم رَلاڪر،
انساني ڪا بيک بناڪر،
بره ڪيا بردار.

3۔ بازيگر بن بازي بنايم،
احد سي بن احمد آيم،
جلوه ڪر جنسار.

4۔ عدم اوپر قدم ڏرا ڪر،
عرش سي آڳي خيال اڏاڪر،
ڪر نظر نور نظار.

5۔ ڪثرت وحدت بيچ جلاڪر،
من ماني دا حڪم هلاڪر،
هون نسنگ نروار.

6۔ توڪل سائين سر سماڪر،
برهين بيرنگ روح رَلاڪر،
هُوا مئخاني ڪا مختيار.

۔

ڪافي 161

ٿلهہ:دم درون ڏمال لڳا ڪر،
دم ڪي چالي چوٽ چلا.

1۔ لا سين سيف چلاڪر،
جسماني وجود جلاڪر،
سر سوليءَ گھور گھما.

2۔ موتو قبلل قول ادا ڪر،
بحر بيرنگ رنگ رَلاڪر،
بيخود هوڪر دم ڪما.

3۔ عدم والي اوٿ فنا ڪر،
ذات مقدس خيال بقاڪر،
ڪر ترڪ تو ارض سما.

4۔ توڪل عاشق دم ديک نمونا،
بحر اواگھہ سمندر اونها،
سارا بحر سما.

۔

ڪافي 162

ٿلهہ: عشق مين اوقات بہ مين هون،
تارڪ مين جسمات.

1۔ عاشق تي معشوق بہ مين هون،
قاتل مين هون ڪات.

2۔ طالب تي مطلوب بہ مين هون،
درجت مين درجات.

3۔ سولي تي منصور بہ مين هون،
حق ڪي وائي وات.

4۔ عابد تي معبود بہ مين هون،
خضر مين هون حيات.

5۔ احد مين هون احمد بہ مين هون،
قلزم مين قطرات.

6ـ ساقي مين مئخان بہ مين هون،
ڪامل مين ڪلات.

7ـ رنگ مين بيرنگ بہ مين هون،
قادر مين قدرات.

8ـ طور تي جلوه ۽ نور بہ مين هون،
تجلي مين تجلات.

9ـ خود مين بيخود بہ مين هون،
لاحد مين هون جهات.

10ـ حال بہ مين هون، خيال بہ مين هون،
قدسي مين خود ذات.

11ـ اول آخر توڪل سائين،
ثابت مين هون اثبات.

ـ

ڪافي 163

ٿلهه: پاڻ ۾ پيهي پاڻ سڃاڻج،
عاشق عرش اڏام.

1۔ طالب الدنيا مخنث ڄاڻج،
عقبيٰ ڪان اڳي خيال اماڻج،
ڪپ قيد قفس جو دام.

2۔ ٻئي جهان فنا ڪر ڄاڻج،
طالب طرف نه ٻئي ڪنهن تاڻج،
وٺ عشق سندو اسلام.

3۔ ڪعبو قدسي قلب کي ڄاڻج،
وحدت ويءَ ولايت ماڻج،
خطرا ڪائي خام.

4۔ اناالحق جو نعرو مارج،
سوري منهنجون سِر سينگارج،
پنهنجو پاڻ ڪري قتلام.

5۔ توڪل نوبت نينهن وڄائج،
بحر اعظم ۾ روح رَلائج،
آهي تنهنجو ماڳ مدام.

۔

ڪافي 164

ٿلهہ:علم عقل ڪل باطل ٿيڙو،
هوش عقل موڪلايو الا.

1۔ بيخوديءَ جو جام پيتوسي،
ڪامل ڪيف پلايو الا.

2۔ پاڻ ۾ پيهي محو ٿياسي،
وهم وجود وڃايو الا.

3۔ عدم واري اوٺ پڳي سي،
لا جو چوٽ چلايو الا.

4۔ من راني جو حڪم هلايم،
هادي حق فرمايو الا.

5۔ ذات صفات ڪون فارغ ٿياسي،
بيرنگ رنگ ملايو الا.

6۔ لامڪان مدامي ٿياسي،
محڪم موج منايو الا.

7۔ بحر بي پايان توڪل سائين،
سارو سر ۾ سمايو الا.

۔

ڪافي 165

ٿلهہ: ڪاٿي هينئن ڪاٿي ڪيئن،
ڪاٿي هر رنگ ۾ سمايان.

1۔ ڪاٿي شاهي ڪاٿي سپاهي،
ڪاٿي نوبت نينهن وڄايان.

2۔ ڪاٿي هندو ڪاٿي مؤمن،
ڪاٿي رهبر راز الاهي آهيان.

3۔ ڪاٿي دين ڪفر کان آهيان نيارو،
ڪاٿي سڀ ۾ ماهر آهيان.

4۔ ڪاٿي ڪنهن کي ڪين وڻان ٿو،
ڪاٿي سڀ ۾ پيو سيبايان.

5۔ ڪاٿي عالم ڪاٿي معلم،
ڪاٿي سوري سر سلهايان.

6۔ ڪاٿي شير بهادر غازي آهيان،
ڪاٿي پيو ليلايان.

7۔ ڪاٿي پاڪن پاڪ پيغمبر آهيان،
ڪاٿي قرب ڪمالي آهيان.

8_ ڪاتي يتيم سوالي آهيان،
ڪاتي ولايت والي آهيان.

9_ ڪاتي ڪل قلندر وار آهيان،
ڪاتي جذب جلالي آهيان.

10_ ڪاتي احد ڪاتي احمد آهيان،
ڪاتي من راني ٿو حڪم هلايان.

11_ ڪاتي خادم ڪاتي مرشد آهيان،
ڪاتي فائض فيض رساني آهيان.

12_ ڪاتي توڪل عاشق مست مدامي آهيان،
ڪاتي ڪامل ڪيف ڪلالي آهيان.

_

ڪافي 166

ٿلهہ: ڪاٿي ناز ڪاٿي راز،
ڪاٿي نينهن نهوڙي آهيان.

1- ڪاٿي مست مان ويران آهيان،
ڪاٿي عاشق مان حيران آهيان،
ڪاٿي پرت پچاڙي آهيان.

2- ڪاٿي گُم ڪاٿي گمراهہ آهيان،
ڪاٿي رهبر مٿي راهہ آهيان،
ڪاٿي اصل ازلي آهيان.

3- ڪاٿي سورهہ مان سلطان آهيان،
ڪاٿي غازي مان ميدان آهيان،
ڪاٿي نيزي سر سواري آهيان.

4- ڪاٿي پاڪ فقير آهيان،
ڪاٿي سچو مان اڪسير آهيان،
ڪاٿي سر سبحاني آهيان.

5ـ ڪاٿي موسيٰ مان ڪوهہ طور آهيان،
ڪاٿي نازل تجلي طور آهيان،
ڪاٿي درد ڏمالي آهيان.

6ـ ڪاٿي سُوري ڪاٿي ساز آهيان،
ڪاٿي پرت ڪاٿي پرواز آهيان،
ڪاٿي وصل وصالي آهيان.

7ـ ڪاٿي غيب الثاني لات آهيان،
ڪاٿي ثابت مان اثبات آهيان.
ڪاٿي توڪل عاشق لامڪاني آهيان.

ـ

ڪافي 167

ٽلهه:عشق عقاب جنبن منجهه چايو
مٿي عرش اڏايو الا.

1۔ النبو عشق جو غالب ٿيڙو
دين ڪفر کي ڪنبايو الا.

2۔ ملڪ فلڪ منظور نہ ڪيڙو
زمين زمن ۾ نہ مايو الا.

3۔ آتش عشق جي جوش جڳايو
تجلي طور جلايو الا.

4۔ موتو قبلل انت موتو
ماري عشق جوايو الا.

5۔ اناالحق جو ماري نعرو
سوري سر سلهايو الا.

6_ ماري نغارو احديت جو،
پنهنجو حڪم هلايو الا.

7_ ظلماتي ڪان لنگهي اڳانهون،
بحر اعظم ۾ آيو الا.

8_ وحدت ويءَ ولايت سارو،
ثابت سر ۾ سمايو الا.

9_ ماڳ مئخاني ۾ توڪل سائين،
دائما در ملايو الا.

_

ڪافي 168

ٿلهہ: آهيان مرغ هُوائي،
رهبر آهيان راز الاهي.

1۔ موتو واري موج،
پنهنجي ڪيون ٿا ادائي.

2۔ اڳي عرش عظيم ڪئون،
پنهنجي ڪريون ٿا شاهي.

3۔ اناالحق جا ماري نعرا،
ڪريان ٿو عشق آگاهي.

4۔ من خدايم من خدا،
پاڻ چڙهون ٿا ڦاهي.

5۔ ترڪي ديس ديهي،
ماڻيون ٿا يڪي نور صفائي.

6۔ بيرنگ بحر بي پايان اسان جو،
سارو بحر بقائي.

7۔ سارو سر سمايو توڪل سائين،
خود خيال خدائي.

–

ڪافي 169

ٿلهہ: ڪر عبديت کان ڏور ڪنارو.
احديت جو مار نغارو.

1ـ علم عقل کون ٿي خلاصو،
ڇڏ خالي خوف خسارو.

2ـ دين ڪفر کان ٿي ڪري پاسي،
ڳپ دام دُوئيءَ وارو.

3ـ ٻاجهون عشق الله جي،
ٻيو نہ ونجانءِ چارو.

4ـ بيخوديءَ جو پي ڪري پيالو،
ڪر وجود ويسارو.

5ـ پاڻ ۾ پنهنجي پس ميان،
پنهنجو نور نظارو.

6ـ انا احمد بلا ميمي،
چيو مرسل سُخن سچارو.

7ـ اسم جسم کون ٿي ڪري فارغ،
نڪري ٿي نروارو.

8ـ پاڻ سڃاڻي توڪل سائين،
سر سمائج سارو.

ـ

ڪافي 170

ٿلهہ:جي تون پنهنجو پاڻ سڃاڻين،
احديت جون موجان ماڻين.

1ـ فذڪروني اذڪرڪم ميان،
سڳو سڪ جو مٿي تاڻين.

2ـ موتو قبلل انت موتو،
اها پرت سڄڻ سان پاڙين.

3ـ برهہ واري باهہ ۾،
جيءُ جُسو سڀ ساڙين.

4ـ اصل واري ديس تي ميان،
پنهنجو خيال اماڻين.

5ـ جوئي هُئين سوئي وڃي ٿيندين،
اصل يقين اهو آڻين.

6ـ ثابت پنهنجي سر کي سڃاڻين،
اصل يقين اهو آڻين.

7ـ ماڳ مئخاني توڪل سائين،
ڄاڻ سيوئي ڄاڻين.

ـ

ڪافي 171

ٿلهہ: باڪا ڪيڏن برهہ جي بازي،
دم اناالحق آوازي.

1۔ پنهنجي پاڻ سڃاڻڻ ٻاجهون،
ٻيا سڀ حيلا سازي.

2۔ چاڙهہ عشق جي چُست چڙهن ٿا،
ڪڏهن ڪين مُڙن ٿا غازي.

3۔ رند ميدان بهادر آهن،
رهن رضا منجهہ راضي.

4۔ نينهن نواب عقاب جنين جو،
شوق رکن شهبازي.

5۔ ثابت سر کي صحيح سڃاڻن،
مُلان مور نہ ڄاڻن قاضي.

6۔ سورھہ سوري شتاب چڙھن ٿا،
پنھنجي ڪن ٿا سرفرازي.

7۔ اڳي مرڻ کون مرن جيئن ٿا،
طلب رکن ٿا تازي.

8۔ لامڪان خيال اڏارن،
پري پرت ڪرن پروازي.

9۔ توڪل سائين انھيءَ ماڳ ملن ٿا،
قبل ناھي جتي ماضي.

–

ڪافي 172

ٿلهہ:سُو سِرَ آهيون اسين ساڳي،
احديت جا آهيون هادي.

1۔ دين مذاهب باطل ٿيڙو
ڪئي عشق عقل سان تعدي.

2۔ رهبر شاهہ فياض ٿيو ميان،
هادي عشق ڪئي امدادي.

3۔ موتو واري موج ۾ ميان،
ڪيون ٿا شوق شهادت شادي.

4۔ چوڏهين طبقين ٿي روشنائي،
وحدت ويءَ ولايت وادي.

5۔ لا پڙهي ڪري پري وياسي،
هي لاحد ۾ دل واڳي.

6۔ ماڳ مئخاني ۾ توڪل سائين،
لڳي نوبت نينهن منادي.

ڪافي 173

ٿلهه: بنا اناالحق چوڻ جي،
ٿاهه نه پيو ڪو ٿاهيون ٿا.

1۔ ڪري بس پنيور ڪان،
ڪيڏانهن ڪين ڪنايون ٿا.

2۔ موتو واري مامَ ۾،
لاڳ لاحد جي لايون ٿا.

3۔ برهه واري باهه ۾،
پنهنجو پاڻ پچايون ٿا.

4۔ لاڳاپا هن لوڪ جا،
لا ڪري سڀ لاهيون ٿا.

5۔ ٽُٻي ڏئي پاتار ۾،
ماڳ انهيءَ تي ڪاهيون ٿا.

6۔ حال حلاجي موج ۾،
سوري سر سلهايون ٿا.

7۔ هادي پاڪ مون کي سر سمجهايو،
پال پلي ڏانهن پانيون ٿا.

8ـ نڪري عبديت کان ٿي نيارو،
احديت هلايون ٿا.

9ـ اصل پنهنجي ديس بقاءَ سان،
دم قدم ملايون ٿا.

10ـ وحدت واري ويڙهه ۾،
هُو جو هُل هلايون ٿا.

11ـ ڪري پرواز اڳي عرش عظيم کون،
پنهنجو خيال اُڏايون ٿا.

12ـ سبحاني مان اعظم شاني،
اهڙا حڪم هلايون ٿا.

13ـ سر سجاڻي پنهنجو،
پول نہ ٻيو ڪو پايون ٿا.

14ـ لامڪان کان بحرايو ٿيو،
رمز هُو هوا ۾ راهيون ٿا.

15ـ بيشڪ بحر اعظم ۾،
پنهنجي موج منايون ٿا.

16ـ ماڳ مئخاني جو توڪل سائين،
سارو سير سمايون ٿا.

ـ

ڪافي 174

ٿلهہ: ڪاٿي احد ڪاٿي احمد،
ڪاٿي آدم بيک بنايون پيا.

1۔ ڪاٿي مسجد ڪاٿي مندر،
ڪاٿي فرقا ڦير ڦيرايون پيا.

2۔ ڪاٿي هندو ڪاٿي مؤمن،
ڪاٿي چپن چپ چپايون پيا.

3۔ ڪاٿي دين مذهب جو مونجهارو،
ڪاٿي ڀول ڀُلايون پيا.

4۔ ڪاٿي زُهد عبادت ڪريون ٿا،
ڪاٿي لحظي پاڻ ملايون ٿا.

5۔ ڪاٿي ويد قرآن ڪتابان چايون،
ڪاٿي پوٿيون پُرڻ پڙهايون ٿا.

6۔ ڪاٿي شيعا سُني پاپي آهيون،
ڪاٿي صادق ساڌ سڌايون پيا.

7_ ڪاٿي عاشق معشوق آهيون،
ڪاٿي دلبر ديد اڙايون پيا.

8_ ڪاٿي ڪات ڪاٿي قاتل آهيون،
ڪاٿي بيهي پاڻ ڪُهايون پيا.

9_ ڪاٿي گُرو ڪاٿي گوبند آهيون،
ڪاٿي تيغ طلب جي تايون پيا.

10_ ڪاٿي مالڪ ملڪ جا آهيون،
ڪاٿي ورهه وسايون پيا.

11_ ڪاٿي ارني جا آواز ڪيون پيا،
ڪاٿي تجلي طور جلايون پيا.

12_ ڪاٿي من راني ٿا حڪم هلايون،
ڪاٿي سري سر فرمايون ٿا.

13_ ڪاٿي مست الست ميثاقي آهيون،
ڪاٿي بيخوديءَ ۾ ڳايون پيا.

14_ ڪاٿي توڪل عاشق لامڪاني آهيون،
ڪاٿي سارو سر سمايون پيا.

_

كافي 175

ٿلهہ: آدم دا كركي بيک بهانا،
آپ تماشي آيا هي.

1۔ احد وچون بن كر احمد،
ميم دا برقعا پايا هي.

2۔ غيب الثان كنون كر ظهورا آيا،
پوش انساني پايا هي.

3۔ ناک نبي اور منهن محمد،
پائون پير پيغمبر پايا هي.

4۔ فاِينما تولو فثم وجه الله،
سڀ صورت دي وچ آيا هي.

5۔ من رآني فقد رائي الحق،
قال نبي فرمايا هي.

6۔ ديک جلوه حُسن ڪا ذاتي ظاهر،
شمس قمر شرمايا هي.

7۔ فائض فيض رساني ڪيتي،
هادي الک لکايا هي.

8۔ نيلان پدمان پتليان کيل کلاڪي،
ناچو نينهن نچايا هي.

9۔ آپي اپنا آپ پڇانا توڪل سائين،
سارا سر سمايا هي.

–

ڪافي 176

ٿلهہ: ڇڏ سانگو سر جو لاهي،
ڏي سِرُ تہ سوپ آهي.

1۔ موتو واري موج ۾،
تنهن جو نيڪال آهي.

2۔ ڏي ٽُبي پاتار ۾،
ڪُنَ ۾ پَوُ تون ڪاهي.

3۔ ديدن جي درياهہ ۾،
ڪنڌي ڪنارو ناهي.

4۔ ڏس وحدت ۾ ديد رَلائي،
سارو اواگهہ آهي.

5۔ رنگ روپ جنهن جو ناهي،
اونهي بحر سو آهي.

6۔ توڪل علي مدامي،
اهو تنهنجو ماڳ آهي.

ڪافي 177

ٿلهه: چڏ حد لنگهي ٿي بيحد،
پڙهه لا ته ٿئين لاحد.

1۔ تهد لئون پنيور ڪان،
ڪڻ جيئري پنهنجي لڏ،

2۔ راتيان ڏينهان روح پنهنجي ۾،
ساهڙ ڪي ڪر سڏ.

3۔ پيءُ پيالو وحدت وارو،
عاشق رهه سدائين بيخود.

4۔ سورهن ڪي سوليءَ تي،
سهنجئون ٿيو آهي سڏ.

5۔ جي تون صحيح سچاڻين سِرَ ڪي،
تان نه آهن ڪنهن جي هڏ.

6۔ قم بِاِذني جي امر سان،
دم ته ديهيءَ سان ڪڍ.

7۔ بيرنگ بحر عميق ۾،
پنهنجو اوتارو اَڏِ.

8۔ مئخاني ۾ توڪل سائين،
پنهنجو خيال گڏ.

—

كافي 178

ٿلهہ: طالب ترن تا اوپارا،
ماري اناالحق جا نعرا.

1۔ توڙي هن طلسم کي،
ترڪي ڪل ستارا.

2۔ آديسي ويا نڪري،
ڪري پرت پسارا.

3۔ سدا وتن مخموريا،
ڪري وجودون وسارا.

4۔ جدا رهن ٿا جڳ کا،
دين ڪفر کان نيارا.

5۔ وحدت ويءَ ولايت ماڻن،
بيرنگ بحر بقارا.

6۔ لامڪان ۾ توڪل سائين،
وجي اڏيائون اوتارا.

—

ڪافي 179

ٿلهہ:سڄڻ موتوءَ جا تہ اشارا،
جيئري جدا ٿيا جان ڪان.

1ـ سامي سِير لنگهي ويا.
ڪري وجود وسارا.

2ـ پيهي ويا پورب ۾،
وحدت جا وڻجارا.

3ـ احديت جا طبل وڄائي،
ماري نينهن نغارا.

4ـ نفيءَ منجهان اثبات ٿيا،
صادق سخن سچارا.

5ـ واصل ٿيا وڃي وس مان،
ڪامل قرب وارا.

6ـ توڪل عاشق پنهنجي ديس،
ويا صوفي سوپارا.

ـ

ڪافي 180

ٿلهہ: لا سيني ۾ سيف هڻ،
نڪري اڳي عدم ڪون قدم ڪڻ.

1ـ ڊاهي هن ديوار کي،
پَٽِ ڏُئيءَ وارو وڻ.

2ـ برهہ واري باهہ ۾،
عاشق جيئري پچڻ.

3ـ مشاهدو محبوب جو،
پاڻ ۾ پيهي پسڻ.

4ـ بيرنگ بحر بقاء جي،
سدا انهيءَ ماڳ رهڻ.

5ـ لنگهي ازلات ڪان،
بحر اعظم ۾ ملڻ.

6ـ مئخاني ۾ توڪل سائين،
ڳوڙهي رنگ رچڻ.

ـ

ڪافي 181

ٿلهہ: لاهوتي لنگهيا،
موتو واري موج ۾.

1ـ ويا وجودئن نڪري،
واحد سان وڃي ونگيا.

2ـ محبت جي ميدان ۾،
ڪاهي ويا اڙ ڀنگيا.

3ـ هڻي نعرا حق جا،
سوريءَ تي وڃي ٽنگيا.

4ـ ٿيا نظاري نينهن جي،
مور نہ آهن سنگيا.

5ـ توڪل سائين ويا مئخاني،
احد سان وڃي انگيا.

ـ

ڪافي 182

ٿلهہ: سالڪ سمجهہ تون سير صفات.
ساري ذات سڄاڻي ڪر اثبات.

1. موتو واري موج ۾،
نڪري ڪر نيات.

2. وحدت جي درياه ۾،
لوڙهي ڇڏ خطرات.

3. هَڻ ٽُٻِي پنهنجي پاڻ ۾،
لنگهي اڳي ظلمات.

4. ظاهر باطن حق ڄاڻ،
جو ڪجهہ آهي موجودات.

5. سر سڄاڻي توڪل سائين،
لاحد پائي جهات.

-

ڪافي 183

ٿلهہ: جوڳي ڇڏي جوءِ،
لائي ويا هينئڙي ۾ هُوءِ،
سامي چڙهيا وڃي لَسَ تي.

1ـ غازي گڏيا گرناٽ سان،
رهبر ٿيا وڃي رُوءِ.

2ـ پورب ۾ پيهي ويا،
محو ٿيا انهيءَ پُونءِ.

3ـ سچ ۾ سناسي سزا،
رهن سدا خوش خُوءِ.

4ـ واصل ٿيڙا وس سان،
روحن ڪيا وِرُوهہ.

5ـ ويا مئخاني توڪل سائين،
وو ڪامل لنگهيا ڪُوءِ.

ـ

ڪافي 184

ٽلهه: سامي سفر هليا،
باڪا پيري گام،
هُين پري احرام.

1ـ ڏنائون ترڪ وجود کي،
ٽوڙي قفس جو دام.

2ـ موتو قبلل انت موتو،
پاڙيائون اهو انجام.

3ـ فائق فارغ ٿيا فرض کان،
ورتائون عشق سندو اسلام.

4ـ بيرنگ بحر بقاء جو،
سارو ٿين انعام.

5ـ ويا واهيري پنهنجي،
خطرا ڪائي خام.

6ـ توڪل سائين مئخاني ماڳ تي،
آديسين ڪيو آرام.

ـ

ڪافي 185

ٿلهه: جوڳي ويا جيءُ جلائي،
ڏونهان درد دکائي،
روز سکان ان رِيءَ.

1۔ موتو واريءَ موج ۾،
ويا وهم وجود وڃائي.

2۔ برهه واري باهه ۾،
ويا پاڻ پچائي.

3۔ پڳائون ڳڙهه گرنار جو،
لا جو چوٽ ويا چلائي.

4۔ لاڳاپا هن لوڪ جا،
لاهوتي ويا لاهي.

5۔ وڃائي ويراڳي واٽ ٿيا،
ناچو نينهن نچائي.

6۔ پنهنجي ديس بقاء تي،
آديسي ويا ڪاهي.

7۔ لنگهي ويا ظلمات کان،
خالص خيال اڏائي.

8۔ توڪل سائين ويا مئخاني ماڳ تي،
سر ويا سمائي.

۔

کافي 186

ٿلهہ: رمز عشق جي آهي نياري،
بات برهہ جي باري، برهہ بهاري.

1۔ اسم جسم منجهہ جوش جلايم،
آتش عشق اڏاري.

2۔ آهي دائم دم مدامي منهنجو،
جوشون جوش جباري.

3۔ اناالحق جو ٿو ماريان نعرو،
جذبو ڪيان ٿو جاري.

4۔ من خدايم موج اسانجي،
سونهن سوري سرداري.

5۔ سر سمايو توڪل سائين،
قادر آهيون قهاري.

۔

كافي 187

ٿلهہ: نفي منجهون ٿيا اثبات،
سامي لنگهيا ظلمات،
ترڪي سير صفات.

1۔ لا ڪري ويا نڪري،
توڙي طلسمات.

2۔ ناهہ ڪيائون نفس کي،
لائي لا جو ڪات.

3۔ وڃائي ويا تہ وجود کي،
پسي پرانهون اوقات.

4۔ فرض پڙهيائون فنا في الله جو،
ٿيا حياتي حيات.

5۔ انا عرب بلا عين چئي ڪري،
وائي اِها هُين وات.

6۔ آديسي اتي ويا،
جتي ڏينهن نڪا رات.

7۔ مشاهدي محو ٿيا،
ذات ٿيا منجهہ ذات.

8۔ توڪل سائين انهيءَ ماڳ ويا،
لاحد پائي جهات.

ڪافي 188

ٿلهہ: اناالحق جو گيت ڳايون ٿا،
سونهن سوري سرداري، شاهہ هسواري.

1ـ دين ڪفر مون مور نہ ڇاڙون،
رمز اسانجي نياري.

2ـ شوق شتاب عقاب اسانجو،
ڏئي عرش وٽي اولاري.

3ـ من رآني فقد رائي الحق،
اها آيت آهي مرسل اهڪاري.

4ـ من خدايم من خدا،
ٿو طبل وڄي تڪراري.

5ـ ماڳ مئخاني ۾ توڪل سائين،
جام پيون ٿا جاري.

—

ڪافي 189

ٿلهه: پاڻ ۾ پيهي پس ميان،
پي پريم جي رس ميان،
ڪري پنهورون بس ميان.

1۔ صيقل لائي سڪ جي،
ڪور قلب جي ڪَسُ ميان.

2۔ لائي سڪيلو لا جو،
مُلحد کي ڪري دَسِ ميان.

3۔ موتو واري مام جو،
پڪو مليو آهي ڏَسُ ميان.

4۔ لاهي لاڳاپا لوڪ جا،
سڱ ڇني ڇڏ ڇَسُ ميان.

5ـ پاڻ سجاڻج پاڻهنجو،
آهين تون پارس ميان.

6ـ ترڪي لوح قلم ڪي،
عاشق چڙهه مٿي لس ميان.

7ـ وحدت ويءَ ولايت جي،
واصل هوندين وس ميان.

8ـ توڪل سائين مئخاني ماڳ،
ورتيون وچ تون گَسُ ميان.

ـ

ڪافي 190

اردو

ٹلھہ: دیا جام شراب مجھ کو ساقی،
ہوئی باطل بات فنا کی۔

1- نینھن نشے نے بے خود کیا،
موتو کر کے پھر ہم جیا،
ہوا حاصل حال حلا کی۔

2- من رآنی فقد رائی الحق،
صحیح پڑھایا ھادی سبق،
یہ ہی فرمودا رسول اللہ کی۔

3۔ اسم نہ جسم رہا،
مورت صورت نہ کوئی قسم رہا،
رہا واحد احد باقی۔

4۔ توکل سائیں سب سر ہم تو سمانا،
ذات صفات ہو کے یگانہ،
چڑھ موج بقا باللہ کی۔

-

ڪافي 191

ٿلهہ: زمين زمن ۾ عشق نهايو،
مٿي عرش اڏايو ماڳ ملايو.

1۔ موتو قبلل انت موتو،
ماري وري جوايو.

2۔ جام وصال وحدت وارو،
ساقي پُر پلايو.

3۔ عشق عقاب شتاب اسانکي،
چست چنبن ۾ چايو.

4۔ ترڪي لوح قلم ڪي،
لاڳ لاحد مونسان لايو.

5۔ اناالحق جو ماري نعرو،
سوريءَ سر سلهايو.

6۔ سبحاني ما اعظم شاني،
هوڪو حق گهمايو.

7۔ انهيءَ ديس بقا ازل تي،
نينهن نواب پڄايو.

8۔ ماڳ مئخاني توڪل سائين،
سارو سر سمايو.

–

ڪافي 192

ٿلهه: دل ۾ پاءِ دروني جهاتي،
پس نور مظهر ذاتي.

1. موتو قبلل انت موتو،
جيئري مري ڪري جيءُ تون،
پي ڪري آب حياتي.

2. فرض فنا جو صحيح پڙهه تون،
چاڙهه عشق جي چوٽ تي چڙهه تون،
لنگهه اڳي ظلماتي.

3. يچين چڏ اوٽ عدم تون،
اڳي افلاڪن ڪان ڪڻ قدم تون،
توڙي طلسماتي.

4. اناالحق جو مار تون نعرو،
ماڻ بقاء ولايت سارو،
عشق ڪري اثباتي.

5. سر سجاڻي توڪل سائين،
جيڏانهن آئين، وچ اوڏانهين،
ترڪي سير صفاتي.

-

ڪافي 193

ٿلهہ: لڳي نوبت نينهن منادي،
ڪري شڪر مبارڪ وادي.

1۔ پاڻ ۾ پيهي پاڻ پسون ٿا،
بحر بقا سارو سير ڏسون ٿا،
وحدت ويءَ ولايت وادي.

2۔ مٿي افلاڪن قدم ڏريون ٿا،
عبديت جو پول ڇڄون ٿا،
آهيون احديت جا هادي.

3۔ ملان قاضي مور نہ ڄاڻن،
قرآن ڪتابان ٿيهئي پاڙهن،
سڀ نينهن بنا بربادي.

4ـ دين ڪفر ڏي نٿا تاڙيون،
اصل بقا ازل ٿا ماڻيون،
ڪئي عشق عقل سان تعدي.

5ـ فنا في الله جو فرض پڙهون ٿا،
جام طهورا پُر پيون ٿا،
موتو شوق شهادت شادي.

6ـ اناالحق جو گيت ٿا ڳايون،
سوريءَ تي ٿا سيج وڇايون،
آيو سر تي حال حلاجي.

7ـ توڪل عاشق لامڪاني آهيون،
واصل دم مدامي آهيون،
ٿيو ديس امن امدادي.

ـ

ڪافي 194

ٿلهہ: عرش مٿي آشيان،
آهي خيال منهنجي جو.

1۔ قطري مان قلزم ٿيو،
بحر بي ته بيان.

2۔ وحدت ويۓ ولايت سارو،
قلزم بي تہ ڪران.

3۔ امن وارو ديس ٿيو،
قديمي امڪان.

4۔ اڳي ويو ظلمات ڪون،
لاحد لا تہ مڪان.

5۔ سر سمايو توڪل سائين،
مدامي مئخان.

۔

ڪافي 195

ٿلهہ: بيخوديءَ ۾ ڳايون ٿا، خود پايون ٿا،
پنهنجا ٻئي جهان وڃايون ٿا.

1۔ فذڪروني اذڪرڪم،
تيغ طلب جي تايون ٿا.

2۔ موتو قبلل مري ڪري،
اذني چئي جوايون ٿا.

3۔ منصوريءَ جو ماري نعرو،
سوريءَ سر سلهايون ٿا.

4۔ من خدايم من خدا،
نوبت نينهن وڄايون ٿا.

5۔ بيرنگ بحر بقا ازل سان،
پننجو خيال ملايون ٿا.

6۔ ماڳ مئخاني جو توڪل سائين،
سارو سر سمايون ٿا.

—

ڪافي 196

ٿلهه: جوڳي ٿئين تہ جوڳ ڪماءِ،
جوڳ بنا جوڳي ناهہِ.

1۔ فذکروني اذکرکم،
سڪ جو سڳو مٿي ساهہ.

2۔ لاهي سانگو سر جو،
موتو واري تند وڄاءِ.

3۔ اڳي عرش عظيم کون،
رهبر ٿي تون خيال اُڏاءِ.

4۔ برهہ واري باهہ ۾،
پل پل پنهنجو پاڻ پچاءِ.

5۔ پاڻ سجاڻين پنهنجو،
پولو تنهن ۾ ٻيو نہ پاڻ۔

6۔ بيرنگ بحر عميق ۾،
عاشق پنهنجو روح رَلاءِ.

7۔ ڏئي باھ پنڀور کي،
ماڳ انھيءَ تي ڪاهيون ڪاھ.

8۔ اناالحق جو ماري نعرو،
سوريءَ پنهنجو سر سلهاءِ.

9۔ ماڳ مئخاني جو توڪل سائين،
سارو سر ۾ بحر سماءِ.

–

ڪافي 197

ٿلهه: روحي ڳائي راڳ،
انحد راڳ رڳن ۾.

1۔ دم سوا هڪ دوست جي ميان،
اٿئي نسورو نياڳ.

2۔ موتو قبلل انت موتو،
سچن آهي سهاڳ.

3۔ نينهن نوبت اچن تنوارون،
لاهوتن آهي لاڳ.

4۔ حال حلاجي موج ۾،
بيخودي آهي ڀاڳ.

5۔ سر سچاڻين توڪل سائين،
بحر ساماڻي اواگهه.

۔

ڪافي 198

ٿلهه: طالب ٿين تہ طلب ڪماءِ،
ريءَ طلب طالب نہ آهِ

1۔ فذڪروني اذڪرڪم،
تار طلب جي تند وڃاءِ

2۔ پاڻ ۾ پيهي ڪر تون ثابت،
ڪعبو قدسي تو منجهہ آهِ

3۔ وحدت جي ويڙهہ ۾،
اندر هُوءَ جو هُل هُلاءِ

4۔ پير مغان جي رهہ تون امر ۾،
صورت ساري سر ۾ سماءِ

5۔ هٿ ۾ لا جي سيف ڪر تون،
لوڙهو مجوسي تي لاءِ

6۔ وحدت جي درياءَ ۾،
خطرا خوف حجاب لوڙهاءِ

7۔ موتو واريءَ موج ۾،
جيءُ جسو سڀ جسم جلاءِ

8۔ بحر اعظم ۾ توڪل سائين،
عاشق پنهنجو روح رَلاءِ

۔

ڪافي 199

ٽلهه: ڏس مان پروڙي مان ۾،
آءُ مردن جي مئخاني.

1_ بيخوديءَ جو پيءُ پيالو،
گهِڙ وحدت جي درياه ۾.

2_ و في انفسکم سُڻ فرمودو،
دوست اٿئي منجهه جاهي.

3_ العشق نَارٌ يحرک ما سويٰ الله،
دل جوشن ۾ پئي خامي.

4_ الفقر ذات معلا،
ٿي واصل سچ صفا ۾.

5_ لوح قلم کي ترکي هل تون،
رَههُ لاحد لامکان ۾.

6_ فرض فنا جو پڙهه تون توکل سائين،
رک دائما دم بقا ۾.

_

ڪافي 200

ٿلهہ: جب عشق قدم آپ آوي،
علم عقل ڪُل اُڏ جاوي.

1۔ مذهب مشرب نينهن نہ ڄاڻي،
دين ڪفر جل جاوي.

2۔ نفل نمازان ورد وظائف،
تال تسب چڪ جاوي.

3۔ نينهن دي ٻاجهون ڪاڻ رجاوت،
ڪسب ڪوڙ ڪماوي.

4۔ نينهن نواب لئون واليان نون،
فرض فنا ڪا پڙهاوي.

5۔ فرض فنا کا جنهان پڙهيا،
برهين بحر اُپاوي.

6۔ موتو قبلل مار کراهون،
اذني نال جوا وي.

7۔ مار نغارا احديت کا،
من رآني فرماوي.

8۔ جام جميعت شوق واليان نون،
کيف ڪُلال پلاوي.

9۔ اپنا آپ پچاني توکل سائين،
بحر اواگهه سماوي.

۔

ڪافي 201

ٿلهه: برهه بيخود باب پڙهايا،
علم عقل ڪا هوش گنوايا.

1ـ جلوه عشق ني ذاتي ظاهر ڪيا،
دين ڪفر ڪون جلايا.

2ـ موتو ڪرڪي جيتي مارا،
قِر ازني نال جوايا.

3ـ نينهن نشي ني مدهوش ڪيا،
جب ڪيف ڪلال پلايا.

4ـ انحد ڪي دم ڏن لاڳي،
من خدايم آپ بلايا.

5ـ توڪل سائين سڀ سر سنئيان،
بحر اواڳهه سمايا.

ـ

ڪافي 202

ٿلهہ: ڪوئي ڪونہ سڃاڻي ڪوئي،
آءُ ساڃيو آهيان سوئي.

1۔ ملان منافق حق نٿا ڄاڻن،
آهي آدم الله اهوئي.

2۔ نينهن وارن جي نِدا ڪن ٿا،
هي ڳالهہ حيرت هوئي.

3۔ دم نہ سڃاڻن دانهون ڪن پيا،
هي ويل وِلهن ڪون ويئي.

4۔ پاڻ سڃاڻي غير نہ ڄاڻي،
ڇڏي خطرا دُوئي جا ڌوئي.

5۔ پاڻ سڃاڻون پاڻ کي ڄاڻون،
آهيان عين اهوئي.

6۔ من عرف نفسه،
اها مام پروڙي ڪوئي.

7۔ من رآني ٿو ماريان نعرو،
سخن فرمايو مرسل سوئي.

8۔ فرض فنا جو پاڪ پڙهون ٿا،
حاصل حال حقيقت هوئي.

9۔ بحر بقا جو سير ڪيون ٿا،
آهي منهنجو ماڳ اهوئي.

10۔ انا احمد بلا ميمي،
اهو سرور سخن سچوئي.

11۔ ذات مقدس آهيان توڪل سائين،
سر ثابت آهيان سوئي.

–

ڪافي 203

ٿلهہ: پس پنهنجو پاڻ ۾ پيهي،
اها مام اٿئي سمجهڻ جيهي.

1ـ فذڪروني اذڪرڪم ميان،
پَچُ پِرت انهيءَ ۾ پيهي.

2ـ موتو واريءَ موج ۾ ميان،
صوفي صاف ٿين سر ڏيئي.

3ـ الست بربڪم قالو بليٰ،
اهو واعدو ڪيئي ويهي.

4ـ العشق نارٌ يحرڪ ما سويٰ الله،
جلوي جوش جلايا ڪيئي.

5ـ امن واري دين ۾ رهہ تون،
اڏار پڪي پرڏيهي.

6_ الفقر فخري والفخر مني،
ٻي ڳالھ ٻُڌايان ڪيھي.

7_ ھٿ ڪر عاشق خيال پنھنجي کي،
جوئي خاص خيال اٿئي.

8_ قُم بِاِذني جي امر سان،
وڃ ڏي ھي ديھي.

9_ نينھن نشانبر ماري نعرو،
نچ ناچو نينھن ۾ نيھي.

10_ پاڻ سڃاڻي توڪل سائين،
وڃ در مئخاني پيھي.

_

ڪافي 204

ٿلهہ: عشق چست چنبن ۾ چايو،
عرش عظيم کون اڳي خيال اڏايو.

1۔ امر آدم کون اڳي هِتِ آيس،
فذڪروني رمز ريجهايو.

2۔ رهبر شاهہ فياض ٿيو،
جنهن سارو سر سمجهايو.

3۔ ساقي وحدت جام پياريو،
برهہ بيخود باب پڙهايو.

4۔ محبت جي ميدان ۾ ميان،
ناچو نينهن نچايو.

5۔ اناالحق جو ماري نعرو،
سوري سر چڙهايو.

6۔ طبل وڄائي احديت جو،
مَن رآني فرمايو.

7۔ لامڪان نازل ٿيو ميان،
قدم قرب قادر پايو.

ڪافي 205

ٿلهہ: ڪيتا جلوه ظاهر ذات،
هويا نينهن نفي اثبات.

1۔ دين ڪفر اٿان ڪڙ نهين سگهدا،
عشق بڙي آفات.

2۔ علم عقل دي ڪوڙي مثالي،
برهہ بنا برباد.

3۔ فرض فنا دا مين جو پڙهيا،
لاڪر سر پر لا دا ڪات.

4۔ اسم جسم ڪنون هوڪر فارغ،
ترڪ تہ مون جسمات.

5_ چوڏهين طبقين هوئي روشنائي،
نور ڪُليا تجلات.

6_ ديس امن دي مين جو رهيا،
ڏِن نهين اُتان رات.

7_ آپي نور حضور مين رهيا،
اپنا آپ ڪران ملاقات.

8_ لامڪان مڪان اساڏا،
دور هويا درجات.

9_ سر سمايا توڪل سائين،
لاحد پاتم جهات.

_

كافي 206

ٿلهہ: پهري پوش آيس مان خاڪ،
پاڪ آهيان حق پاڪ.

1۔ عرش ڪرسيءَ مان نہ مايس،
چاهون ٿيو آهيان چاڪ.

2۔ ملڪ فلڪ تي ڪيم اشارو،
زمين زمن تي هاڪ.

3۔ احديت جو طبل وڄايم،
مٿي عزم رکي افلاڪ.

4۔ اول مان آهيان، آخر مان آهيان،
مالڪ ملڪ آهيان لولاڪ.

5۔ بيرنگ بحر بقا ازل ۾،
بيحد آهيان بيباڪ.

6۔ سر سمايو توڪل سائين،
مست الست آهيان اوشاق.

–

ڪافي 207

ٿلهہ: وحدت جام پيون ٿا جام،
آهيون ڪامل ڪيف ڪلال.

1ـ موتو واري موج ۾،
آهي اسان جو نيڪال.

2ـ نفي منجهان اثبات ٿياسي،
روشن آهيون نور جمال.

3ـ آهي محڪم موج اسان تي،
عشق سندو احوال.

4ـ دم منصوري آهي اسان جو،
برهہ ڪيا برحال.

5۔ نينهن نشي ۾ بيخود آهيون،
صاحب آيون جذب جلال.

6۔ من خدايم من خدا،
مرجان قاتل ڪرن قتال.

7۔ بيرنگ بحر بقا ازل ۾،
آهي اسان جو وصل وصال.

8۔ سر سمايو توڪل سائين،
قادر آهيون قرب ڪمال.

۔

ڪافي 208

ٿلهہ: نہ آهيان حنفي نہ آهيان حنبلي،
عاشق روز ميثاقي آهيان.

1۔ نه آهيان شافعي نہ آهيان مالڪي،
شيعو سُني نہ آهيان.

2۔ نہ آهيان هندو نہ آهيان مؤمن،
گبر يهودي نہ آهيان.

3۔ پير بزرگ نہ آهيان،
شيخ مشائخ نہ آهيان.

4۔ نہ آهيان عابد نہ آهيان وهابي،
ملحد مشرڪ نہ آهيان.

5۔ مظهر ذاتي نور آهيان،
دين ڪفر نہ آهيان.

6۔ اصل جوئي آهيان سوئي آهيان،
قسم ڪنهن ۾ نہ آهيان.

7۔ بي جسم بي جان آهيان،
اربع عناصر نہ آهيان.

8۔ بي چون بي مثل آهيان،
جوڙ جُڳت ۾ نہ آهيان.

9۔ توڪل عاشق خود خيال آهيان،
نانءُ نيشاني نہ آهيان.

۔

ڪافي 209

ٿلهہ: ڪاٿي نٿو ڄاڻي ڪونہ سڃاڻي،
ڪاٿي ڄاڻ سڀوئي پيو ڄاڻي.

1۔ ڪاٿي زاهد عابد آهي،
ڪاٿي شرڪ ڇڏي ٿو پاڻهي.

2۔ ڪاٿي شائق شوق شريعت آهي،
ڪاٿي طلب طريقت تاڻي.

3۔ ڪاٿي ارني جا آواز ڪري پيو،
ڪاٿي وحدت ۾ دل واڻي.

4۔ ڪاٿي مُلان ڪاٿي قاضِي آهي،
ڪاٿي خالي فوقيت پيو آڻي.

5۔ ڪاٿي ان الله يامرڪم چيائين،
ڪاٿي آنءُ وچون نہ آڻي.

6۔ ڪاٿي احديت ۾ هادي آهي،
ڪاٿي عبديت اُڪاڻي.

7۔ ڪاٿي پاڻئون پاڻ پري ٿو پائين،
ڪاٿي وار وٿي نہ آڻي.

8۔ ڪاتي معرفت ۾ ماهر آهي،
ڪاتي محو تي پيو پاڻهي.

9۔ ڪاتي حاصل حال حقيقت آهي،
ڪاتي خاص خيال پچاڻي.

10۔ ڪاتي والي ويءَ ولايت آهي،
ڪاتي مٿي عرش اماڻي.

11۔ ڪاتي ڪيف ڪلالي قدم ڪٺي پيو،
ڪاتي بيخود باب پڙهي پيو پاڻهي.

12۔ ڪاتي منصوري پيو نعرو ماري،
ڪاتي پاڻ پوي پيو گهاٽي.

13۔ ڪاتي توڪل عاشق لامڪاني آهي،
ڪاتي بحر بقا پيو ماٽي.

-

ڪافي 210

ٿلهہ: ياد اسانکي يار جي ياري،
دوست ڏني دلداري، برهہ بهاري.

1۔ لا تقنطو من رحمة الله،
تار تڳان اها تاري.

2۔ فذکروني اذکرکم،
وحدت وڻج واپاري.

3۔ الست بربکم قالو بليٰ،
آئين ٿي اقراري.

4۔ و نحن اقرب ويجهڙو آهي،
وار نہ آهي گهاري.

5_ موتو واري موج ۾،
سر ڪر اختياري.

6_ جام وصال ڪلال پياريو،
نينهن نشي جي خماري.

7_ احديت جي موج ۾،
مار طبل تڪراري.

8_ فيض رساني ڪئي عنايت،
وحدت ويءَ ولايت ساري.

9_ ماڳ مئخاني جي توڪل سائين،
عاشق ڪر اختياري.

_

ڪافي 211

ٿلهه: اُڏر پکي وڃون آشياني،
ڪر پرواز مٿي مئخاني.

1۔ عشق جي بازي کيڏ تون غازي،
ٿي راضي رند رضا ۾.

2۔ لاڳاپا ڇڏ لا ڪري لاهي،
ٿي حاصل سُج صفا ۾.

3۔ ذات صفات کون ٿي نيارو،
پنهنجو خاص خيال پڇاني.

4۔ احديت جو ماري نغارو،
روشن هوندين هر دوجهان.

5۔ امن واري ديس تي دائما،
عاشق ٿي بقا ۾.

6۔ سر سچاڻي توڪل سائين،
رهه لاحد لا ته مڪان ۾.

_

ڪافي 212

ٿلهہ: عشق آزاري، برهہ بيماري،
ذوق اوهان جي زحمت ماري.

1۔ لا جي سيف سر ۾ سيجي ٿو،
جان جگر جنگ جاري.

2۔ فذکروني اذکرکم،
پرت لڳي اٿم پياري.

3۔ الست بربکم قالو بليٰ،
ياد اسان کي ياري.

4۔ موتو قبلل انت موتو،
ماري وري تہ جيارئي.

5۔ قم بِاِذني جي تہ اشاري،
عرش ڏئي ٿو ني اُلاري.

6۔ من خدايم بات چوي ٿو
باھ عزم تنھنجو باري.

7۔ جام وصال ڪلال پياريو،
مئہ ۾ خُوب خماري.

8۔ احديت جو طبل وڄايو،
نينھن نسنگ نرواري.

9۔ ظاھر باطن حاصل توکي،
ماڳ مدامت ساري.

10۔ اول آخر توڪل سائين،
عاشق ھوندين تون اظھاري.

-

ڪافي 213

ٿلهہ: فوج نيڻن جي باري ۾ حُسن هزاري،
سيف ستن ٿيون ڪيفر ڪاري.

1۔ ديدان دوناليون نوڪ اڙائن،
ترڪش تير چُڻن چوڌاري.

2۔ مزگان برڇيون بان هڻن ٿيون،
چِٽڪيان ڪان ٿهاري.

3۔ ابرو ڪمانا چڪي چاڙهن،
دام زلف ڳل ڳاري.

4۔ منهن مهتاب محراب پيشاني،
بيني الف ڏني ڏيکاري.

5۔ نيڻ شتاب شڪار ڪرن،
مار ڪرن جيئن ماري.

6۔ ملڪ دلين جا شهر ڦرن،
حملا ڪري هسواري.

7۔ الٽي عين نيٽن جي آهي،
آهُو عين خماري.

8۔ توڪل عاشق حُسن ۾ ماهر،
نينهن لايو نرواري.

۔

ڪافي 214

ٿلهہ: عشق امامت شاهسواري، برهہ بهاري.
بار ملامت رمز نياري.

1۔ موتو واري موج ۾،
هوش رکي هوشياري.

2۔ قم بِاِذني امر سان،
مٿي عرش ڪري بيداري.

3۔ اناالحق جو ماري نعرو،
چڙهن سوريءَ سرداري.

4۔ وچ پنهنجي ديس بقاءَ تي،
ٿُرت ڪري تہ تياري.

5_ بيرنگ بحر عميق جي،
ساڻ ولايت ساري.

6_ من خدايم من خدا،
مار طبل تڪراري.

7_ ذات صفات ڪون ٿي ڪري فارغ،
جوش رڪي تہ جباري.

8_ ماڳ مئخاني جي توڪل سائين،
قادر رهہ تہ قهاري.

_

كافي 215

اردو

ٹلھہ: ذاتی نے جلوہ پایا ہے
دم منصوری دم کے بیچ سمایا ہے۔

1۔ جھاتی پاکر اپنا دیکھا نظارہ
اندر باہر ہویا روشن سارا
انحد ناد بجایا ہے

2۔ نینھن نشے نے بیخود کیا
کیفیت کا پیالا پیا
ساقی نے پُر پلایا ہے۔

3۔ اناالحق ہم نعرا مارا
نوبت لاگی ہے نینھن نغارہ
سُولی پکڑ چڑھایا ہے۔

4۔ من خدایم من خدایم
حیؒ القیوم ہَوا دائم
برھین باب پڑھایا ہے۔

5۔ من رآنی فقد رائی الحق
ہادی مجھے تو دیا سبق
اُلٹا سر سمجھایا ہے۔

6۔ توکل سائین آپ پچھانا
ذات صفات سے ہوکے یگانا
مئخانے میں رنگ لایا ہے۔

_

ڪافي 216

ٿلهہ: پنجن گلن سان ٿيو روشن،
چوڏهين طبقين تحت تائين.

1۔ گل محمدﷺ فاطمة الزهريؑ،
اول آخر ڏيندا بحرا،
عليؑ وسي ٿو صاف صحن.

2۔ حَسنؑ حُسينؑ هدايت هادي،
احد احمد نينهن منادي،
هر جاء هر هنڌ ۾ اثبات هجن

3۔ زين العابد باقر،
ابراهيم ۽ جعفر،
اصغر اڪبر ياد رهن.

4۔ ڪاظم رضا ۽ موسيٰ،
تقي نقي صادق،
ڪليو نور سندن.

5۔ ابن قاسم عبدالله مهدي،
آهن احديت جا هادي،
توڪل طالب تن خاصن.

–

ڪافي 217

ٿلهہ: آهين مرغ هواءِ،
عاشق وچ پنهنجي ديس تي.

1۔ تهدلئون پنپور ڪي،
ڏي برهہ جي باهہ.

2۔ موتو واري موج ۾،
لاڳاپا سڀ لاهہ.

3۔ ڪن نہ ڏي ڪرامات ڪي،
اربع عناصر هِتِ نہ اڏاءِ.

4۔ لوح قلم کي ترڪي هل تون،
اڳي قدم وڏاءِ.

5ـ لنگھہ اڳي ظلمات ڪون،
خاص خيال اڏاءِ.

6ـ سواءِ جذب جبار جي،
ٿاھہ نہ پيو ڪو ٿاھہ.

7ـ امن واري ديس تي،
ڪامل ٿي ڪر ڪاھہ.

8ـ پاڻ ڪي ڄاڻ صحيح سڃاڻ،
پيو ناھہ توکان سواءِ.

9ـ ذات صفات ڪان ٿي نيارو،
آھين ھُو ھواءِ.

10ـ لامڪان جو توڪل سائين،
سارو سر ۾ بحر سماءِ.

ـ

ڪافي 218

ٿلهہ: وڃائي وجود، سامي گڏيا گرناٿ سان.

1۔ ويا ويراڳي وجودئون نڪري،
آديسي آڌوت.

2۔ واقف ٿيا وڻڪار جا،
ترڪ ڪري ناسوت.

3۔ رسيا رسولي راز سان،
سڪ ۾ سدا ثابوت.

4۔ نہ مُڙيا منصور مرڻ کان،
سوريءَ چڙهيا موجود.

5۔ فنا في الله جو فرض پڙهيائون،
نفيءَ ڪيا نابود.

6۔ ويا ڪاهوڙي سُجَ تي ڪاهي،
قرب جنين جو قوت.

7۔ گهاريائون جبروت ۾ ميان،
لا ڪري ملڪُوت.

8۔ لنگهي ويا ظلمات ڪان،
حاصل ٿيا هاهُوت.

9۔ واصل ٿيا وڃي وس سان،
لا لنگهيا لاهوت.

10۔ لامڪان ۾ توڪل سائين،
رهبر ٿيا تہ رَبُود.

-

ڪافي 219

ٿلهه: عاشق ڪر اعتبار،
آءُ تہ توکي اوڏڙو آهيان.

1۔ الست بربكم قالو بليٰ،
ڪيئہ قول قرار.

2۔ فذكروني اذكركم،
سڪ جو ڪڻ واپار.

3۔ و في انفسكم سمجهہ اشارو،
دل ۾ ڏس ديدار.

4۔ موتو قبلل انت موتو،
جيئري وجودان ٿي بيزار.

5۔ قُم بِاذني جي امر ۾،
طالب ٿي هوشيار.

6۔ من رآني فقد رائي الحق،
اها آيت آهي اظهار.

7۔ اسم جسم جي ڪري جدائي،
آهين سارو سپ اسرار.

8۔ عبديت جو اولو لاهي،
آهين رب جبار.

9۔ عشق امامت ٿي عنايت،
آهين ساڳيو سو سردار.

10۔ ماڳ مئخاني جو توڪل سائين،
آهين ساقي تون مختيار.

۔

ڪافي 220

ٿلهہ: مست ڪيُئہ منھنجا پرين،
پيالو پياري شراب جو،
شوق ۾ شهيد ٿياسي،
لٿو حرف حجاب حساب جو.

1۔ جام جيلاني ڏنو،
هي فيض ٿيو فياض جو،
خوب خماري نشي ۾،
بيخود جي باب جو.

2۔ حاصل حلاج جو حال ٿيو،
خاصو مقدس خيال ٿيو،
واصل وصل وصال ٿيو،
قلندري خطاب جو.

3۔ من خدايم من خدا،
ناهي ٻيو مون کانسواءِ،
عبديت جو اولو پڳو،
پردو لٿو تہ حجاب جو.

4۔ فرض فنا في الله پڙهيوسي،
موتو واري مام ۾،
ٿيو بقا با الله هميشه،
بحر برهہ ارباب جو.

5۔ لا ڪري توڪل علي،
نڪري وياسي لامڪان،
ماڳ مئخانو ٿيو دائما،
نينهن تنهن نواب جو.

–

ڪافي 221

اردو

ٹلهہ: جام ساقی نے دیا
ہم پُر پیمانہ پیا
مدھوش کر کے ہوش سارائی گیا۔

1۔ خوب خماری ہوئی
پھر مست دیوانہ کیا
موتو قبلل انت موتو
مرنے سے آگے مر جیا۔

2۔ جام جمیعت جاودانی
رنگ لالی کا دیا
چودہ طبق وحدت ولایت
ارض تے روشن کیا

3۔ مئہ طھورا آب کوثر
حیدر نے مجھے ہے دیا
لامکان اُڑ جاتا ہوں
آشیان اوپر سے کیا۔

4۔ ماگ مئخانے مدامت
توکل علی واصل کیا
عرش اعظم عشق امامت
سب تو ہم نے سِر سیا۔

_

ڪافي 222

اردو

ٹلھہ: عشق مذہب اور نہ جانے
دین کفر جل گیا
علم عقل مسل مسائل
بِرہ نے باطل کیا

1۔ عشق لئے جاتا اُتھاں
عرش مُعلا کے اوپر
عشق نے مجھکو
معراج سے واصل کیا۔

2۔ عشق کو ہم جانتا ہے
عشق کو ہم مانتا ہے
عشق نے منزل رسایا
ہمیں راہ کا رہبر کیا۔

3۔ عشق ظاہر عشق باطن
عشق ہے والی ولایت
ارض وسما ہر دو جہاں
عشق نے پرواز کیا۔

4۔ عشق ہے احد عشق ہے احمد
عشق ہے ہادی حضور
عشق ہے میری حمایت
عشق نے کامل کیا۔

5۔ عشق نے توکل علی
اوپر اڑایا لامکان
ما° مئخانہ مجھکو
عشق نے عطا کیا۔

۔

ڪافي 223

ٿلهہ: عشق جي ميدان ۾،
حاتڪ پائن ٿا پير ميان،
نعرا اناالحق جا هڻي،
سوريءَ چڙهن تہ دلير ميان.

1۔ لا ڪري ترڪي هليا،
جسمات ڪان فارغ ٿيا،
قلزم پسي پيهي ويا،
گهاتو لنگهيا ڪون گهير ميان.

2۔ فرض فنا في الله پڙهن ٿا،
چاڙهہ عشق جي چڙهن ٿا،
اڳي عرش عظيم ڪون منزل ڪٽن ٿا،
ڏِيُن سُجَ صفا جو سير ميان.

3۔ درد ۾ داخل ٿيا،
وجي شوق ۾ شامل ٿيا،
واصل وصل ڪامل ٿيا،
حق جو لڌائون پير ميان.

4۔ سر ڏئي منصور سي،
صادق سدا سُرها ٿيا،
بحر بقا بالله جو ماڻن،
باڪا ٿيا مرد مٿير ميان.

5۔ لامڪان آشيانو ڪيائون،
توڪل علي ٿيا غيب ۾،
نينهن جي نوبت وڄي ٿي،
تنهن کي هٿائي ڪير ميان.

-

ڪافي 224

ٿلهہ: ڪامل ٿي ڪري ڪاهجي،
لاڳاپا سڀ لا ڪري لاهجي.

1۔ فذڪروني اذڪرڪم،
وحدت اندر هُل هَلائجي.

2۔ دل دروني جهاتي پائي،
لا جي چوٽ چلائجي.

3۔ موتو قبلل انت موتو،
حڪمت هيءَ هلائجي.

4۔ عشق واري تہ آڙاهہ ۾،
خاڪي جسم جلائجي.

5۔ اناالحق جو ماري نعرو،
سوريءَ تي سر سلهائجي.

6۔ بيرنگ بحر بقا ازل سان،
رهبر ٿي ڪري رمز رَلائجي.

7۔ سر سجاڻي توڪل سائين،
ماڳ مئخاني ملائجي.

–

ڪافي 225

ٿلهہ: جڳت ڪري جوڳي جوڳ ڪماءِ،
هن تہ ڀنڀور ۾ تنهنجو ڇا آهي.

1ـ پاڻهي پنهنجي ذات تون ڄاڻين،
مظهر نور اهو ئي آهي.

2ـ نفي منجهان ڪري اثباتي،
خالص خيال اڏاءِ.

3ـ دنيا عقبيٰ ترڪي هل تون،
سُڃ تہ ڪاهوڙي وڃ تون ڪاهي.

4ـ اڳي تہ عرش عظيم ڪون،
ماڳ تنهنجو مئخانو آهي.

5ـ اپ زمين ذرو اتي نہ آهي،
اهو ديس اصل تنهنجو آهي.

6ـ انا احمد بلا ميمي،
سُخن اوه سردار جو آهي.

7ـ من رآني فقد رائي الحق،
نوبت نينهن وڄاءِ.

ڪافي 226

اردو

ٹلھہ: کہتا ہوں کلمہ انالحق کا
منصور ہو رہا ہوں
سُولی پکڑ چڑھاون
منظور ہو رہا ہوں

1۔ قادر کلال میری
پیر مغان نے دیا
پُر جام ہم نے پیا
مخمور ہو رہا ہوں۔

2۔ پینے جام سیتے
مدہوش ہو رہا ہوں
بیخود ہوں بے سروپا

چکچور ہو رہا ہوں۔

3۔ ارنی تو ہم بلایا
آواز لن ترانی آیا
سینا وہ جوش جلایا
کوہ طور ہو رہا ہوں۔

4۔ عاشق ہوں لامکانی
سر پر کلاہ کیانی
مارون طبل شاہانی
مشہور ہو رہا ہوں۔

5۔ توکل علی یگانا
سب سر تو ہم سمانا
دائم ہوا میخانا
بھرپور ہو رہا ہوں۔

۔

ڪافي 227

ٿلهہ: سرت صراحي ساقي پياري،
برهہ بيخود ٿي آهي بهاري.

1۔ حال حلاجي ٿيو اسان کي حاصل،
سونهي سوري سرداري.

2۔ فنا في الله جو فرض پڙهيوسي،
خوب بقا باالله بهاري.

3۔ العشق نارُ‘ يحرڪ ما سوِيٰ الله،
جاڳيو جوش جگر ۾ جبارِي.

4۔ وحدت وي ولايت،
عشق امامت ثابت سر ۾ سمايم ساري.

5۔ اناالحق جو ماري نعرو،
پنهنجو جذبو ڪيان ٿو جاري.

6۔ عرفت ربي بہ ربي عشق اشارو،
نينهن لايم نرواري.

7۔ من رآني فقد رائي الحق،
ماريم طبل اهو تہ تڪراري.

8۔ ماڳ مئخاني ۾ توڪل سائين،
قادر آهيان قهاري.

۔

ڪافي 228

ٿلھ: عاشق ٻَڌُ عشق جو ڳانو،
من رآني جو مار ترانو.

1۔ برھ واري باھ ۾،
پچي ٿيءُ پروانو.

2۔ نچ ناچو نينهن ۾ نيھي،
شائق شوق ۾ ٿي ديوانو.

3۔ پاڙ ۾ پيھي ڪر تون ثابت،
لامظھر آھين دُر يگانو.

4۔ عرفت ربي بہ ربي عشق اشارو،
مرد ٿي مردانو.

5۔ ذات مقدس اصل آھين،
غيب الثان ۾ ڪر گذرانو.

6۔ ظلماتي ڪون لنگھي اڳانھون،
رھہ لاحد لامڪانو.

7۔ سر سمايو توڪل سائين،
ماڳ مدام مليو مئخانو.

ڪافي 229

ٿلهہ: عشق جُهلي مون سر آيو،
علم مقل ڪل موڪلايو.

1۔ علم عقل جي پاڙ پٽيائين،
حڪم عشق هلايو.

2۔ العشق نارُ‘ يحرڪ ماسوىٰ الله،
دين ڪفر ڪي جلايو.

3۔ اناالحق جو ماري نعرو،
سوري سر سلهايو.

4۔ فرض فنا جو صحيح پڙهيوسي،
لاڳ لاحد اچي لايو.

5۔ من رآني فقد رائي الحق،
احديت الايو.

6۔ شوق شراب شتاب اسانکي،
ساقي عشق پلايو.

7۔ سر سمايو توڪل سائين،
انهيءَ ماڳ مدام ملايو.

ڪافي 230

ٿلهه: درد ڪيو ويراڳي،
رمز انهيءَ دل داڳي.

1۔ سوا ذات سڄاڻ پنهنجي،
آهي نسورو نياڳي.

2۔ فذڪروني اذڪرڪم،
وحدت ۾ ٿي سجاڳي.

3۔ موتو قبلل انت موتو،
مري جياسي جاڳي.

4۔ جوئي هئاسي سوئي ٿياسي،
سائي صورت ساڳي.

5۔ بحر اعظم روح رلايم،
ماڳ انهيءَ ويو ويراڳي.

6۔ لامڪان آشيانو اسان جو،
لاڳ لاحد سان لاڳي.

7۔ ماڳ مئخاني جو توڪل سائين،
سر سمايو ساڳي.

–

ڪافي 231

ٿلهہ: سوئي ساجن سيني سمايو،
روز ازل کون هُيس رايو.

1۔ عشق يوسف کي منجهہ مصر جي،
ڪري بزوو ملهہ چڪايو.

2۔ جلوي عشق جي تاب تجلي،
سينا طور جلايو.

3۔ عشق جي محبت ڪيو محو مجني کي،
رانجهن کي تہ رَلايو.

4۔ سر ذڪريا جي ڪرٽ وهايو،
شاهہ بلاول گهاڻي پيڙايو.

5۔ ڪربلا ۾ پاڪبازن کي،
نينهن نواب ڪُهايو.

6۔ عشق عطار کي قتل ڪرايو،
سوريءَ تي منصور چڙهايو.

7۔ شمس الحق جي کل ڪلائي،
شيرين تي فرهاد مارايو.

8۔ سر صوفيءَ جو نيزي نظاري،
سرمد جو کنڌ ڪپايو.

9۔ بُسطاميءَ کي سبحانيءَ جو،
برهہ باب پڙهايو.

10۔ محبت جي ميدان ۾،
ڪونتل عشق ڪڍايو.

11۔ فرض فنا جو عشق پڙهايو،
وحدت ويءَ ولايت آيو.

12۔ عشق عقاب شتاب اسانکي،
چست چنبن ۾ چايو.

13۔ بحر بقا ۾ عشق ازلي،
منجهہ حضور گُهرايو.

14۔ لامڪان آشيان عشق جو،
خاص خيال ملايو.

15۔ اڳي تہ عرش عظيم کون ميان،
عشق عقاب اڏايو.

16۔ ماڳ مئخاني توڪل سائين،
عاشق سارو سر سمجهايو.

۔

ڪافي 232

ٿلهہ: آهيون مست الست ميثاقي،
ديس امن جي رهون ٿا ياقي.

1۔ وحدت وارو جام پيون ٿا،
عشق ٿيوسي ساقي.

2۔ فرض فنا جو صحيح پڙهيوسي،
بحر بقا ماڻيون ٿا باقي.

3۔ شوق شهادت اسان تي عشق امامت،
سر تي ڇٽ لؤلاڪي.

4۔ لامڪان آشيان اسان جو،
آهيون ملڪ انهيءَ تي عراقي.

5۔ ماڳ مئخاني جي توڪل سائين،
وطن آهيون اوطاقي.

–

ڪافي 233

ٿلهه: پاڻ ڏٺم پاڻ ۾ پيهي،
ساڳي آهيون اسين سيئي.

1۔ العشق نارٌ يحرڪ ما سويٰ الله،
جوش جلايم ديهي.

2۔ موتو قبلل انت موتو پلا،
رمز انهيءَ دل ريهي.

3۔ الفقر فخري والفخر مني پلا،
ڳالهه ٻڌايان ٻي ڪيهي.

4۔ بحر بقا جي موج ٿا ماڻيون پلا،
بات فنا جي ويئي.

5۔ من رآني جو ماريم ترانو پلا،
نوبت وڄايم ويهي.

6۔ ماڳ مئخاني ۾ توڪل سائين پلا،
مرد يگانا آهيون نيهي.

—

ڪافي 234

ٿلهه: ساڳيو سوئي مان آهيان،
آهيان آهيان مان آهيان.

1ـ صحيح سڃاتم وي پاڻ کي پنهنجو پلا،
طرف ٻئي ڪين ڪاهيان.

2ـ لکين ڪروڙين وي پتليون ناهيان پلا،
ڪيڏ مڙئي ڪيڏايان.

3ـ من رآني جو وي ماري ترانو پلا،
حڪمت هيءَ هلايان.

4ـ احد منجهان رون وي هڪ ٿي آيس پلا،
برقعو ميم جو پايان.

5ـ احديت جو وي حڪم هلايان پلا،
اولو عبد جو لايان.

6ـ اول آخر وي باطن آهيان پلا،
ظاهر ۾ ڪير آهيان.

7ـ ماڳ مئخاني جو وي توڪل سائين پلا،
سارو بحر سمايان.

ـ

ڪافي 235

ٿلهہ: چاتيءَ ۾ پاتم جهاتي،
عشق ڪيم اثباتي.

1_ عدم واري ني وي اوٺ پڳي سي پلا،
لائي لا سندي ڪاتي.

2_ موتو قبلل ني وي مري جياسي پلا،
ٿي آهي نِتِ حياتي.

3_ اسم جسم ڪون ني وي فارغ ٿياسي پلا،
ترڪ ڪري جسماتي.

4_ اناالحق جو ني وي ماري نعرو پلا،
لنگهي اڳي ظلماتي.

5_ بحر اعظم ني وي روح رلايم پلا،
ذات رهيوسي ذاتي.

6_ ماڳ مئخاني جا ني وي توڪل سائين پلا،
ڪامل آهيون ڪلاتي.

_

ڪافي 236

ٿلهہ: ساقيءَ جام پياريو،
مٿي عرش اڏاريو.

1۔ نينهن نشي جي ني وي خُوب خماري پلا،
ڪيو وجود ويسارو.

2۔ بي تہ خوديءَ جو ني وي بي سِريءَ جو پلا،
بره باب سيڪاريو.

3۔ موتو قبلل ني وي انت موتو پلا،
ماري عشق جياريو.

4۔ بحر بقا جو ني وي ماڳ مدامي پلا،
بحر سمايو سو سارو.

5۔ ماڳ مئخاني ۾ ني وي توڪل سائين پلا،
ماريو نينهن نغارو.

ڪافي 237

اردو

تلهہ: نُوشہ ویڑھی آیا ہے،
سینے وچ سمایا ہے۔

1۔ من عرف نفسه فقد عرف ربه،
قول اے اللہ فرمایا ہے۔

2۔ الفقر فخری والفقر منی،
سارا سر سکھلایا ہے۔

3۔ غیب السان سون نکل آیا باہر،
صورت سما کر ہو یا ظاہر،
آدم نام دھرایا ہے۔

4۔ الف میم کا پوش پہن کر،
احد سے آیا احمد بن کر،
خاکی خرقہ پایا ہے۔

5۔ اپنا آپ پچھانا توکل سائیں،
لامکان ہوا آشیانہ مدامی،
مئخانہ میں رنگ لایا ہے۔

_

ڪافي 238

ٿلھ: ڪُل باغ چمن گلڪاري ھي،
حُسن بسنت ڪي ھوئي بھاري ھي.

1ـ گل گل رنگو رنگي ساوا پيلا،
گل اناري نرگس نيلا،
ڪيتڪ ڪي ھبڪاري ھي.

2ـ ٽانگر تڪما موتي جر ڦل،
سمن سنبل سوسن گل،
رابيل رُوھ صورت سرداري ھي.

3ـ ارغواني، شاھ زنگي، شاھ پند پياسي،
سورج گل ڪرني گل عباسي،
خوشبوءِ گلاب ڪي نياري ھي.

4ـ گل گلون ڪي سيج سمانا گل،
توڪل عاشق لامڪان ھوا واصل،
ويڪو مئخاني ۾ خوب خماري ھي.

–

ڪافي 239

ٿلهه: عرش مٿي آشيان،
آهي ماڳ اسان جو.

1۔ غيب منجهارون ٿي ڪري ظاهر،
آيس ٿي انسان.

2۔ سانگي پنهنجي آيس پاڻهي،
جوڙي جڳ جهان.

3۔ الانسان سري و انا سره
ڪولي ڏس قرآن.

4۔ ذات قدسي آهيان،
صورت جو سلطان.

5۔ سُڄ صفا آهي سير اسان جو
لاحد لامڪان.

6۔ پاڻ سڃاتم توڪل سائين،
سِرُ آهيان سُبحان.

—

ڪافي 240

ٿلهہ: پنهنجو عرش مٿي ٿا ڪريون پرواز،
شوق اسان کي ٿيو شهباز.

1ـ لا ڪري وياسي نڪري،
برهہ اڏائي باز.

2ـ اناالحق جو ٿا ماريون نعرو،
سيجهہ سوري آهي منهنجو ساز.

3ـ ذات مقدس سر آهيون،
اصل ازلي راز.

4ـ وحدت ولايت روشن سارو،
ديدان پيون ڏُور دراز.

5ـ ماڳ مئخاني جو توڪل سائين،
بحر سمايو بي انداز.

ـ

ڪافي 241

ٿلهہ: پنهنجو اُتي تہ ڪر آشيان.
عاشق وڃ واهيري تي.

1ـ ٽوڙي هن طلسم کي،
ڪر پنپور ويران.

2ـ برهہ واري باهہ ۾،
پچي ٿي پروان.

3ـ ترڪي لوح قلم کي،
سُڃ ڪر گذران.

4ـ لامڪان ۾ رهہ تون نيارو،
لا ڪري تہ جهان.

5ـ ماڳ مئخاني توڪل سائين،
نظر ڌر ڌيان.

ـ

ڪافي 242

ٿلهه: ميم دا ڪرڪي برقعا آيس،
پوش پهن انسان دا، سبحان دا.

1۔ آپي اپنا آپ سجاتم،
رنگ سارا رحمان دا.

2۔ حاصل حال حلاجي هويا،
جوش جذب جولان دا.

3۔ ذات دي وچ ذات رهيوسي،
نُور نظر نيشان دا.

4۔ آپ وچون مئہ پيدا ڪيتم،
ساقي هان مئخان دا.

5۔ سر سمايا توڪل سائين،
عاشق لامڪان دا.

6۔ الا نسان سري وانا سره،
فرمودا هي فرقان دا.

–

ڪافي 243

ٿلهہ:علم عقل نون مول نہ منيندا،
عشق عجب اوقات دا، اثبات دا.

1۔ هر دم لا دي سيف چلاوي،
جنگ اسم جسمات دا.

2۔ چوڏنهين طبقين هوئي روشنائي،
نور نظر تجلات دا.

3۔ انحد نوبت نينهن وڄائي،
غيب الثان ذات دا.

4۔ بحر اعظم واصل هويا،
ذات رليا وچ ذات دا.

5۔ سر سمايا توڪل سائين،
لاحد والي جهات دا.

۔

ڪافي 244

ٿلهہ: انا احمد بلا ميمي،
سخن سچي سردار دا، اعتبار دا.

1۔ آپي اپني مام سڄاتم،
واقف هان اسرار دا.

2۔ انا الحق دا سبق پڙهيوسي،
درس وڏي درٻار دا.

3۔ ظاهر باطن ٿي اثباتي،
نينهن نشہ نروار دا.

4۔ اسم جسم دا ترڪ ڪيتوسي،
هويا نوُر نظر انوار دا.

5۔ سر سمايا توڪل سائين،
دم دم دي ديدار دا.

–

ڪافي 245

ٿلهہ: بيخودي ۾ خود سمايا،
عشق امامت آيا، احديت هلايا.

1۔ ساقي ڪيف ڪُلال پلايا،
جوشان جوش جڳايا.

2۔ بره والي باهہ وچ،
اسم جسم ڪون جلايا.

3۔ آپي اپني ذات سڃاتم،
نور نظر وچ آيا.

4۔ موتو قبلل انت موتو،
شوق شهادت پايا.

5۔ من رآني مار نغارا،
شاهي چوٽ چلايا.

6۔ سُج صفا دا سير ڪيتوسي،
روحي رمز رلايا.

7۔ ماڳ مئخاني دا توڪل سائين،
سارا سر سمايا.

۔

ڪافي 246

ٿلهه: من رآني دا مار نغارا،
نوبت نينهن لڳايا، چوٽ چلايا.

1۔ شامل شوق هڪ هڪ هويا،
روزون روز سوايا.

2۔ دم منصوري موج مقرر هويا،
انا الحق الايا.

3۔ ظلمات ڪنون اڳي لنگهه ڪران،
ٿوڙ عدم ڪايا.

4۔ قطره وچون قلزم هويا،
شيشا عشق اڏايا.

5۔ خوف فنا دا چوڙ سڏاٽا،
خيال امن وچ آيا.

6۔ لامڪان دا سير ڪيتو سي،
دم قدم ملايا.

7۔ ماڳ مئخاني دا توڪل سائين،
سارا سر سمايا.

۔

ڪافي 247

ٿلهہ: عشق پلي ڪري آئين،
ڪٽي منزل مون پهچائين.

1_ هن فنا ڪون لنگهي اڳاهون،
بحر بقا جو ملائين.

2_ وحدت ويءَ ولايت جي،
همت ساڻ هلائين.

3_ اول آخر هوندين هميشہ،
سيني سر سمائين.

4_ بحر عميق ساڻ،
منهنجو روح رلائين.

5_ توڪل هن عاشق ڪي،
رهبر توڙ رسائين.

_

ڪافي 248

ٿلهه: ماروئڙن جون لونءَ لونءَ ۾ لارون،
راتيان ڏينهان سنڀارون.

1۔ فذڪروني اذڪرڪم،
پرتون پُر پچارون.

2۔ وڄن ٿيون وجود ۾،
انحد ترت تنوارون.

3۔ نت اباڻي ڏيهڙي،
روز روئان پئي نِهاريون.

4۔ موٽي ملڪ ملير تي،
موڙي ماڳ مهارون.

5۔ اصل واري ديس تي،
واحد واڳون واريون.

6۔ بحر بقاء جون توڪل سائين،
هاڻي برهه بهاريون.

۔

ڪافي 249

ٿلهه: آيو عشق جو سر احوال،
آهيون پاڙهي پاڻ خيال.

1ـ فذڪروني اذڪرڪم،
واحد وحدت عمل اعمال.

2ـ وذڪر ربڪ في نفسڪ،
دم جي درد ڏمال.

3ـ وطن واهيري پنهنجي،
رهبر ٿيون رهوال.

4ـ ٻآري ٻارڻ عشق جو،
تنهن ۾ پچي ٿيون پائمال.

5ـ موتو قبلل انت موتو،
ڪيڏو ڪوڏ ڪوال.

6۔ فَاِنَّمَا تُوَلُو فَثَمر وَجَهُ الله،
سارو نور جمال

7۔ اناالحق جو ماري نعرو،
منجهون جذب جلال.

8۔ بحر بقا ماڳ مدامت،
بحرو ٿيو برحال.

9۔ اڳي تہ عرش عظيم کون،
پنهنجو کيون ٽا نيڪال.

10۔ بيرنگ بحر عميق ۾،
اسان جو وصل وصال.

11۔ ماڳ مئخاني جو توڪل سائين،
ساقي ڪيف ڪُلال.

۔

ڪافي 250

ٿلهہ: جي تون پاڻ سڃاڻين پنهنجو،
آهين پاڻهي پاڻ امام.

1۔ قالو بليٰ جي قول جو،
اصل هيو انجام.

2۔ مري جيءَ تہ ماڻين،
بحر بقا جو انعام.

3۔ ڇڏ مذاهب دين ڪي،
ترڪ ڪفر ايمان.

4۔ جدا ٿي جسمات ڪون،
نڪري ڏانهن ميان.

5۔ شوق شهہ تي شهيد ٿي،
ڇا قبر ڇا قيام.

6ـ هٿون ڪيف ڪُلال جي،
پري پيءُ جام.

7ـ سر معنيٰ سر ۾،
سر ڪي ڪر قتلام.

8ـ اڳي عرش عظيم ڪون،
ڪڻ گاروڙي گام.

9ـ رهه امن جي ديس تي،
عاشق ٻَڌُ احرام.

10ـ توڪل سائين ساقي عاشق ٿيو،
هر جاءِ تنهنجو جو حڪام.

ـ

ڪافي 251

ٿلهہ: عاشق سدا مخمور ٿيو،
سينو سينا طُور ٿيو.

1۔ اڳي نفي اثبات کان،
پنڌ پرانهون ڏُور ٿيو.

2۔ بيخوديءَ جي بحر ۾،
ڇهچٽو چڪور ٿيو.

3۔ عاشقن جي فوج،
موج ۾ مشهور ٿيو.

4۔ سولي سر معراج ڪيو،
مرد سوئي منصور ٿيو.

5۔ قلب کعبو قدسي،
پاڻهي پاڻ حضور ٿيو.

6۔ پڙهي فرض فنا في الله جو،
بحر بقا جي وصول ٿيو.

7۔ مٿي مئخاني ماڳ جي،
ملڻ ذوق ضرور ٿيو.

8۔ دُر يگانو غيب الثاني،
بات مدامي معمور ٿيو.

9۔ سر سمايو توڪل سائين،
نازل تجلي نور ٿيو.

_

ڪافي 252

ٿلهہ: دم دي چوٽ لڳايا،
توڙ عدم دي ڪايا.

1۔ آپ پڇاڻ ٻاجهون عاشق،
هرگز ٻيا پنڌ اجايا.

2۔ عشق عَقاب شتاب اسان نون،
چست چنبان وچ چايا.

3۔ فيض رساني هادي ڪيتي،
ساقي سرڪ پلايا.

4۔ وچ ميدان محبت والي،
ڪونتل عشق ڪڏايا.

5۔ اناالحق دا مارڪي نعرا،
سولي دا ڪرڪي سايا.

6۔ من خدايم من خدا،
نينهن نواب الايا.

7۔ من رآني دا يارو اسان نون،
برهين باب پڙهايا.

8۔ اسم جسم دا ترڪ ڪيتوسي،
لاحد خيال اڏايا.

9۔ آپ پڇانا توڪل سائين،
بحر اواگهه سمايا.

۔

ڪافي 253

ٿلهہ: طالب ويا اتي ڪاهي،
جتي قبل ماضي ناهي.

1۔ ويا ڪفر اسلام کان،
مسجد مندر ڊاهي.

2۔ حد لنگهيا شريعت جي،
سوري سر سنباهي.

3۔ موتو واري موج ۾،
شوق شهادت پائي.

4۔ ترڪ ڪيائون طريقت کي،
حق تنين حاصل آهي.

5۔ فارغ ٿيا هن فرض کان،
عشق امام بنائي.

6۔ محو ٿيا معرفت ۾،
خالص خيال سمائي.

7۔ توڪل سائين بحر عميق،
پنهنجو ويا روح رلائي.

۔

ڪافي 254

ٿلھ: ھم ھون عشق ڪا درياھ،
سراسر سر سمانا ھي.

1۔ تحت سي فلڪ اوپر،
سڀوئي روشن شمانا ھي.

2۔ ترڪ چوڏھن طبق ھويا،
بحر اعظم بي پايان ھي.

3۔ ماريم اناالحق ڪا نعرا،
يھي نوبت بجانا ھي.

4۔ لاحد ڪي سير ڦرتي ھون،
مدامي آشيانہ ھي.

5۔ بحر بيرنگ بقا باالله،
اوئي ميرا ٺِڪانا ھي.

6۔ پڇانا آپ ڪون توڪل،
غيب الثان مئخانہ ھي.

—

ڪافي 255

اردو

ٹلھہ: احد سے بن آیا احمدؐ
بنی آدم بَہانا ہے۔

1۔ الف تے میم کی چادر
رنگی پوشاک پہانا ہے۔

2۔ صحیح صورت ہے بسم اللہ
الانسان سمانا ہے۔

3۔ ھو الاول ھو الآخر
یہ ہی تو ہم پہچانا ہے۔

4۔ توکل لامکان واصل
مدامی آشیانا ہے۔

-

ڪافي 256

ٿلهہ: واه يار تيڏي هي ياري،
تيڏي پرت لڳي سانون پياري.

1ـ يار ياراندي ياري ٻاجهون،
هويا نحس ناري.

2ـ يار ياراندي حاضر ناظر،
هوئي خوب خماري.

3ـ يار ياران تو اولي گهولي،
بيحد هوئي بهاري.

4ـ يار ياران نون سبق پڙهاوي،
هويا اناالحق اقراري.

5ـ يار ياراندي مرد بهادر،
هوئي نيزي سر هسواري.

6ـ يار ياراندي اول آخر،
هرگز هوئي اظهاري.

ـ

ڪافي 257

ٿلهہ:هر جاءِ هادي حڪم هليندا،
فيض محمد شاهہ دا، انباهہ دا

1۔ فائض فيض رساني ڪردا،
وحدت دي درياهہ دا.

2۔ جام جنهين دا جوش جڳيندا،
جذب جلال الله دا.

3۔ هر مظهر وچ طَبل وڄيندا،
دم منصوري درگاهہ دا.

4۔ چوڏنهن طبق روشن سارا،
ساڳا سر الله دا.

5۔ عشق امامت آپ اليندا،
احديت دي ارواح دا.

6۔ والي ويءَ ولايت هويا،
بحر بقا باالله دا.

7۔ ذات صفات وچ هويا ماهر،
ڪامل قرب ڪُلاه دا.

8۔ آپي احد احمد هويا،
روح رسول الله دا.

9۔ صاف بگن وچ ثابت هويا،
توڪل نون ويساهہ دا.

ـ

ڪافي 258

ٿلهہ: ڪفر ناهي اسلام،
عشق اسان جو آهي امام.

1_ مذهب ملت جو جلايا،
ڪپي ڊُوئيءَ جو دام.

2_ برهہ ٻاري علم عقل کي،
پنهجو هلائي حڪام.

3_ اناالحق جو ماري نعرو،
سوليءَ تي سر انجام.

4_ بيخوديءَ ۾ خود پايم،
جُنگ پيون ٿا جام.

5_ لامظهر آهيان نور نيارو،
غيبئون آيو الهام.

6ـ موتو واري موج ۾،
پاڻ کيم قتلام.

7ـ الست بربكم پاڻ چيو،
قالو بليٰ انجام.

8ـ فرض فنا جو صحيح پڙهيوسي،
ٿيو بحر بقا انعام.

9ـ لا چئي کري وياسي نکري،
عرش عظيم گام.

10ـ سر سمايو توکل سائين،
مئخاني ماڳ مدام.

ـ

ڪافي 259

ٿلهہ: ترڪ ڪري صفات،
هڻ تبي پنهنجي ذات ۾.

1۔ عدم واري اوٽ پيچي ڇڏ،
لائي لا جو ڪات.

2۔ بحر اعظم جو آهين پکيئڙو،
آئين کهڙي اوقات.

3۔ جيڏانهن آيو آهين وچ تيڏانهين،
نور ماڻي تجلات.

4۔ وچ واهيري پنهنجي،
بشر ڇڏي بشرات.

5۔ ديس امن جي رهہ تون نيارو،
آجو ڪان جسمات.

6۔ عرش عظيم کان لنگهي اڳانهون،
ٽوڙ طلسمات.

7۔ ذات رلائي ذات ۾،
ڪائي ڪُل خطرات.

8۔ سر سچاڻي توڪل سائين،
لاحد پائي جهات.

۔

ڪافي 260

ٿلهه: جامان پا آيس لاثاني انساني،
ساڳا سر سبحان دا، قول هي قرآن دا.

1۔ وچ احد دي ميم رلايم،
جوڙيم جملي جهاني.

2۔ احد وچون بن احمد آيس،
اصل غيب الثاني.

3۔ من رآني دا طبل وڄايم،
ڪيتم حڪمراني.

4۔ بحر اعظم دا مين دُر يگانا،
ملڪ امن آشياني.

5۔ ذات مقدس ازل مين هون،
اعليٰ اعظم شاني.

6۔ سيني اساڏي جذب جاري،
سارا ارض رباني.

7۔ آپ ڪون آپنا آپ وڪايم،
جلوه نور نوراني.

ڪافي 261

ٿلهہ: مون ڪي منهنجو يار مليو،
دل اندر ديدار ٿيو.

1۔ شيخ مشائخ پير بزرگ،
حيرت ۾ حيران ٿيو
جلوه ذات حُسن تجلات ٿيو
ناٿ نانگو نينهن نسنگ نروار ٿيو.

2۔ عشق امام اسان جو اڳي روز ازل ڪون،
جنهن علم عقل کي ڏُور ڪيو
دين ڪفر جا مذاهب بره اڇي باطل ڪيا،
اذان اناالحق چئي سولي سر سلهيو.

3۔ منطق فقه فارسي،
ڪنز قدوري نه ڄاڻي،
عرش اڏاري عرش تي خيال ويو
بيرنگ برهہ بقا جو انجام ٿيو.

4۔ توڪل علي سڀ سر سمايو
ويران گهر آباد ڪيو
جام ساقيءَ پُر پياريو
دائما مئخاني مدام لامڪان ٿيو.

۔

ڪافي 262

ٿلهہ: ٻئي سڀ ڪوڙي خساري،
عشق هوراندي لمبي پساري.

1ـ سُورهہ سُولي ڪُڏ ڪُڏ آون،
گيت اناالحق اعليٰ ڳاون،
نينهن مريندي نعري.

2ـ ملان قاضي سبق پڙهاون،
پڙهہ پڙهہ علم عمل نہ پاون،
ناري جوني ساري.

3ـ دم دم لادي چوٽ چلاون،
عشق دي بازي عاشق چاون،
موتو تند تنواري.

4۔ عدم والي اوٺ پِن ويندي،
اسم جسم ڪنون ترڪ ڪريندي،
فائق ويندي اوياري.

5۔ درياه وحدت دي تر تر جا وڻ،
عرش عظيم تي خيال اُڏاون،
لاحد ڏيندي اولاري.

6۔ توڪل سائين سر سماون،
ذاتي دي وچ ذات رَلاون،
عاشق هوندي نياري.

_

منقبت
حضرت مولا علي مشڪل ڪشا

ٿلهه: يا علي دم يا علي
هادي حضرت شاهه علي

1ـ علي اسان سان حاضر ناظر آهي،
هر ويلي همراهه علي

2ـ علي اسان جو وارث آهي،
شامل شهنشاهه علي.

3ـ علي اسان جو رهبر آهي،
پانهه پشت پناهه علي.

4ـ علي اسان کي جام پياريو
منجهان وحدت جي درياهه علي.

5ـ علي ساقي حوض ڪوثر جو آهي،
مظهر العجائب وجه الله علي.

6۔ علي اسان کي عرش اڏاريو
کري واصل بقا باالله علي.

7۔ علي مالڪ ملڪ ڪُل آهي،
هر مظهر جو شهنشاهہ علي.

8۔ علي اسان جو قادر آهي،
علي الغالب اسدالله علي.

9۔ شان عليءَ جو بيحد بالا آهي،
اعليٰ اعظم يدالله علي.

10۔ توڪل عليءَ ۾ ماهر آهي،
ويو رڳ رڳ ۾ تہ سماء علي.

۔

فقرنامو

فقير کس کون کهتي هين بتائون
تم ني سانگ بنايا کيا تم فقير پايا؟
نهين فقيري گيڙو رڱاوڻ
نهين کننا کولابا پاوڻ
نهين فقيري اچي اچي ناد بجاوڻ
نہ گلوبند نہ گودڙيہ
نهين فقيري ڳانا پاوڻ
نهين فقيري داڑهي دي وال مناوڻ.
نهين فقيري گهونگهٽ پاوڻ.
نهين فقيري وظائف کماوڻ.
نهين فقيري مهر لڳاوڻ.
نهين فقيري جماعت بناوڻ.
نهين فقيري سبق پڙهاوڻ.
نهين فقيري بانگان چانگان مارڻ.
نهين فقيري ذکر فکر کماوڻ.
نهين فقيري کشف کانيان چلاوڻ.
نهين فقيري صوفي صاف سڏاوڻ، ڳلي ڳلي وچ ڳاوڻ.
نهين فقيري کوئي بيک بناوڻ.

فقري تو ايسي هي جو جيتي جي مرجاوڻ
عشق دي خواري چاوڻ
سارا سر سماوڻ تي قدم اڳون تي پاوڻ
اناالحق الاوڻ ’وسقاءُ ربهم شراباً طهورا‘
توڪل علي سرڪي سُرت جڳاوڻ
اپڻي وچ درسن پاوڻ

–

فراق نامو

حضرت آدم صفی اللہ

ٹلھہ: پلا ساقی مجھ کو جام وحدت
شراب شوق شیشے پر شربت۔

عرش اوپر مجھ کو لے اڑاوٗ
عنایت کر بقا باالله دکھاوٗ۔

تو ہے محبوب اللہ کا پیارا
تو ہے نور سری سر نیارا۔

زیارت اپنی مجھ کو کراوٗ
بقا کے ساتھ میں رہ رُوح رَلاوٗ

قدح پر کر ساقی پیالا پلایا
موتو قبلل کرکے ترک کایا

نینھن نشے نے بیخود مست کیا
عقل اور ہوش سراسر ڈوب گیا

بڑا دریاہ عشق کا ہے دیوانہ
پکڑ تُرہا توکل ہُوا روانا

کہر کنارہ نظر اس کا نہ آیا
بحر نگھوسار میں عُشاق آیا

بحر اُس کا جو ہم ہے دُر یگانا
مقدس ذات ہوں ہم نور نیشانا

نہیں طاقت فرشتوں کی بحر اس میں سوآوے
انا سری و سر اسرار سماوے

اصل اول احد اور ایک اللہ تھا
بنی آدم فرشتا نہ تجلا تھا

احد کے بیچ میں نُقطا رلائیں
الف کو میم کا بُرقعا پہنائیں

اصل اول اکیلا تھا نیارا
نقش صورت بنا کیتس نظارہ

احد او میم جلوہ پائیں
صورت وہ ہی پاک احمد نام کمائیں

ہے وحی صورت آیا قطب تارے
مدت کتنی کیتے اس دن گذارے

رہا اوہ بیچ تھا یاقوت لعلاں
زمرد کے بیچ اور طوطے مثالاں

اسی صورت سے قطرے کل جدا ہوئے
فرشتہ کوئی انبیاء کوئی اولیاء ہوئے

زمین کوئی آسمان کوئی دریاہ بنایا
کوئی چاند کوئی ستارے کوئی شمس کھڑایا

فراقی ہوکے اللہ 'کُن' کہایا
مٹی کا جوڑ بنگلا خوب بنایا

پانی ظلمات کا چُنا لگایا
وہی صورت سو مُنہ لے آپ الایا

کیا فرمان فائق نے ملائک کو
کرو ساجد تم اس نور آدم کو

بائیں پسلی سے حوا کو بنایا
حوا آدم کو بہشتوں میں منگایا

بہشت کے بیچ آ آسائش کیا
خداوند بڑا احسان کیا

بہشت کے بیچ ہوا لکھ سال آدم
حوا آدم نے کھایا دانا گندم

پلیتی کے سبب باہر نکالا
حوا مشرق آدم مغرب سدھایا

مسافر ہو رہا مسکین آدم
پڑا شب روز تھا غمگین آدم

ذکر لا الہ الا اللہ بُلاوے
اللہ آدم کو ہوا سے ملاوے

حوا آدم کو لے کر رب ملایا
ملائکون مل نکاح اس کا پڑھایا

ہابیل قابیل پُتر آدم سے جائے
جگت ساری خلقت ساری آدم سے آئی

سوا لکھ نبیاں نے کہا ظاہر ظہورا
محمد کا جلوہ اوپر غالب ہوا

نبیوں کا اولیاؤں کا مغان ہے
آخر زمان ختم الانبیاء ہے

–

ٿيھ اکري

الف: الف لام ھکو ھک نام الله دا اندر ميري رھيا.
ھردم نال الله دي ھويا ٿيوسي سانگ سجايا سيھا
الرحمان الرحيم مين رند الايا آيا روح ميڏي کون ريھا
کل شيءٍ ناطق با الحق اھوئي ٻيا چلدا پلدا کيھا
اي اوھيکوئي ھويا توکل علي من نال الله دي ھويا.

ب: ب بات برھ اثبات بتايا اسان نون
نينھن نواب رھين باب پڙھايا اسان نون
وسقاءُ ربھم شرابً طھورا بيخود جام ساقي پُر پلايا اسان نون
بحر بيرنگ بقا باالله وکايا اسان نون
بحر اواگھ بي پيان توکل علي سر سمايا اسان نون

ت: تحقيق ترک طمع تايات مين کيتا
پير مُغان دي ھٿون گھن شوق شراب پرت پيالا مين پيتا
وانا اليه راجعون جيندي مر مين جيتا
مار نعرا اناالحق دا سر سولي تي مين نيتا
توکل علي ارشاد ٿيوسي جو سارا سر مين سيتا

ث: سلاسڪ دا اصل سيني ميڏي ڄايا
اڳي تہ عرش عظيم ڪنون، ثابت سڳا اتي مين ساهيا
سبحاني مَا اعظم شاني، سڀ سر مين سمايا
ڪل شيءِ اندر توڪل علي مين آپ الايا.

ج: جان جهان دي دعويٰ عشق ڇڙوايا
موتو قبلل انت موتو اسان نون مار جوايا
جوڳي هوڪي جڳت مين ڪيتا مين جوڳي جوڳ ڪمايا
وجودي هردي اندر مين جامع جوڙ بنايا
جسمات صفاتي نون توڪل علي مين جوشان وچ جلايا.

ح: حوال بره برحال اسان تي آيا
هادي پير هدايت ڪيتي احديت سنجهايا
ايڪ ايڪائي هوئي مين هُو دا هُل هَلايا
اندر هُو ٻاهر هُو مين هُو دا مُشڪ سوايا
انا احمد بلا ميمي مين شاهي چوٽ چلايا
لتا هل حساب حشردا، توڪل علي مين هُو وچ هُو سمان.

خ: خول خفي جلي ڪر روشن اتي قدم پايم
اڳي اخفا ڪنون لنگهہ ڪراهون خاص خيال اڏايم
لا خوف عليهم ولاهم يحزنون اها آيت عشق الايم
خطري خوف رُجا دي هڪ لا سيتي سڀ لاهيم
جاءِ بجاءِ حق موجود هڪوئي هويا توڪل علي مين خضر بن ڪي آيم.

ڊ: دال دير مين دل ڪون ڪيتا جو مرد ٿيوسي مردانا
دل دا دلبر دل وچ هويا اور نهين ڪو پڇانا
ٽوڙيم دام دُئي ديان دواليان سپ سر مين دلدار سمانا
فَاَنّ فَختَ مرُوحِي دا هرگز چوڙ بهانا
پي دُنگ دارون دا مخمور رهيوسي توڪل علي عاشق دُرس ديوانا

ذ: ذڪر وچ ذاتي وهم وجود مين زوال ڪيتا
آپ ڪون آپ وڪاوڻ ڪيتي زيارت ضرور مين ديدار ڪيتا
من رآني فقد رائي الحق صحيح سخن اهو سردار ڪيتا
قال رسول فرمايا مين اُنهن تي اعتبار ڪيتا
توڪل علي نيزي اتي نينهن نظارا مين اظهار ڪيتا.

ر: رضا وچ رب دي ڪيتم روح ڪون راضي
سردا سودا ثابت رهيا اها ڪيتم قلابازي
عشق اساڏا رهبر هويا اها برهہ بنائي بازي
دم منصوري ٻاجهون اور نہ روءِ رازي
عرفت ربي بربي اپنا شوق ڪيتم شهبازي
توڪل علي بازي دي وچ سر ڏيوڻ هوئي سرفرازي.

ز: ذڪر ذاتي وچ ظاهر باطن جلايم جگر جيرا
دوست ڏنوسي جنهن دا دل وچ هويا ديرا
اسان نون ذوق زياده هويا اهو عشق وڪايم ويرا
اپنا نور حضور ظهور ڏنوسي اهو سمجهہ ڏنوسي ڦيرا
فڪان قاب قوثين او ادنيٰ ڪنون اڳي لنگهہ گيا خيال ميرا
زينت زيب بشر وچ توڪل علي اهو ڳول لڌوسي پيرا.

س: سيوئي سير ڪيتوسي صاف صفا ڪر سينا
ياسين صورت سر اهوئي اندر مڪا ويک مدينا
من عرف نفسه فقد عرف ربه تحقيق اها تسلينا
خلق الانسان عليٰ صورته قول هي قرآن سبينا
سيف ستي سرواهي لا دي توڪل علي لاٿم ڪس قلب دا ڪينا.

ش: شامل شان شريعت شائق رهيوسي،
عشق شوق شهادت دي شادي ڪيتوسي،
والي وي ولايت وحدت احديت دا هادي ٿيوسي،
انا رب بلا عين رهيوسي شور شراب شتاب بي حجاب پيتوسي،
محو ٿي وچ مئخاني دي توڪل علي عاشق عشاق شهباز رهيوسي.

ص: صواد سيوئي نفسي ساءُ سواد مين ڇوڙيا،
عشق تنبو تولان قناطان، آڻ اندر وچ ڪوڙيا،
ڏوه ثواب ڪنون اڳي لنگهه ڳيوسي، اهو عشق لايوسي لوڙيا،
سوال جواب ڪيها پڇسن جو مين ڪيڙيان ڪنون سڱ توڙيا
طالب الموليٰ مذڪر پيغام مين اهو پروڙيا،
حاصل حال حلاجي هويا توڪل علي مين سر سولي تي ڏريا.

ض: ضعيف درد دل وچ ميڏي هويا دائم،
عشق اساڏي عريان جو ڪيتا مين بحر بقا وچ آيم
هو الظاهر هو الباطن قرب هويا اهو قائم
هو الاول هو الآخر نازل اسان تي نينهن هويا نائم،
ڪل شيءِ يرجعون الاصله آيت اها آيم
وچ درگاهه عشق دي توڪل علي اپنا نام ڏرايم.

ط: توبھ مين ڪيتا ترڪ طمع دي تات ڪنون
تن وچ تار طريقت هويا واقف ٿيوسي معرفت دي تعيات ڪنون،
عشق اسان نون الهام جو ڪيتيوسي درجات ڪنون،
عرش اتي پرواز مين ڪيتا اڳي لنگھ ڳيوسي ظلمات ڪنون.
عشق توڪل علي اثبات مين ڪيتا جو پيالا پيتم آب حيا ڪنون.

ظ: ظاهر ذاتي ذوق زياده اسان نون آها روز ازل ڪنون،
الست بربڪم قالو بليٰ مين آکيا قول ڪيتا مين اصل اول ڪنون.
قم بِاِذني ڪر اشارا زنده هويا مين عشق والي اوقات ڪنون،
زيل (حيل) زحمت توڙ ڳيوسي اڳي اظالات ڪنون
ڪثرت ساري وحدت هوئي توڪل علي اها خبر پيوسي نفي اثبات ڪنون.

ع: عيان حقيقت حاصل ٿيوسي صاف صفا آئينہ ڪيتوسي.
گھن آئينہ احديت والا، حق دي نال رهيوسي
خلق الاشياء وهو ماکم عينه سارا سر ٿيوسي
ريت ربي بعين ربي دل وچ دوست رهيوسي
هرجاءِ توڪل علي هڪوئي حق پاڪ ڏٺوسي.

غ: غير تہ دل تون لاسيتي مين لاٿا
ربخت بيا ڪوئي نہ رهيا مين عين آئيني پاتا
فَاَينَّمَا تولو فثم وجه الله هر جاءِ نظر هڪ آتا
عين عينان وچ رليان مين صورت صاف سجاتا
توڪل علي هُڻ غم نہ ڪوئي غيب الثان سيوئي مين سر سماتا.

ف: فڪر فراق رباني دي وچ فاني ٿيوسي
فرض فنا في الله دا ثابت صحيح پڑھيوسي
هڏ، چمچ، لحم، اسم، جسم ڪنون ب فارغ رهيوسي
الا فيها والا يحيٰ لا يموت اهو سر احوال آيوسي
فهميدا فائق دا فضل في الحال ٿيوسي
فنا بات بقا هوئي توڪل علي اهو فائض فيض فياض ڪيتوسي.

ق: قائم ڪيفيت دا ساقي آپ ڪُلال ٿيوسي
وچ مئخاني دي قائم قدم مدام ڏريوسي
بيرنگ بحر بقا باالله وچ ڪل شيءٍ قدير قادر قهار رهيوسي
هُو هوا وچ اپنا دائما دم رَليوسي
سر سمايا توڪل علي لامڪان آشيان ڪيتوسي.

ڪ: ڪفر اسلام ڪنون اڳي لنگهہ ڳيوسي
ڪافيا ڪنز قدوري ڪشف قبوري نون ٻي چور ڳيوسي
ڪوڑي دين مذهب فرق ٻيائي وادي وحدت دي وچ ٻوڙ ڳيوسي
مرشد ذاتي معنيٰ وچ قلب دي ڪوڑ ڳيوسي
ومن ڪان في هٰذهٖ عما فهو في الاٰخرت عماً..... سر سيوئي ٻڇاڻ ڳيوسي،
عشق وچون ٻهون ڪفايت هوئي توڪل علي جو آپي ڪعبہ قدسي حج حضور رهيوسي.

ل: لا مظهر مين هون نور الاهي
لامڪان مڪان اسان ڏا مين لاڳ لاحد دي لائي
لؤلاڪ اما خلقت الافلاڪ هي روشن اساڏي بادشاهي
ڪل سيرو في الارض هويا اساڏا سير سيوئي
عشق توڪل علي الهام ٿيوسي جو سڀ ٿئي نور صفائي.

م: محمد پوشاک اساڏا جو مين جاما جوڙ بنايا
احد احمد والا مين خاکي فرقعا بنايا
هر جاءِ جلوه ميڏا هويا مين هوکا حق گهمايا
الانسان سري و انا سره مين سارا سر سمايا
مار نغارا احديت والا توکل علي مين اناالحق الايا.

ن: نسنگ ماريم نينهن نغارا مين هون نرمل نور نبي دا نيارا
عشق اسان نون انعام جو کيتا ديس امن دا سارا
انت معي و انا معک کيتا پرت پسارا
اڳي تہ کن فيکون کنون کيتا مين اوتارا
نينهن نظارا مين آپ پڇانا توکل علي ماريم حق دا نعرا ٿي نروارا.

و: واعظ عشق دا دل وچ رهيوسي
وادي وحدت دي وچ لُڙهہ ڳيوسي
وادي وحدت ويءَ ولايت دا والي ٿيوسي
قطره قلزم دي نال رليوسي
و في انفسکم افلا تبصرون وچ وچولي وسدا هڻ سيوئي شق لٿوسي،
توکل علي واحد دي نال وصل وصال کيتوسي.

هہ: هوا دا مين مُرغ هويا اسان نون حُب وطن دي آهي
جو کجهہ هاسي سو وچ ٿيوسي ساڳا سر الاهي
لا مقصود في الدارين اها برهين بات بتائي
جبروت ملکوت هاهوت لاهوت اتي هوئي اساڏي روشنائي
حال عشق احوال اسان تي آيا توکل علي اي حکمت هلايم شهنشاهي.

لا: لا پڙهہ لاهوتي ٿيوسي اها لوڪان ڪل نہ ڪائي
دم قدم عددم نون مين لا دي چوٽ چلائي
لا ڪنون اڳي لنگهہ ڳيوسي مين لاڳ لاحد دي لائي
احد احمد هڪ رهيوسي مين احديت هلائي
ان اولياء الله لا يموتون اها برهين بات بتائي
لامڪان واصل نازل ٿيوسي توڪل علي ٿئي سالم سُج صفائي.

ء: الله هڪ نام اسان نون هادي حق سمجهايا
اهو طريقہ احد احديت والا اسان نون ڀهون خوش آيا
الفقر فخري والفخر مني، ٿيوسي راز رباني رايا
و نحن اقرب اليه من حبلل الوريد، رڳ رڳ دي وچ رب سمايا
الفقر ذات مع الله، توڪل علي اعليٰ عشق اوگاهيا.

ي: يقين اسان نون اهوئي هويا جو لامظهر مين هون دُر يگانا
نينهن اساڏي نشان جو ڪيتا بحر اعظم آشيانا
بحر بيرنگ بقا باالله وچ امر عمال نهين آنا
ديس امن دي ياقي ٿيوسي، يڪدل مرغ شاهانا
غيب الثان وچ حَيٌ القيوم توڪل علي باقي بحر رهيوسي بقائي.

♦♦♦

صوفي خادم حسين ڏهوٽ "خالق" عرف فقير سائين سنڌ جي اُن فڪري ۽ روحاني روايت جو زندهہ تسلسل آهن، جتي علم ۽ عشق گڏجي انسان دوستيءَ جو پيغام ڏين ٿا. پاڻ صوفي شاعر، محقق، مرتب، سماجي اڳواڻ، وڪيل ۽ فلسفي ڊاڪٽر طور سڃاتا وڃن ٿا، جڏهن تہ سندن اصل سڃاڻپ هڪ صوفي مزاج دانشور جي آهي، جيڪو فڪر کي عمل سان جوڙي سماجي شعور کي بيدار ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. فقير سائين پنهنجي قلم ۽ عملي جدوجهد وسيلي محبت، رواداري، انساني حق ۽ هم آهنگيءَ جي قدرن کي فروغ ڏنو آهي.

صوفي خادم حسين ڏهوٽ نہ رڳو نظرياتي طور صوفي وحدت الوجود فڪر جا ترجمان آهن، پر عملي طور پڻ هڪ مشق ڪندڙ صوفي مرشد آهن. پاڻ صوفي خانقاهہ "خادميہ" جا باني آهن ۽ قادريہ، صديقيہ، مولويہ ۽ اويسيہ سلسلن سان روحاني وابستگي رکن ٿا، جتي ذڪر، فڪر، خدمتِ خلق ۽ اخلاقي سڌاري کي مرڪزي حيثيت حاصل آهي.

سندن ادبي ۽ فڪري ڪم ۾ همہ اوست صوفي شاعري، تحقيق ۽ تدوين شامل آهن. سندن تحريرن ۾ سنڌي صوفي روايت جي خوشبو سادگيءَ جي سچائي ۽ جديد دور جي سوالن جو گهرو ادراڪ نمايان آهي. سندن فڪر جو مرڪز انسانيت آهي ـ جتي محبت کي مذهبن کان مٿانهون، وحدت کي فرقن کان اوچو ۽ رحم کي هر نفرت جو علاج قرار ڏنو ويجي ٿو.

(فقرا صوفي خانقاهہ خادميہ، خيرپور)

ISBN 978-969-23964-2-3

978-969-23964-2-3

HAMA UST
همہ اوست

naeemdeswali